# سوجهرو

## سينگار ريندڙ

عطا محمد ڀنڀرو
شيام ڪمار
ڊاڪٽر رسول ميمڻ
ج.ع.منگهاڻي
انور شيخ
لطيف نوناري
سراج الحق ميمڻ
فريده شفيع
امداد حسيني
فياض لطيف
گلزار
ساٿي محبوب
منظور ڪلهوڙو
عزيز ڪيڇ راڻي
راڄن مگريو
ڊاڪٽر مشتاق ڦل
امين ڀٽو
حيسب ڪانهيو
حنيف عاطر
مصطفيٰ اثر
بشير سومرو
ڊاڪٽر شير مهراڻي
تاج بلوچ ۽ پيا



## ج.ع.منگهاڻي ڪارنر- سالگره مبارڪ

روشنيءَ جو سفر: منگهاڻي صاحب جو خاص انٽرويو

177

سال:15. شمارو:177. قيمت: 50 روپيا. ڏيساور ۾ ساليانِي قيمت: 50 آمريڪي ڊالر

## ٽِم ٽِم پليز...

25 ڊسمبر، مانواري سائنٽ ج.ع. منگهاڻي صاحب جي جنم جو ڏينهن آهي. ڪيس، نثر، نظم، تنقيد ۽ پٽائي جي لسانيات تي عبور حاصل آهي. غنايت ۽ شعري ادراڪ ۽ فن جون حسناڪيون هن جي وجدان جي صفتن جو معجزو آهن. ۽ پاڻ مهڙ ڪان ئي، 'سوجهرو' جي ٿنڪ ٽئنڪ جي حيثيت ۾، اسان جي واهرو رهي آهي.

هنجي علمي ۽ تنقيدي صلاحيتن ۽ ڏات جي ابتدا ان ماڳ مڪان ڪان شروع ٿئي ٿي، جتي وڏن وڏن تعليمي ۽ ادبي ادارن جو انت ٿيندو آهي.

ڪوهستان ۽ لسٻيلي سان واڳيل، نوجوان خاتون، ڪراچي جي وچين علائقي جي هڪ قديم وسندي، حاجي مريد بڪڪ ڳوٺ ۾ جنم ورتو. سندس والده صاحبہ پٽائيؒ جي حافظ ۽ پارکو هئي. هن جا پائر ۽ ڀينرون ٻين علمن سميت، پٽائيؒ جي فن ۽ فڪر تي مڪمل دسترس رکندڙ آهن. سندس وڏو ڀاءُ، مرحوم قادر بخش بڪڪ، ڪراچي شهر جي سنڌي وستين جي مسيحا طور شهرت جو حامل هو. پروفيسر ڊاڪٽر رسول بخش بڪڪ ماهر ڊاڪٽر ۽ پٿالاجسٽ آهي، جڏهن ته ڀيو ڀاءُ مولا بخش بڪڪ بيروڪريسي ۾ ايمانداري، همت ۽ برجستائي ۽ سنڌ دوستي جو زنده ثبوت ۽ شهرت جو حامل آهي، جيڪو پٽائي جي رسالي جو، اردو ۾ منظوم ترجمي جي بي مثال ڪم ڪي مڪمل ڪري چڪو آهي.

منگهاڻي صاحبہ يارنهن سالن جي ڄمار ڪان لکڻ جي ابتدا ڪئي ۽ اڄ هن جي ڪرافٽمئنشپ عروج تي پهتل آهي. هنجو خاص موضوعن ۾، تخليق ڪانسواءِ پٽائيؒ جي لسانيات ۽ انجي معنوي رنگينيون ۽ نئين حسيت آهي. ان ڏس ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ جي لطيف چيئر، سنڌس ٻه ڪتاب، 'چپر ڪين ڏي' ۽ 'شاهہ لطيف جي لسانيات' بابت ٻه ضخيم ڪتاب شايع ڪرايا آهن- لطيف جو ڪوهستاني لهجو، منگهاڻي صاحبہ جي گهر جي ٻولي آهي.

هنڌ ۽ سنڌ مان سنڌس، ٻه شعري مجموعا، 'رولاڪ خواب' ۽ 'خوابن جا ايوان' پڌرا ٿي چڪا آهن، جن ڪي شعري ڪائنات ۾ وڏي پذيرائي، مانَ-مڃتا ۽ آجيان ملي آهي. سنڌس بي مثال ۽ ضخيم روماني، تاريخي ۽ سماجي ناول 'رُڃ' هنڊ جي ساهتيہ اڪيڊمي، دهلي ڇپرايو. جڏهن ته ساڳيو ناول، ڪجهہ سال ڪن اڳ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو ٻيهر ڇپرائي پڌرو ڪيو آهي، جيڪو سنڌي ناول جي صنف ۾، دنگئي پٿر جي جاءِ والاري بيٺو آهي. سنڌس خاڪن جو ڪتاب، 'مانجو ڪوهستان' ڪوهستان جي لغوي، فطري ۽ اُلوهي ڪيفيات جو غماز ثابت ٿيندو. اهو ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ وٽ اشاعت هيٺ آهي.

شاهہ لطيف جي رسالي سان ٽن سو سالن ڪان جيڪا شارحن ويڌن پئي ڪئي آهي. انهيءَ زيادتيءَ جو ازالو ڪندي، هوءَ پاڻ، 'رسالو' ترتيب ڏيئي رهي آهي. اسانجو ايمان آهي ته منگهاڻي صاحبہ جو ترتيب ڏنل، شاهہ جو رسالو، هڪ نئين تنوع ۽ معنويت جو شاهڪار هوندو. ۽ ٻوليءَ جي حوالي سان بي انت فڪري مغالطن ۾ ناپر آڻيندو. ۽ لطيف سرڪارؒ جي روح ۽ انجي عاشقن لاءِ قرار جو باعث بڻبو.

منگهاڻي صاحبہ جو مطالعو ڏاڍو گهرو، سگنيفائيڊ ۽ گهڻ رُخيو آهي. هن هر صنف تي لکيو آهي ۽ تخليقي اعتبار ڪان سنڌس لکڻين ڪي وڏن وڏن نقادن واڪاڻيو آهي. غزل سنڌس پسند جي صنف آهي، جنهن ۾ هن، زندگيءَ جي سمورين تلخين، ترشين ۽ رعنائين ڪي غنائيت سان پيش ڪيو آهي. هنجي شاعريءَ جو ڊڪشن اربنائيزڊ آهي ۽ سنڌس فن ۽ فڪر جي پختگي ۾ نغمگي جي ڪري، هن ڪي سنڌي غزل جي آبرو ۽ غزل جي شهزادي چيو وڃي ٿو.

عورت شاعرائون ته ڇا، هن جا همعصر وڏا وڏا شاعر ٻه سنڌس ٻولي ۽ ليريڪل خوبين ڪي ڇُهي نہ سگهيا آهن.

شاعريءَ سان گڏ، نثر ٻه هن جو دلپذير ۽ دلاويز آهي، جيڪو وڏن توڙي مشهور قلمڪارن ڪان مختلف آهي، جنهن مان سنڌس اپياس، ڄاڻ ۽ ڏاهپ جو پتو پوي ٿو.

سنڌس سالگره جي موقعي تي سوجهرو جا ڪجهہ صفحا ڪيس ارپيندي فخر ۽ خوشي محسوس ڪيون ٿا. ۽ هن پرچي ۾ آيل سنڌس انٽرويو، 'روشنيءَ جو سفر' گهڻن مغالطن ڪي دور ڪري ڇڏيندو.

**تاج بلوچ**

## سنڌي ٻولي قومي ٻولي

## وچور



### ج.ع.منگهاڻي ڪارنر

**خاص انٽرويو (ج.ع.منگهاڻي صاحبہ)**
روشنيءَ جو سفر... ڊاڪٽر شير مهراڻي
آگهي اهڃاڻ... لطيف نوناري
جنم پتري... ادارو
ناول رُڃ منهنجي نظر ۾... سراج الحق
منهنجي ساهيڙي... فريده شفيع
خراج عقيدت... درد هوش محمد
اونهو اسرار... مصطفيٰ انڙ
غزل... تاج بلوچ

**ناول/ناوليٽ:**
اسٽيل جا پنج گلاس (6)... ڊاڪٽر رسول ميمڻ
بو دلڪ (2)... شيام ڪمار

**سنڌ ٻيهر گرموڙيا:**
حُر گوريلا جنگ (10)... سائين رکيو

**انشائيہ:**
ادبي درٻار.... شوڪت لوهار

**ڪهاڻي:**
بڪئي ڪل نہ اُجهئي ۽ ٻيون ڪهاڻيون ... انور شيخ
جڙ جنين جي جانِ ۾... منظور ڪلهوڙو
ساڳي ڪار... عزيز ڪينجهرائي
پراسرار قبر.... راڄن مگريو
مين تان ڪوئي خيال آن... حسيب ڪانهيو
پاڄوڪڙ... بيتاب ناپر

**نظم/نثري نظم:**
امداد حسيني، فياض لطيف، ساٿي محبوب، هدايت ڏيپر، شير هاليپوٽو- مختيار سهتو، وفا صالح راڄپر ۽ گلزار.

**غزل/وائي:**
ڊاڪٽر مشتاق ڦل، حنيف عاطر، امين پٽو، ولي ٽگڙ، اعجاز شا اعجاز ۽ منور ملاح.

**ادبي خبرنامو:**
س.ا.س مورو جا ٻہ مذاڪرا... وحيد مستوئي
مشهور شاعر خليل جو جنم ڏينهن... شڪيل سومرو

**جي مارن مونڌي موڪليا:**
ڪامريڊ ڪريم بلوچ.

مئنيجنگ ايڊيٽر: فراز بلوچ
ايگزيڪيوٽو ايڊيٽر: تاج بلوچ
ايڊيٽر: ڊاڪٽر شير مهراڻي
ايسوسيئيٽ ايڊيٽر: فهيم سولنگي
آرٽ ۽ فوٽوگرافي: هالار احمد

خريداريءَ جا اگهہ:
رجسٽرڊ ٽپال: =/700 ساليانو
سادي ٽپال: =/600 ساليانو

0300 / 0313 / 0332 — 9288496
tajbaloch2505@yahoo.com

آفيس ايڊريس:
بنگلو نمبر: 177، بلاڪ: 7 گل هائوسز گلستان جوهر ڪراچي.

هي رسالو ايڊيٽر/پبلشر تاج بلوچ ذڪي سنز پرنٽرز آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچيءَ مان انور ذڪيءَ وٽان ڇپائي بنگلو نمبر: 177 بلاڪ 7 گل هائوسز گلستان جوهر ڪراچيءَ مان پڌرو ڪيو.



# روشنيءَ جو سفر...

## انٽرويو: ڊاڪٽر شير مهراڻي

**ج.ع.منگهاڻي جي شخصيت جا ڪيترائي رُخ آهن. هوءَ هڪ ئي وقت شاهه جي شارح ۽ لسانيات جي ڄاڻو آهي، ناول نگار آهي، شاعره آهي، ڪالم نگار آهي، ڪهاڻيڪار آهي، مضمون نگار آهي، سوانح نگار آهي ۽ ٻيو به گهڻو ڪجهه. توهان ڪي پاڻ ڪي ج.ع.منگهاڻي ڪهڙي حيثيت ۾ ويجهي يا برتر نظر اچي ٿي؟**

**جواب :** ٻين بابت ڄاڻ ناهي ته اهي لکڻ مهل ڪهڙي صنف کي اهميت ۽ برتري ڏيندا آهن. باقي مونکي پنهنجي خبر آهي ته مون ڪڏهن به اهو سوچي نه لکيو آهي ته اڄ مونکي ڇا لکڻو آهي، سواءِ انهن ڪمن جي جيڪي، 'ڏيھوڙو' ڪري مٿي ۾ لڳندا آهن. نه ئي مون ڪڏهن ڪجهه پلاننگ جي تحت لکيو آهي، اڄ شعر لکڻو آهي. ڪهاڻي لکڻي آهي.

اوهان چئي سگهو ٿا ته منهنجو سڄو ڪم ذميدارين ۽ ضرورتن جي تحت ٿيو آهي ۽ ٿي رهيو آهي.

ذميداري ايئن جو، سنڌ، سنڌي ٻولي، سنڌي ماڻهو ۽ لطيفؒ کي آئون پنهنجي ذميداري سمجهندي آهيان. انهن سان ٿيندڙ ناحقيون، بي واجبيون، ظلم ۽ قهر مونکي سڪون سان رهڻ نه ڏيندا آهن.

والٽيئر جي چوڻ موجب، 'ڇا ٿيو مون وٽ بندوق ناهي، مون وٽ قلم ته آهي.'

بلڪل ايئن ئي مان پنهنجي قلم کي سمجهندي آهيان. ۽ ايئن ئي استعمال ڪندي آهيان.

آئون ڄاڻان ٿي ته مونکي ڪٿي جمي ويهڻو آهي ۽ ڪٿي منهنجي لاءِ مشڪلون ۽ رڪاوٽون ايندي‌يون. اهڙيءَ ويل منهنجو قلم بندوقون ۽ ٻيا هٿيار ته ڇا پر ڊرون حملا ڪرڻ چاهيندو آهي. ويرين، ڌارين ڌوتن ۽ ظالمن جي مٿان.

اهي حملا آئون ڪندي رهندي آهيان. پوءِ اهي 'سوجهرو' جا ايڊيٽوريل هجن، ڪهاڻيون ۽ شاعري هجي، ناول، مضمون، خط، سوانح نگاري ۽ مقالا هجن يا مختلف اخبارن ۾ لکيل ڪالم يا ٻيو ڪجهه هجي. منهنجو سڄو ڪم ذميدارين ۽ ضرورتن تحت ٿيندو رهيو آهي.

'ضرورت' جو لفظ ان ڪري ڪتب آندم جو وقت ۽ حالتون تبديل ٿينديون، بدلجنديون رهن ٿيون. پوءِ ڏسندي آهيان ته هن وقت ۽ هنن حالتن ۾ ڪهڙي شيءِ جي وڌيڪ ضرورت آهي. پوءِ انهن کي ئي اهميت ۽ اوليت ڏيندي آهيان. پوءِ اهو لطيفؒ هجي يا ڪو سياسي اشو. جتي به منهنجي ذهني واڳيندي يا جذبن کي ڇيهو رسڻ جو انديشو يا امڪان هوندو آهي، مان قلم ڪڻندي آهيان.

اهوئي سبب آهي ته منهنجي اڳيان منهنجي هر حيثيت اهم ۽ برتري رکندڙ آهي. آئون انهن مان چونڊ ڪرڻ کان قاصر آهيان.

**سنڌي ڪهاڻي کي توهان ڪيئن ٿيون ڏسو. عورت ڪهاڻيڪارن جو سنڌي ادب ۾ ڪهڙي حيثيت آهي؟**

**جواب :** سنڌي ڪهاڻي سٺي لکجندي رهي آهي. هاڻي به ڪٿان ڪٿان پنهنجو ملوڪ منهن پسائيندي رهي ٿي. جڏهن ته جنهن مقام تي ڪيس هئڻ گهرجي، انهيءَ کان اڃا گهڻو پري آهي. منهنجو مطلب مختلف ٻولين ۾ لکجندڙ ڪهاڻين سان ڀيٽ طور آهي. حالانڪ عالمي سطح تي ڪهاڻي زوال پذيرائيءَ جو شڪار آهي.

اڳ به پنهنجي ڪنهن انٽرويو ۾ ڪهاڻين بابت پڇيل سوال جي جواب ۾ چيو هيم ته نسيم کرل، جمال ابڙو، امر جليل، علي بابا ۽ عبدالقادر جوڻيجي جون ڪهاڻيون (سڀ نه) قابل ذڪر چئي سگهجن ٿيون. يعني دنيا جي اڳيان پيش ڪري سگهجن ٿيون. ان جي باوجود سنڌي ڪهاڻي اڃا اهو اوج ماڻي نه سگهي آهي جنهن تي ڳاٽ اُچو ڪري سگهجي.

پوءِ به آئون مايوس ناهيان. هاڻي به ڪا اهڙي ڪهاڻي آڏو اچي ٿي جنهن تي چرڪ نڪري ويندو آهي ۽ آئيندي مان آسرو لاهڻ وارو تصور ميسارجڻ لڳندو آهي.

هونئن به سنڌي قوم ڪا نئين ۽ ننڍي قوم ناهي قدامت ۽ تعداد به تسلي بخش آهي. بيشڪ ته سنڌي ماڻهو ڏکيو آهي. ۽ ڏکئي دور مان گذري رهيو آهي. هزارين، لکين، ڪروڙين مسئلن جي باوجود سنڌي ڪهاڻي لکجي رهي آهي ته اها ڳالهه به هڪ اهڙي قوم لاءِ هڪ قسم جو خراج چئجي سگهجي ٿو جنهن کي ختم ڪرڻ لاءِ سندس دشمن هر حيلو ۽ حربو استعمال ڪري پيو.

باقي سنڌي ڪهاڻي ضرور پنهنجي قديم قوم ۽ شاهوڪار ٻولي ۾ آسرو رکي چئي سگهي ٿو،

> **تو جو ٻول ٻروچ، ويهي ڪيو وڻڪار ۾**
> **سوئي پارج هوت، ولهي مون معذور سان.**
> *(شاهؒ)*

توهان جي سوال ۾ سنڌي عورت ڪهاڻيڪارن جي باري ۾ به پڻ پڇيو ويو آهي. ادب ڪو ريسلنگ رِنگ ناهي جنهن ۾ طاقت ۽ جسم جو استعمال ٿيندو هجي. هي ذهني ادراڪ جو ڪيتر آهي. پوءِ به، خيرالنساءِ جعفري، ماهتاب محبوب ۽ هاڻي جهان آرا سومرو جون ڪهاڻيون ڪلهو ڪلهي سان هڻي سگهن ٿيون.

**سنڌي ناول جي نه اسري سگهڻ جا ڪهڙا ڪارڻ آهن؟**

**جواب :** سنڌي ناول جو نه اسرڻ، سنڌي ليکڪ جو ناول سان غير سنجيده رويو آهي جنهن ۾ مطالعي جي کوٽ ۽ خود ناول جي تاجي پيٽي ۽ گهاڙيٽي کان سنڌي ليکڪ جي ناواقفيت شامل آهي. لڳي ٿو ته سنڌي ليکڪ ناول جي ٽيڪنيڪ کان وانجهيل آهي. اهو سڀ ناول جي نالي ۾ ڇپيل ڪتاب ٻڌائين پيا.

مون به پيرا مرڪزي سنڌي ادبي سنگت پاران ڪتابن جي ڇنڊڇاڻ پيٽي ۾ صنف 'ناول' جي جج طور فرض نڀايا آهن ۽ ٻئي پيرا ڪنهن کي به ناول جي انعام جو حقدار قرار نه ڏنو. ڇو جو مون وٽ جيڪي ڪتاب، 'ناول' جي نالي سان آيا هئا اهي ناول جي زمري ۾ نٿي آيا. ڪي آتم ڪٿائي ڪهاڻيون هيون ڪي ناوليٽ کان به گهٽ هئا. ۽ ڪي ته ذاتي وارتائون هيون جيڪي سڌيون اصلي ڪيمره جي تصويرن سان هيون. آئون ڪيئن ٿي انهن کي ناول قرار ڏيئي سگهان؟

حيرت جي ڳالهه اها آهي. انهن ٻنهي موقعن تي سنڌي ادبي سنگت پاران ڪنهن کي به ناول جو ايوارڊ نه ڏنو ويو. حالانڪ هر ڀيري ٽي جج هئا. مون جي انهن ڪتابن کي ناول طور رد ڪيو هو ته ٻيا به ٻه جج هئا؟

پوءِ ڪيئن ٿو سنڌي ادبي سنگت جو سيڪريٽري جنرل ڊاڪٽر مشتاق ڦل چوي، 'اسين ج.ع.منگهاڻيءَ کي ان ڪري ناول جو جج مقرر نٿا ڪريون جو هوءَ انهن ناولن کي تسليم نٿي ڪري، رد ٿي ڪري.' دروغ بر گردنِ راوي.

ها بلڪل، آئون هر ڀيري انهن ڪتابن کي ناول تسليم نه ڪنديس جيڪي ناول جي گهاڙيٽي کان ٻاهر هوندا. اهڙين 'فري فار آل' لکڻين کي آئون ڪيئن ٿي ناول مڃي سگهان؟ اهوئي سبب آهي جو سنڌي ناول اسري نه سگهيو آهي.

سنڌي ادبي سنگت پاران هڪ ڀيري آئون، 'ڪهاڻيءَ' جي جج هيس ۽ مون تڏهن ڪهاڻيڪار صديق منگئي جي ڪهاڻين جي ڪتاب کي انعام جو حقدار قرار ڏنو هو. ۽ ان ئي ڪتاب کي ٻين ججن به انعام لاءِ چونڊيو هو. ۽ ان کي انعام ڏنو ويو هو.

وڌيڪ ڇا چوان سواءِ ايمرسن جي چوڻيءَ جي، 'عقل جي حد ٿي سگهي ٿي. پر بي عقليءَ جي نه.'

**سنڌي سوانحي ادب پڻ اهو ٻوٽو ناهي ٻاري سگهيو. توهان ان حقيقت کي ڪيئن ٿيون ڏسو؟**

**جواب :** سنڌي سوانح نگاريءَ سان به ساڳي ناول واري ويڌن آهي. ڏنو وڃي ته سوانح نگاري هڪ سولو ۽ ڄڻ ته ليکڪ جو انفرادي ڪم آهي. جنهن لاءِ تحقيق ۽ ذاتي محنت ضرور گهرجي ٿي. جنهن به ڪردار تي لکڻو آهي ان جي زندگيءَ جو مطالعو ۽ ذاتي طور پڇاڻات ڪرڻ نهايت ضروري آهي. بلڪ ليکڪ جي، ڪردار سان ذاتي واقفيت هڪ واڌو پوائنٽ ٿي پوندي آهي جنهن وسيلي ڪردار نگاري طاقتور صورت اختيار ڪري ٿي سگهي.

يعني ليکڪ پاڻ ان ڪردار جو گواهه هئڻ گهرجي. جڏهن ليکڪ پاڻ گواهه هوندو تڏهن ئي هو پنهنجي لکڻيءَ جي جوابداري کڻي سگهي ٿو. ٻيءَ صورت ۾ اهيئي 'تعزيت نامن' جهڙا پروفائيل ايندا ئي رهندا.

پير علي محمد راشدي ۽ پير حسام الدين راشدي وارن جا مشهور ڪتاب 'اهي ڏينهن اهي ڏينهن' ۽ 'سي ڌوٿي، سي ڏينهن' به شايد تاريخ ۾ اها ميچتا ماڻي نه سگهندا جڏهن حقيقتن ۽ صداقتن جي رهبري ايندي ۽ ماڻهو اصل واقعن ۽ وارداتن جا شاهد ڳولي لهندا.

هونئن به اسان وٽ چور جا پير نه پلي گهسٽيا هجن، پوءِ به چور نٿو لڀي. باقي ساک ۽ گواهي لاءِ هن وقت هڪ افريقي پهاڪي تي اڪتفا ڪبو، "منهنجو شاهد ته زنجبار ۾ غلام ٿي وڪامجي ويو آهي."

**سنڌي شاعري مقدار جي حساب سان ته دنيا جي وڏين ٻولين ۾ شمار ڪري سگهجي ٿي، ڇا معيار به اهڙو ئي آهي؟**

**جواب :** سنڌي شاعري واقعي گهڻي لکجي ۽ ڇپجي رهي آهي. اها ڳالهه تشويش جو باعث ناهي. تشويش جهڙي ڳالهه اها آهي ته جنهن وٽ به شاعريءَ جي نالي سان هڪ سو ويهن يا اڃا به گهٽ صفحن جيترو مواد گڏ ٿئي ٿو اهو هڪدم الائي ڪيترن دوستن کان پنهنجي ساراهه ۾ پنا لکائي ڪتاب ڇپائي ڇڏي ٿو. ائين ڄڻ هو بنا ڪنهن ڇنڊڇاڻ جي پنهنجي اندر ۽ ذهن جو نماءُ بنا ڪنهن سوچ ويچار جي دنيا اڳيان ڪيو ڇڏي.

تير جڏهن ترڪش ۾ ۽ لفظ جڏهن پاڻ وٽ هوندا آهن. تڏهن محفوظ هوندا آهن. پر جڏهن تير ترڪش مان نڪري ڪمان وسيلي ڇڪجي ٻاهر ويندو آهي ۽ لفظ جڏهن پاڻ وٽان نڪري ڪتابي صورت ۾ ايندا آهن ته پنهنجا نه رهندا آهن.

تير ٻين سان هاڃو ڪندو آهي ۽ ڪتاب خود پنهنجي مصنف سان هاڃا ڪندا آهن، جي اهي سراڻيءَ تان سرجي



نڪتل نہ هوندا آهن تہ ڪتاب تہ پبلڪ پراپٽي ٿي ويندو آهي.

اها صورتحال ڏاڍي خوفناڪ ٿيندي پئي وڃي جو هر شاعر پنهنجي ڪتابن جي ڳٽپ جي واڌاري لاءِ فڪرمند آهي. حالانڪ ڪين شاعريءَ لاءِ فڪرمند هئڻ گهرجي.

هنگريءَ جي مشهور شاعري سئنڊور پتوفي چيو آهي،

**”منهنجي ڳالهہ سچ ڄاڻو. دل خراب صلاحڪار ناهي. اها اڪثر دماغ کان بہ اڳتي جي ڳالهہ جو ادراڪ ڪري وٺندي آهي.“**

يعني دل جي فتويٰ سان ڪنهن بہ تخليق کي مڪمل ۽ معتبر ڪري سگهجي ٿو جنهن جي ريت اجا اسان وٽ پئجي نہ سگهي آهي. ان جي باوجود اهو ضرور چونديس تہ سنڌي ڪهاڻيءَ جي ڀيٽ ۾ سنڌي شاعري ڪجهہ وکون ڪنيون آهن پوءِ بہ اها ڳالهہ اطمينان جهڙي ناهي جو ماڻهو ڪٿي ويهي ان جا مثال ڏيئي سگهي.



**اهي ڪهڙا رُخ آهن جيڪي سنڌي ادب/شاعري ۾ گهٽ فوڪس ڪيا ويا آهن ۽ توجہ طلب آهن؟**

**جواب:** منهنجي خيال ۾ تہ ادب جا ٻہ رُخ آهن. ڌرتي ۽ سرتي. يعني مٽي ۽ محبت. جن کي هر دور ۾ فوڪس ڪيو ويو آهي. سوال آهي ڀرپور اظهار جو، تہ اهو بلڪل نہ ٿي سگهيو آهي.



**ڪلاسيڪي شاعريءَ کي توهان ڪيئن ٿا ڏسو؟**

**جواب:** توهان ڪلاسيڪي شاعري ڇا کي ٿا چئو؟ *’قاضي قادن کان وٺي بيڪس تائين پراڻي شاعري کي.‘* نہ بلڪل بہ نہ هر پراڻي شيءِ ڪلاسڪ ناهي ٿيندي. لطيف جي لفظن ۾ ڪلاسيڪيت جي سولي سمجهاڻي هيئن ٿيندي تہ، ’وڪر سو وهاءِ، جو پئي پراڻو نہ ٿيئي.‘ يعني اهو نثر اهو شعر ڪلاسيڪل آهي جيڪو صديون اڳ جو هجي ۽ ساڳي آب تاب ۽ چمڪ سان اسان وٽ پهتل هجي.

ڪلاسيڪي شاعري اها آهي جيڪا ذهن ۽ دل ۾ دائمي جاءِ جوڙي ٿي. پوءِ اها اڳ لکي ويئي هجي يا اڄ. نواڻ پراڻ جي ڳالهہ ڌار آهي ۽ ڪلاسڪ تخليق ٻي شيءِ آهي.

قاضي قادن کان بيڪس تائين جي شاعرن جي وچ ۾ لطيفؒ اچي ٿو. جيڪو سدائين نئون، سدائين چمڪدار ۽ سدائين ڪٿوريءَ خوشبو آهي اهوئي منهنجي اڳيان آهي. ان ڪي ئي هر وقت پڙهان ۽ پرايان ٿي. ۽ اهائي ڪلاسيڪي شاعري آهي.

جديد تقابلي تنقيد جو پايو وجهندڙ ’سانَ بُو‘ ڪلاسڪس جو خلاصو هيئن ڏنو آهي، ”ان ليڪڪ جي رچنا، جنهن ماڻهن جي ذهنن کي مالامال ڪيو هجي، جنهن ڪا واضح سچائي لڌي هجي. ۽ پنهنجي اسٽائل ۾ سڀني سان خطاب ڪيو هجي.“



**جديد شاعري ڪهڙي مقام تي بيٺل آهي؟**

**جواب:** جديد شاعريءَ ڏانهن اچا سنڌي شاعر جو لاڙو ئي ناهي جنهن ڪري اها نظم، آزاد نظم ۽ نثري نظم تائين محدود آهي.

سنڌي شاعر وٽ تجربو ڪرڻ جو ساهس ڪونهي. بلڪ تجرباتي ڪيفيت جو فقدان آهي. حالانڪ رجحان هئڻ گهرجي. جنهن جي وسيلي وجدان جي وحي ملندي آهي. انهيءَ وات تي هلڻ لاءِ سوچ ٻيو ڏاڪو آهي. پهريون ڏاڪو اها وات آهي جيڪا سنڌي شاعر لڌي ناهي يا ڳولڻ جي ڪوشش ئي نہ ڪئي آهي.

هتي نواڻ تجربا ڪرڻ يا تجربا ٿيل تيار صنفن لاءِ قلم کڻڻ جو خيال بہ نہ آهي. عملي مظاهرو ڪرڻ تہ وڏي ڳالهہ آهي.

آرٽسٽ جو ڪم آهي تہ هو انسان جي شعور جي ارتقاء ۾ مدد ڪري جنهن وسيلي هو پنهنجي سماجي نظام کي بهتر بنائي سگهي ٿو. جڏهن تہ هتي جديد شاعري جو بنياد ئي ناهي تہ مقام ڪهڙو؟



**توهان ڪراچيءَ جا اصلوڪا رهواسي آهيو ڪراچيءَ جي تاريخ ۽ سياست بابت ڇا چوندا؟**

**جواب:** مونکي فخر آهي تہ آئون ڪراچيءَ جي اصل رهاڪو آهيان. ۽ ڪراچيءَ جي بلڪل وچو وچ رهيل آهيان. ۽ واقف آهيان پنهنجي تاريخ، سياست ۽ مسئلن کان.

ڪراچيءَ جي تاريخ سنڌ جي تاريخ آهي. ڪراچي سنڌ کان ڌار ڪڏهن بہ نہ رهي آهي. باقي جي ڪراچيءَ کي ڦهرن وسيلي ڦري ڌار ڪيو ويو آهي تہ اهو هڪ ڌار بحث آهي.

سڄي دنيا جي تاريخ ۾ هميشہ جتي ڪٽي ڦورو ۽ حملا آور ڦوتون هلائون ۽ حملا ڪري ماڻهو ماري ملڪيتون لٽي تاريخون تاراج ڪنديون آهن. ڪراچيءَ جون بہ ساڳيون وارتائون آهن.

ڪراچي جي سنڌ کان ڪٽي ڌار ڪئي ويئي آهي تہ اها وري بہ اچي پنهنجي اصل سان ملي آهي. اهي وارداتون هڪ کان وڌيڪ ڀيرا ٿيون آهن، جن جا مثال ۽ سال ڏيڻ ضروري ناهي.

گل حسن ڪلمتي ڪراچيءَ جي تاريخ تي تحقيق ڪئي آهي. ۽ سٺي ڪئي آهي. پر اها ابتدائي تحقيق آهي جنهن ۾ ڪي ڳالهيون رهجي ويون آهن تہ ڪي پئجي ويون آهن. جن جي نشاندهي مون ساڻس ڪئي آهي جيڪا هن مڃي بہ آهي.

ڪراچيءَ جون حدون جيڪي اڄ بہ امر جليل صاحب کان برنس روڊ ۽ بندر روڊ کان ٻاهر نٿيون نڪرن. اهي بيحد وسيع آهن جيڪي دستاويزن ۾ درج بہ آهن.

ڪراچيءَ جي تاريخ پلي سڪندراعظم کان اڳ جي هجي. پر سياست جو بنياد گهٽو پوءِ جي ڳالهہ آهي. اڳ سياست نہ هئي. ’هڻ ڪٽ‘ وارو دور هو ۽ ڪراچي سوهڻيءَ وانگي ياڳا ٿيندي رهي آهي، آفتن ۽ بلائن جي هٿان. ڪڏهن ڪير تہ ڪڏهن ڪير؟ يعني،

**ڪِهڙي گهڙو هَٽ ڪري، اَلا هِي تُوهَارَ**
**جِنگهہ جِرڪي وَاتَ ۾، سِسِي کي سِيسَار**
**چُوڙا ڀيڙا چَڪَ ۾، لُڙ ۾ لُڙهيسَ وارَ**
**لَڪين ڇُهُنِيُس لُوهَٽيون، ٽَيلِهيون ٽرنئان ڌار**
**مِڙِيا مَڇَ هَزَارَ، ياڳا ٿيندي سوهڻي.**

*(شاهہؒ)*

ايئن ڪراچي ياڳا ٿيندي وري جُڙندي ۽ پنهنجي اصل (سنڌ) سان ڳنڍجندي رهي آهي.

سياسي شعور آيو تہ بہ ڪراچي سان ساڳيو ئي رويو رهيو. ڌاريان تہ ڌاريا، پنهنجن جو بہ،

**سرجي تان سور، سامائي تان سڪ ويا**
**اهي ٻئي پور، نماڻيءَ نصيب ٿيا.**

*(شاهہؒ)*

ڪراچيءَ جون اهيئي ڏانهون رهيون ۽ هوءَ پنهنجن طرفان بہ پيڙهجندي ۽ پسجندي رهي.

ڪراچيءَ جا اصلوڪا رهاڪو تعليم جي اڻهوند يا پنهنجي ٻني ٻاري ۽ مال ڌڻ ۾ محو رهيا.

ورهاڱي کان اڳ ئي سنڌ جي ٻين علائقن جا سنڌي ڪراچيءَ ۾ وسندا رهيا. سائين جي.ايم سيد بہ نشتر پارڪ وارو پنهنجو گهر، ’حيدر منزل‘ 1935ع ۾ ٺهرايو. ٻيا بہ هر ذات جا سنڌي ڪراچيءَ ۾ آيا ۽ سنڌي مسلم سوسائٽي قائم ڪئي.

ڪراچي سمنڊ جي ڪري هميشہ اهم رهي آهي. بندرگاهہ جي ڪري سنڌ جي تخت گاهہ بڻي. ورهاڱي کان اڳ ئي ڪراچي هڪ اهم شهر جي صورت ماڻي چڪي هئي. جنهن ۾ ميونسپالٽي، ڪاليج، اسپتالون، روڊ رستا سڀ هئا ۽ ورهاڱي کان اڳ ڪراچيءَ جي ميئر وشنداس پاروائي جو ڪراچيءَ کي پيرس بنائڻ جو پلان هو ۽ هي اسان جي پرمان گڏرندڙ، ’ڳجهڙو‘ يعني ’ڳجهہ وارو‘ اهڙو برساتي نالو هو جيڪو نديءَ جو ڏيک ڏيندو هو. جنهن جي شفاف وهندڙ پاڻي مان هيٺ پاڻيءَ جي تري ۾ پيل پٿرا ۽ سونهري ريتي موتيءَ جي داڻن جيان جرڪندا هئا. ميئر وشنداس پاروائيءَ انهيءَ ’ڳجهڙي‘ جي ٻنهي ڪپن (ڪنارن) تي زبردست باغن ۽ پارڪن جو پروگرام بنايو هو، جيڪو ورهاڱي واري هاڃي جي وَر چڙهي ويو. ۽ اڄ اهو سونهري ريتيءَ وارو ’ڳجهڙو‘ هندستان جي گند مان پرجي، ’گُجُرو نالا‘ يا ’گندا نالا‘ جي نالي سان سڏجي ٿو. اڳ جتي سڄو سال شفاف منو مينهن جو پاڻي وهندو هو اڄ اتي ٻاروهي گٽر ۽ گند وهي ٿو.

ورهاڱي کان اڳ ڪراچيءَ جا روڊ ۽ رستا پاڻيءَ سان ڌوپبا هئا. منهنجو بابا سيٺ علي محمد ٻڪڪ جنهن وٽ 1941ع ۾ بہ موٽر گاڏي هئي اهو ٻڌائيندو هو تہ شام کان اڳ رستا ڌوپجي ويندا هئا ۽ ڪن مخصوص روڊن تي گاڏيون، موٽرون بند ڪيون وينديون هيون، جتي ديوانن جا ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون سائيڪلون هلائيندا هئا. رانديون ڪندا هئا. ۽ ڪلئي رستن تي اسڪيٽنگ بہ ڪندا هئا.

جيستائين ڪراچيءَ جي اصلي رهواسين جي ڳالهہ آهي تہ اهي مارئيءَ وانگي پنهنجن ئي ڏکايا آهن. يعني، ’مارن مُنجهہ مُياس، ماڙين ماريس ڪِين ڪي.‘ انهن سان ڪيل ڌارين جو ناحقيون ۽ بيواجبيون ڇو ساريون. اهي تہ ڌاريا آهن. ڌاريان ڌاري ڏيهہ جا... انهن سان تہ وڙهڻو آهي. جنگ ڪرڻي آهي. انهن کي ميار توري ڏبي آهي. انهن سان تہ حساب ڪتاب ڪرڻو آهي.

پر، حساب ڪتاب پنهنجن سان بہ ٿيڻ گهرجي. ڊڪٽيٽرن کان علاوہ سڄيءَ سنڌ ۾ حڪمراني هميشہ سنڌين جي ئي رهي آهي اڳ بہ ۽ اڄ بہ. چونڊ ۾ سڄي سنڌ مان چونڊجي ميمبر ايندا آهن. ڪراچيءَ جي آبادي ورهاڱي کان اڳ ٿوري هئي ۽ هاڻي ڌارين جي يلغار کان پوءِ تہ هيڪاري ڪراچيءَ جي اصلي رهاڪن جي آبادي ڇڻ تہ اڻ لکي ٿي ويئي آهي. وري انهن جي تڪن ۽ سيڪٽرن کي ايئن بنايو ويو جو هو ڇڙوڇڙ ٿي ڌارين جي آبادين ۾ ضم ٿي ويا. ۽ انهن جي ووٽ جي طاقت ئي نہ رهي. ۽ اتان هڪ بہ سنڌي ميمبر چونڊجي بہ آيا تہ اهي بہ ڇڻ ٻين سنڌي ميمبرن جي رنگ ۾ رڱجي ’انگريز جا ٻچا‘ (ڪوهستاني پهاڪو) بنجي ويا. جن سڀني جي اڳيان عام ماڻهوءَ جا مسئلا نہ پر اسمبلي جا عهدا ۽ ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن جون سٽيون سيٽون هونديون هيون آهن.

اهڙيءَ ريت ڪراچيءَ جا اصلي رهواسي اڳ بہ ۽ اڄ بہ ساڳيا اُپڇيا ۽ اڻ ساريا آهن. ڪيترين ئي سنڌي حڪومتون آيون ويون. ورهاڱي کان پوءِ آيل ڌارين ڌوتن جون وسنديون پڪيون ٿينديون ڀڪنديون رهيون. پر سنڌي حاڪمن کي اڃا اها توفيق ئي نہ ٿي جو لڳ جهلي اتي اچي پنهنجن جي سار لهن جيڪي انهن جي ئي طاقت آهن. ۽ انهن تان ئي پيا گهوريا پاڻي (اول گهول) ٿين.

ڇو ٿا ايئن ڪن؟ اڃا بہ وقت آهي/ويو ناهي.

هاڻي بہ هو ڪراچيءَ جي سنڌي وسندين کي قديم آبادي قرار ڏيئي جيئن آهن جتي آهن جي بنياد تي ليز ڏيئي پڪو ڪري واڳوئن جي وات کان بچاءُ ڏيارين جن جي نظرن ۾ سنڌين جون اهم زمينون آهن جن کي ڳڙڪائڻ لاءِ اهي وات ڦاٽا هيڇي واڳون سدائين ڪي نہ ڪي پلان ۽ پروجيڪٽ بنائيندا رهندا آهن. ڪڏهن ڪي فلائي اوورز جي نالي سان تہ ڪي لياري ايڪسپريس جي نانءُ تي ڪراچيءَ جا قديمي ڳوٺ ميساريا ويا آهن. جيئن ريڪسر، حسن اوليا وليج ۽ انهيءَ پاسي ڪنهن فلائي اوور



جي آڙ ۾ سنڌي ڳوٺ ختم ڪيا ويا آهن.

ياد هوندو اوهان کي (شايد) جڏهن انهن ڌارين ڌوتن فلائي اوور جي بهاني ڪراچيءَ جي دادلي ڪردار مورڙي جي پائرن جون قبرون بلڊوزر ڪرڻ چاهيون هيون (جن پائرن کي مورڙي ساڳين واڳوءَ جو پيٽ چيري ڪڍي هتي دفن ڪيو هو) تڏهن آئون، 'سوجهرو' جي ايڊيٽر ان چيف هيس. ۽ انهيءَ حوالي سان هڪ جذباتي ايڊيٽوريل لکيو هوم.

تڏهن به سنڌين جي حڪومت هئي ۽ تڏهن سنڌ جو وزيراعليٰ ارباب غلام رحيم هو ۽ مدد علي سنڌي هن جو پريس سيڪريٽري هو جنهن سان مون فون تي ڳالهايو به هو ته اهو 'سوجهرو' جو پرچو موڪليو به هيم. جنهن کان پوءِ حڪومت جا ماڻهو اتي آيا. ۽ اچي ڏٺائون ته واقعي به واڳو وري ٻيهر کين ڳڙڪائڻ لاءِ تيار هو. حڪومت جي ماڻهن پاڻ اهي بلڊوزر ڏٺا جن سان اهي قبرون بلڊوز ٿيڻ واريون هيون ۽ پوءِ مڃڻ مراد آهي ته حڪومت انهن قبرن کي بچائي ورتو هو.

اهڙا ڪيئي ڦهر ڪراچيءَ جي اصلي رهاڪن سان ٿيندا پيا اچن. ڳڻتيءَ جي ڳالهه اها آهي ته حالتون جيئن پوءِ تيئن هاڃيڪار ٿينديون پيون وڃن.

سوچ اها آهي ته سنڌين جي حڪومت ۾ ڪراچيءَ جا سنڌي محفوظ ٿي نه سگهندا ته ڪڏهن محفوظ ٿيندا؟ لڳي ٿو ته ڪراچيءَ جا اصلي رهاڪو ڪراچيءَ کان ٻاهر رهندڙ سنڌين کي نظر ئي نٿا اچن جن جي ڳوٺن جو تعداد تقريباً ٻه هزار کان مٿي ٿي ويو آهي جيڪي ڪراچيءَ جي پسگردائين ۾ نه پر ڪراچي شهر جي اندر آهن.

مسئلا حل تڏهن ٿيندا جڏهن هو کين نظر ايندا. يا ذهني طور هو تسليم ڪندا ته واقعي اسان جا ماڻهو غير محفوظ آهن.

مثال لاءِ ڪراچي ضلعي سينٽرل ۾ يعني ڪراچيءَ جي وچو وچ انتهائي اهم جاءِ تي سنڌين جو صديون پراڻو شاهي ڳوٺ آهي، 'حاجي مريد ٻکڪ ڳوٺ' جنهن جي چوڌاري ڌارين ڌوتن جون هاڃيڪار آباديون آهن. ڄڻ آڪٽوپس جي زهريلي ٻانهن وانگر ويڙهيل آهي اهو قديمي ڳوٺ.

يعني ڳوٺ جي اوڀر ۾ لياقت آباد. اتر ۾ عزيز آباد (90)، اتر اولهه ۾ ناظم آباد. اولهه ۾ گوليمار وغيره آهن. جن کي سنڌين جو صديون پراڻو شاهي ڳوٺ جنهن جي اسڪول، ابراهام ربين، بوائز اسڪول جي قدامت به تقريباً ڏيڍ سو سالن کان مٿي آهي. اها وسندي ڌارين کي نٿي وڻي. چو جو اها سنڌن ڪک ۾ ڪانءُ آهي جنهن کي هو ڪچي آبادي چوندا آهن.

اسان وٽ ڪچي آبادي جو تصور ورهاڱي کان پوءِ آيو. جڏهن هندستان مان ڏتڙيل پناهگير آيا جيڪي ندين نالن تي پونگا بنائي ويٺا هئا. اسين انهن کي ڪچي آبادي چوندا هئاسين جن کي لياقت عليءَ هڪ ڌار وزارت، 'رفيو جي منسٽري' ٺاهي ڪوڙن ڪليمن جي آڌار سنڌ جون سونيون زمينون ڏنيون ۽ باقاعده ڪالونيون ۽ سوسائٽيون ٺاهي انهن ۾ رهائي نوڪريون ۽ عهدا ڏيئي هنڌيڪو ڪيو. ۽ اسين جن جي اڳيان خود ملڪ ئي ڪچي آباديءَ (وجود 1947ع) جو درجو رکي ٿو اهي ڪچي آبادي قرار ڏنا پيا وڃون.

هاڻي به حڪومت سنڌين جي آهي. اهي ڪراچيءَ جي سنڌين کي قديم آباديءَ تحت حق ڏي ته اهوئي سنڌن حق آهي.

ڪراچيءَ جي اصلي رهاڪن ۾ جتي مهاڻا آهن اتي ٻکڪ، بنديجا، باريجا، هگورا، دودا، سور، پاپڙا، برفت، صابرا ۽ ٻيا به گهڻائي اصلي سنڌي قبيلا آهن جن جو تعلق لسٻيلي ۽ ڪوهستان سان آهي. ڪراچي به ته ڪوهستان جو حصو آهي.

منهنجو تعلق ٻکڪ قبيلي سان آهي ۽ ٻکڪن جي تاريخ منهنجي ايندڙ ڪتاب، 'مانجو ڪوهستان' ۾ اچي پئي جنهن جو ورجاءُ ڪرڻ نٿي چاهيان. پوءِ به ياءُ گل حسن ڪلمتي جي هڪ ڳالهه جو جواب ڏيندس، جيڪا هن 'سوجهرو' کي ڏنل پنهنجي انٽرويو ۾ چئي آهي، 'ٻکڪ قبيلو آهي جيڪو اصل ۾ هڪ آزاد قبيلو هو. لسٻيلي ۾ سنڌن حڪومت هئي (جڏهن ته لسٻيلي گزيٽيئر ۾ انهن علائقن کي 'ٻکڪ ڪنٽري' چيو ويو آهي. (1907ع)-) پر هاڻي ڪي غريب ٻکڪ پنهنجا فيصلا پوتاڻين کان ڪرائين ٿا. باقي اصل ۾ ٻکڪ هڪ الڳ قبيلو آهي جن وٽ سرداريءَ جو تصور ناهي آزاد خيال آهن.

"هونئن به جڏهن قبيلن جي سگهه ختم ٿي ويندي آهي ته اهي ڪنهن نه ڪنهن سردار جي ڇنبي ۾ اچي وڃن ٿا ان ڪمزوريءَ جو فائدو سردار به وٺن ٿا ۽ غريب قبيلن کي پاڻ ۾ ضم ڪري ڇڏين ٿا. ٻکڪن جي به ڪجهه غريب ڳوٺاڻن تي پوتاڻي سرداريءَ جو اثر پيو آهي. ۽ هنن اهو قبول به ڪيو آهي."

ڳالهه ٿيل آهي غربت ۽ ڪمزوريءَ جي جڏهن ته حقيقت ۾ ائين ناهي.

ٻکڪ قبيلو اڄ به غريب ۽ ڪمزور ناهي باقي اها حقيقت آهي ته اڄ وٽن اهڙو ڪو وڏو ۽ اڳواڻ ناهي جيڪو سنڌن فيصلا ڪري.

سيٺ علي محمد ٻکڪ، سيٺ غلام محمد ٻکڪ ۽ حاجي مريد ٻکڪ جي هوندي ٻکڪن جا فيصلا، نبيرا ٻي ڪنهن به سردار يا وڏيري ڏانهن نه ويندا هئا. بلڪه هو ٻين برادرين ۽ قبيلن جا فيصلا به پاڻ ڪندا هئا جيڪي وٽن ڪٽي ايندا هئا. انهن کان پوءِ سنڌن اولاد مان قادر بخش ٻکڪ اڳيان آيو جنهن نه رڳو پنهنجن ماڻهن مان پر ٻين قبيلن ۽ برادرين مان ئي ڄڻ دشمني ۽ جهڳڙي جي پاڙ ئي پٽي ڇڏي هئي. ۽ سڪ جا در کولي ڇڏيا هئا. ۽ ٻيو هو سليمان ٻکڪ جيڪو سگهه ۽ حوصلي جو مثال هو. پر قدرت جي ستم ظريفي ڏسو ته اهي ڀرئي جواني ۾ ڪُمهلا اوچتو هليا ويا. جيئن قادر بخش ٻکڪ لاءِ مشهور صحافي فقير محمد لاشاري پنهنجي هڪ مضمون، 'قادر بخش ٻکڪ کي ڪير وساري سگهندو.' ۾ لکيو آهي:

> **"قادر بخش ٻکڪ جي وڃڻ سان ائين لڳو ڄڻ ننڍڻ اس ۾ ڇانورو ڪري مٿان بيٺل ڪکر اوچتو هٽي ويو هجي..."**

واقعي به ائين ئي هو. جن کان پوءِ ٻکڪ قبيلي ۾ اڳواڻيءَ جي نمايان کوٽ ٿي ويئي. ۽ ننڍڙڪائيءَ جو ڀرپور احساس ايريو ۽ هو ڄڻ ته ٻاتاڙجي ويا. ان ئي وائڙائپ ۾ هو ڇڙوڇڙ ٿي ويا. جن ۾ قبيلي جي سگهه ختم ٿيڻ يا غربت ۽ ڪمزوريءَ جو ڪو به عنصر شامل ڪونهي. اڄ به ٻکڪ قبيلي جا نوجوان انهن پنهنجن ماڻهن کي ننديں ٿا جيڪي پنهنجا فيصلا ڌارين ڏانهن ڪٽي ويندا آهن. هاڻي به اهو ست ۽ ٻل آهي، جو پنهنجا فيصلا پاڻ ڪن. پر اهائي زوراوري ته ڪو به ڪنهن کي نٿو مڃي.

ياءُ گل حسن ڪلمتي ته پاڻ به ٻکڪن جي مڙسي، ڏاڏائي ۽ شاهوڪاري جو شاهد آهي. پوءِ الائي ڇو غربت ۽ ڪمزوريءَ جي ڳالهه ڪئي آهي.

**ڪراچيءَ جي حالتن کي بهتر بنائڻ بابت اوهان وٽ ڪهڙيون تجويزون آهن؟**

**جواب:** مٿين سوال جي جواب ۾ ڪراچيءَ جي حالتن بابت ڄڻ ته منهنجون سڀئي تجويزون اچي ويون آهن ته ڪراچيءَ جي اصلي رهواسين کي ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان تاريخ جي هن نازڪ موڙ تي تڪڙي بنيادن تي تحفظ ڏنو وڃي.

باقي تازيون حالتون، دهشتگرديون ۽ نازڪ صورتحال عالمي قوتون پنهنجن ٻولڙين ۽ ڀاڙي جي سپاهين کان ڪرائي رهيون آهن. جن جا حل به انهن عالمي طاقتن وٽ آهن.

**ڪراچيءَ ۾ سنڌي تعليم کي ڪهڙي طرح مؤثر بنائي سگهجي ٿو؟**

**جواب:** سڀ کان پهرين ته حڪومت جو فرض آهي ته ڪراچيءَ ۾ پرائمري کان يونيورسٽيءَ تائين سنڌي ٻوليءَ کي لازمي ٻولي طور پڙهايو وڃي ان ۾ نه رڳو سرڪاري تعليمي ادارا هجن پر نجي تعليمي ادارن کي پڻ انهن ۾ شامل ڪيو وڃي.

ڄاڻان ٿي ته اهڙو قدم کڻڻ جو حڪومت تصور به نٿي ڪري سگهي جيڪا چوڪنيي ٻڌي پيئي آهي. روز اهڙا اعلان ته ٻڌون ٿا جن تي عمل ڪرائڻ جو پروگرام حڪومت وٽ ئي نه هوندو آهي بس ، خالي سڪٽا ڏٺا، آسرا ۽ ڏتارڻ جا سانگ آهن. نتيجو اهوئي ته سنڌي شاگردن لاءِ ڪراچيءَ جي تعليمي ادارن ۾ داخلا تي بندش آهي.

ٻي وڏي ڏک جي ڳالهه اها جو سنڌي ماڻهو پاڻ به سنڌي ٻوليءَ کي اهميت نٿو ڏي. ايتري قدر جو پنهنجن ٻارن کي ڌارين ٻولين ۾ تعليم ڏياري رهيا آهن ۽ ظلم اهو جو سنڌي گهرن ۾ به سنڌي ٻولي گهٽ ڳالهائجي رهي آهي. ۽ سنڌن ٻار ٻگڙي وات سان مس سنڌي ڳالهائي سگهندا آهن. اهڙي صورتحال لاءِ هي پهاڪو آهي 'پنهنجي وڏئي جو ويڄ نه طبيب.'

ٻين تي ڀاڙڻ بدران پاڻ پنهنجي ذات ۾ تبديليءَ جي ضرورت آهي يعني، 'پنڌ پاڻ کان نه پڄي، لک لعنت گوڏن کي.'

**شاهه تي ڪيل تحقيق کي توهان ڪيئن ٿا ڏسو؟**

- **شاهه جي شارحن بابت توهان جي ڪهڙي راءِ آهي؟**
- **ڇا شاهه جي لسانيات ٻيهر ترتيب ڏيڻ جي ضرورت آهي؟**
- **شاهه جي رسالي جي اصليت بابت توهان ڇا ٿا چئو؟**
- **شاهه جي رسالي ۾ موجود ڌارئي ڪلام کي ڪيئن سمجهي / ڪڍي سگهجي ٿو ۽ ان ڏس ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻي جي ڪم کي ڪيئن ٿا ڏسو؟**
- **توهان جي نظر ۾ شاهه جو ڪهڙو رسالو معياري آهي؟ هر رسالي بابت پنهنجي راءِ ڏيو؟**
- **شاهه کي سمجهڻ لاءِ ڪهڙا عوامل ضروري آهن؟**
- **شاهه جي رسالي جي ٻين ٻولين ۾ ڪيل ترجمن بابت اوهان جي ڪهڙي راءِ آهي؟**

***(شاهه صاحب بابت ميڊم منگهاڻي کان الڳ الڳ سوال پڇيا ويا هئا. پر منگهاڻي صاحبه سڀني سوالن کي گڏ جواب ڏنو آهي- ايڊيٽر)***

**جواب:** ڊاڪٽر شير مهراڻي، مونکي خبر آهي ته اوهان شاهه جي جماليات ۾ ڊاڪٽريٽ ڪئي آهي. تنهن ڪري ئي اوهان سوالن جي لانڊ ٻڌي آهي. آئون انهن سڀني سوالن جا جواب هڪ ئي جواب ۾ ڏيڻ چاهيندس. آئون اهو به چونديس ته شاهه کي سمجهڻ لاءِ شاهه تي ڪيل پي.ايڇ.ڊي ايترو ڪم نه ڏيندي جيترو شاهه جي ٻولي سکڻ سان شاهه کي سمجهي سگهبو. آئون ڪيترن ئي اهڙن ڊاڪٽرن جا مثال ڏيئي سگهان ٿي جن شاهه تي پي.ايڇ.ڊي ڪئي آهي. پر هو شاهه کي سمجهي ۽ پڙهي نه سگهندا آهن.

لطيفؒ دنيا جو واحد شاعر آهي جنهن تي انسانيت جي ناتي سڄي دنيا فخر ڪري سگهي ٿي جي اسين سنڌي پاڻ شاهه جي شاعريءَ کي ٻين ٻولين وارن تائين جيئن جو تيئن



پڇائي سگھون ته
سوال اهو آهي ته ايئن ڪيئن ٿيندو؟ جڏهن ته سنڌي پاڻ به اجا شاهه کي سمجهي ۽ پڙهي نٿو سگهي!/نٿو ڄاڻي.

ايئن ئي شاهه تي ڪيل تحقيق سان آئون متفق ناهيان. اها سڄي محنت انهن جي ناليجي واڌاري ۽ ڪاتي ۾ ته اچي سگهي ٿي باقي شاهه جي ڪلام سان ناتو ڳنڍڻ ۾ ڪارگر نٿي ٿي سگهي. اهو ممڪن ئي ناهي ته شاهه جي ٻولي نه اچي ۽ ڪو شاهه سمجهائي. ناممڪن. اهوئي سچ آهي جيڪو شاهه جي محققن کي درپيش آهي.

شاهه جا سيئي محقق، سيئي شارح ۽ سيئي مرتب سنڌ جي انهن علائقن سان تعلق رکندڙ آهن جن جو لسٻيلي ۽ ڪوهستان سان ڪو واسطو ڪو سنٻنڌ ناهي. جنهن ڪري انهن پٽن جي لفظن ۽ لهجن سان به ڪو ڳانڍاپو ۽ سڃاڻپ سندن ناهي.

شاهه جي ڪلام جو بنياد لسٻيلي ڪوهستان جي لهجي ۽ لفظن تي رکيل آهي. ايئن به ناهي ته شاهه سائين رڳو ئي اهي لفظ ۽ لهجا واپرايا آهن.

لطيفؒ سڄي سنڌ جو شاعر آهي. هن سڄي سنڌ جا لفظ ۽ لهجا پنهنجي لازوال شاعريءَ ۾ آندا آهن. پر ڳالهه آهي بنيادي لفظن جي. هڪڙو لفظ آهي، 'ڏوڏا' سر يمن ڪلياڻ جو بيت آهي،

**ڏوڏا تون نه ڏٿين، آڳ اوڏو نه وڃين**
**اُلا جي عشق جا، سي تان تون نه سَهَين**
**اپو ايئن چَئين، آئون آڳڙيو آهيان.**

ٻيو بيت آهي،

**ڏنءُ ڏنءُ ڏمڻ وار، اڄ پڻ آڳڙين**
**ٻاري مچ مجاز جو، اوتيائون اگار**
**ڏوڏا ٿي مَر ڏار، جيئن ڪچو رڪ ڪٽيون ٿيئي.**

بيتن ۾ آيل لفظ، 'ڏوڏا' جي معنيٰ شاهه جي سيني شارحن، 'لوهار/ڪچو سيڪڙاٽ' ڏني آهي.

ساڳيو لفظ، 'ڏوڏا' سر رامڪلي ۾ به آيل آهي. بيت آهي،

**جوڳي ويا جا مير، جان مڙهنيان منهن پانيان**
**ٻيا پوڄيدي ڪير، ڏوڏاٽي ڏوپ رئ.**

ٻيو بيت آهي،

**منجهه محبت من، ٻهر ڏوڏا ڏوڙ سين**
**چڏيائون چُرَ لهي، ڪوڙ ڪُلچڻ ڪچ**
**جيئن سڙن تيئن سچ، جيئن سڙن تيئن سنرا.**

سر يمن ڪلياڻ ۾ ته لوهارن، ڏمڻ، اگارن جو ذڪر آهي. داستان جو موضوع به اهوئي آهي جنهن ڪري سيني شارحن لفظ، 'ڏوڏا' جي معنيٰ 'لوهار/ڪچو/سيڪڙاٽ' ڏني آهي. چوته انهن سيني شارحن جو پُرُ ڊاڪٽر گربخشاڻي جي ڏنل معنائن تي هو. پر جڏهن سر رامڪلي ڊاڪٽر گربخشاڻي جي ترتيب ڏنل شاهه جي رسالي ۾ ڇپيل نه ڏٺائون ته سيئي شارح ڇڻ ته ٻاتاڙجي ويا. چو جو سر رامڪلي ۾ نڪو لوهار نڪو ڏمڻ. اتي ڪلياڻ آڏواٽي ته ساڳي معنيٰ، 'لوهار اڳيان، ٻاهه ڏئيندڙ.' ڏيئي جند ڇڏائي. حالانڪ ڪيس تحقيق ڪرڻ کپي ها ته جوڳين جي ذڪر ۾ 'لوهار' ۽ 'ٻاهه ڏئيندڙن' جو ڪهڙو ڪم؟

ايئن ڪن ڇا ڏني ته ڪن ڇا! باقي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پنهنجي انفراديت قائم رکندي لفظ، 'ڏوڏا' بدلائي لفظ، 'ڏونئرا' آندو آهي. يعني، 'منجهه محبت من، ٻهر ڏونئرا ڏوڙسين...' ۽ لفظ 'ڏونئرا' معنيٰ، 'اڇي لباس وارا، سفيد پوشاڪ وارا.' ڏني آهي. ايئن ئي ٻانهي خان شيخ به لفظ، 'ڏوڏا' جي بدران لفظ، 'ڏورا' آندو آهي. "ٻاهر ڏورا ڏوڙ سين..." ۽ لفظ 'ڏورا' جي معنيٰ 'ميرا ۽ گدلا' ڏني آهي. يعني به شارح، به لفظ ۽ به متضاد معنائون. بيت هڪ ئي ساڳيو ئي.

ڇا 'شاهه جي رسالي' سان اهو غير سنجيده، غير ذميدارانه ۽ لاپرواهيءَ وارو رويو يا ورتاءُ درست آهي؟ يعني جنهن لفظ جي معنيٰ نه اچي ته اهو لفظ ئي بيت مان ڪڍي ڇڏجي؟

لفظ، 'ڏوڏا' جي معنيٰ بابت منهنجي ڪتابن ۾ تفصيلي سمجهاڻي ڏنل آهي. هتي جيئن ته هي انٽرويو آهي تنهنڪري ٿورن لفظن ۾ اهو ٻڌائيندس ته لفظ 'ڏوڏا' نج ڪوهستاني لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي، 'ڊِڳ/انبار' ۽ جتي به لطيفؒ لفظ، 'ڏوڏا' آندو آهي. اتي اها معنيٰ ٺهڪي ٿي. چو جو لطيفؒ لفظن ۽ معنائن جو ڄاڻو هو.

سر يمن ڪلياڻ ۾ آيل لفظ، 'ڏوڏا' سٽ آهي،

**ڏوڏا ٿي مَر ڏار، جم ڪچو رڪ ڪٽيون ٿيئي.**

معنيٰ: ڊِڳ/انبار (اگارن جو يا ٻاهه جو) ڪان ڏار نه ٿي/جدا نه ٿي، متان ڪچو رڪ ذرا ذرا ٿي وڃي. (ٻاهه گهٽ هئڻ جي سبب)

ساڳي سر يمن ڪلياڻ جي ٻي بيت جي سٽ آهي،

**'ڏوڏا تون نه ڏئين، آڳ اوڏو نه وڃين.'**

معنيٰ: ڊِڳ/انبار تون نٿو پري ٻارين، ٻاهه جي ويجهو به نٿو وڃين.

'لوهار' کي ته ساڳي بيت ۾ 'آڳڙيو' چيل آهي.
'اپو ائين چئين، ته آئون آڳڙيو آهيان؟'

معنيٰ: ٻيئو ايئن پيو چوين ته آئون لوهار آهيان/ٻاهه ٻاريندڙ آهيان.

ايئن سر رامڪلي واري بيت جي سِٽ آهي،

**'منجهه محبت من، ٻهر ڏوڏا ڏوڙ سين.'**

معنيٰ- اندر ۾ محبت اٿن (اجرا آهن) ٻاهر (ظاهري) اهي مٽي/ڏوڙ جي ڊِڳن/انبار سان آهن.

ساڳيئي سر رامڪليءَ جي ٻي بيت جي سِٽ آهي،

**ٻيا پوڄيندي ڪير، ڏوڏاٽي ڏوپ رئ**

معنيٰ: ٻيو ڪنهن جي پوڄا ڪندي، سواءِ ڏوپ (واس) جي ڊِڳن/انبارن وارن بنا.

رڳو اهو هڪڙو ئي لفظ ته ناهي جنهن ڪان شاهه جا شارح اڻ واقف آهن. انهيءَ سلسلي ۾ منهنجا به ڪتاب، 'ڇپر ڪين ڏي...' (2002ع) ۾ ۽ 'شاهه جي ٻوليءَ جو تحقيقي جائزو' (2006ع) ۾ جنهن جي ضخامت هڪ هزار صفحن ڪان به مٿي آهي. لطيف چيئر ڪراچي يونيورسٽيءَ پاران ڇپجي پڌراٽيا آهن. جن ۾ اهڙا سوين لفظ آهن جن جون معنائون لطيفؒ جي شارحن، محققن ۽ مرتبين غلط ڏنيون آهن.

شاهه جي شارحن لاءِ ايترو ئي چونديس ته انهن پنهنجي ذات ۽ علم کي ئي اهو سمجهيو، ڪن معصوميت سان ته ڪن احساس برتري سان لطيفؒ کي پنهنجي ذاتي سوچ ۽ خيال موجب ماڻهن کي سمجهائڻ چاهيو آهي جنهن کي آئون هڪ وچائجي وڃڻ جي حد تائين ڀهتل ٻوليءَ جي عظيم ۽ طاقت ور شاعريءَ سان هٿ چراند ڪري وچائڻ جي مترادف سمجهندي خطرناڪ عمل قرار ڏيان ٿي ۽ چاهيان ٿي ته شاهه جي لفظن جي درست معنائن سان نئين سر سنڌي ڊڪشنري ترتيب ڏني وڃي.

منهنجي ٻنهي ڪتابن جي ڇپجڻ ڪان جلدئي پوءِ تڏهوڪي لطيف چيئر جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر فهميده حسين ڳالهين ڳالهين ۾ مونکي چيو ته، 'هوءَ سنڌ جي ڏهن ڪلاسيڪل سنڌي شاعرن جي لغت آٽي رهي آهي جنهن ۾ هر علائقي جي لفظن جي معنيٰ لاءِ ان علائقي جي ماڻهن ڪان درستگي ڪرائيندي.' مون چيس، 'لسٻيلي ۽ ڪوهستان جي لفظن جي درستگي ڪير ڪندو؟' حالانڪ لسٻيلي ۽ ڪوهستان جي لفظن جي درستگي وارا منهنجا به ڪتاب شايع ٿيل هئا جن مان ئي هو درست لفظ ڪٽي سگهي پئي. پر هن ڪنهن صاحب جو نالو ورتو ته مون ڪيس ان ئي مهل چيو، 'ان کي لسٻيلي ۽ ڪوهستاني جي لفظن جي ته خبر ڪانهي.' چيائين، 'ادي، پوءِ ٻيو ماڻهو ڪٿان آڻيان؟'

جڏهن ته منهنجي ڪتابن ڇپڻ مهل اسان ٻنهي جا لفظن جي درست معنائن تي وڏا بحث ٿي چڪا هئا. ان جي باوجود هن مونکي نظر انداز ڪيو. جنهن ڪان پوءِ جڏهن اها 'ڏهن سنڌي ڪلاسيڪل شاعرن جي لغت' ڇپجي ظاهر ٿي ته اها غلطين جو پنڊار هئي. جيڪا مون ڏانهن موڪليندي پروفيسر سليم ميمڻ فون ڪري چيو، 'هن لغت تي تنقيدي مضمون لکي ڏيو ته ڪلاچي جرنل ۾ شايع ڪيون.'

مون اها لغت پڙهي ته ان ۾ لسٻيلي ۽ ڪوهستان جي لفظن جي ڪا به درستگي ٿيل نه هئي. جن لاءِ ڪنهن مضمون جي نه پر ڪتاب لکڻ جي ضرورت هئي ۽ مون ساڳيو ئي جواب پروفيسر سليم ميمڻ کي ڏنو، 'ادا، لغت تي ڪنهن هڪ تنقيدي مضمون جي نه پر هڪ تنقيدي ڪتاب آڻڻ جي ضرورت آهي.'

شاهه جي رسالي جي اصليت بابت ڪهڙو جواب ڏيان جو آئون پاڻ به چؤطرف ڪان مايوس ٿي پاڻ ئي 'شاهه جو رسالو' ترتيب ڏيئي رهي آهيان. وڏيڪ سڀ ان جي ديباچي ۾ چيل هوندو.

شاهه جي رسالي ۾ ڏاريون ڪلام هڪ ته اعلانيه آهي. يعني، اصل شاعر جي نالي سان آهي، مطلب عيسو چوي، ميهون چوي، حسن چوي، عنايت چوي وغيره اهو ته ڏاريون آهيئي آهي. وڏيڪ شاهه جي رسالي ۾ شامل ڏارين ڪلام لاءِ ڪسوٽي آهي شاهه جي ٻولي، لفظ ۽ لهجو. اهوئي ميزان آهي مون وٽ تورڻ سان ئي پتو پئجي ويندو آهي.

ڊاڪٽر گربخشاڻي جو ڪيل ڪم اڌورو آهي جيڪو ورهاڱي واري هاڃي جي ڪري ۽ سندس وفات جي ڪري رهجي ويو آهي جنهن ۾ ڪيئي اهم سُر شامل ناهن. مثال، رامڪلي، آسا، بروو سنڌي، ڪاهوڙي، رپ، ڏهر، ڪاپائتي، ڪارايل، بلاول وغيره وغيره ان جي باوجود هن لفظن جي معنائن ۾ اهم ڪم ڪيو آهي.

ڏک ۽ ڳڻتيءَ جي ڳالهه اها آهي ته لفظن جي معنائن ۾ هن کي پنهنجي ٻوليات هئڻ جو زعم هو. بيشڪ هو وڏو عالم ۽ ٻوليات هو. هن کي گهٽيون ٻوليون آيون ٿي. پر انهي زعم ۾ هن لفظن جون معنائون ڏيندي ڏاڍيون لاپرواهيون ڪيون آهن ۽ جن لفظن جي معنائن ڪان واقف نه هو ته انهن اڻ ٻڌل لفظن جون معنائون ڇڪي تاڻي حيلن حوالن سان ٻين ٻولين مان ڪڍي اچي ٿو.

مثال هڪڙو لفظ آهي، 'جريدي' جيڪو مونث/مذڪر جريدي/جريدا ۽ جمع مونث/مذڪر جريديون/جريدا آهي. شاهه جو هڪ بيت آهي،

**جيڪس ياد ڪياس، ور وچي وٽڪار ۾**
**جلد جريدي پنڌ ۾، اديون اڄ ٿياس**
**وچي ڪيچ پنياس، ٻاروچاڻي ٻاجهه سين.**

لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ لفظ، 'جريدي' جي معنيٰ آهي، 'تيار/ريڊي ميڊ' سٽ آهي،

**جلد جريدي پنڌ ۾، اديون اڄ ٿياس**

سِٽ جي معنيٰ: تڪڙي تيار پنڌ ۾، اديون اڄ ٿياس.

صبح جو جڏهن سسئي ننڊ مان اٿي هوندي ۽ پنهونءَ کي نه ڏٺائين هوندائين ته هن کي ته پنهونءَ جي پنيان وڃڻو هو. ۽ تڪڙو پنڌ ڪيس صبح جو اٿڻ سان تيار مليو هو.

لفظ، 'جريدي' لطيف جي ڪنهن به شارح جو ٻڌل نه هو. ان صورت ۾ هو اڻ ٻڌل لفظ جي معنا ڪيئن ڏيئي سگهن ٿا؟

شاهه جي رسالي ۾ لفظن جي معنائن جو تفصيلي ڪم ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ ڪيو آهي. ۽ گهڻو ڪري سيني شارحن اهيئي معنائون ڪنيون آهن.

وقت جي حساب سان ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جو ڪم



نهايت جديد انداز ۾ ڪيل آهي. پر جيڪو لفظ سندس بدل ئي نہ هو تہ ان جي معنيٰ هو ڪيئن ڏي؟ حالانڪ جيڪي لفظ بدل نہ هجن ۽ جن جي معنيٰ ڪان واقفيت نہ هجي تہ اهڙن لفظن کي ڇڏي ڏجي/معنيٰ نہ ڏجي. پر ڊاڪٽفر گربخشاڻيءَ ايئن نہ ڪيو. ۽ لفظ ’جريدي‘ جي معنيٰ ڪان واقف نہ هئڻ جي باوجود هن ڳولي ڦولي عربي ٻوليءَ مان نج سنڌي لفظن جي معنيٰ ڪڍي آندي،

”جريدي (عربي، جريده) ڇڙي، اڪيلي.“

ساڳيو لفظ، ’جريدي‘ ٻي بيت ۾ بہ آيل آهي

**هورن هاڙهو لنگهيو، ٿي جريدي جوءِ.**

**هوند جنهين سين هوءِ، هوت نہ هوندو تن سين**

معنيٰ: هلڪا/بنا بار وارا هاڙهو (جبل) لنگهي ويا. تون بہ اي عورت تيار ٿي (پنڌ لاءِ) هوند هستي جن سان هوندي انهن سان هوت نہ ملندو.

لطيف ؒ جي سڀني شارحن، محققن ۽ مرتبن لاءِ منهنجي ذاتي راءِ اها آهي تہ جن لفظن جون معنائون نہ اچن انهن لفظن کي بنا معنيٰ جي ڇڏجي. ڇو جو غلط معنيٰ ڏيڻ سان بيت جي اصلي معنيٰ ۽ مفهوم بدلجي وڃي ٿو.

ڊاڪٽر گربخشاڻي جي ترتيب ڏنل رسالي ۾ بيتن ۽ واين ۾ ڦيرڦار ڪان علاوه سندس ڪيل ڇنڊڇاڻ ۾ جتي ڪيترا اصلي بيت نڪري ويا آهن تہ ڪيترو ڌاريون ڪلام پئجي بہ ويو آهي. اهوئي سبب آهي تہ آئون لطيف ؒ جي ڪنهن بہ شارح، محقق ۽ مرتب سان متفق ناهيان.

هن مهل جڏهن آئون، ’شاهہ جو رسالو‘ ترتيب ڏيئي رهي آهيان. جنهن ڪان اوهان واقف بہ آهيو تہ اهڙيءَ مهل اوهان جو اهو سوال تہ ’آئون اوهان جي نظر ۾ ڪهڙو شاهہ جو رسالو معياري آهي؟‘ مونکي عجيب ۽ ناموضوع لڳو آهي.

شاهہ کي سمجهڻ لاءِ سڀ ڪان پهرين شاهہ جي ٻولي سمجهڻ کپي.

ترجمي جي ڏس ۾ چونديس تہ مترجم کي ٻئي ٻوليون مڪمل اچڻ گهرجن. هڪ اها، جنهن ۾ اصل تخليق آهي. ۽ ٻي، جنهن ۾ ترجمو ڪيو وڃي. جڏهن تہ لطيف جا سڀئي مترجم، شاهہ جي ٻوليءَ ڪان واقف ناهن. ۽ جيڪڏهن، ڪين شاهہ جي سڄي ٻولي سمجهہ ۾ نہ ٿي اچي تہ پوءِ هُو ڪيئن ترجمو ڪري سگهن ٿا. اهوئي سبب آهي جو آئون شاهہ جي رسالي جي سڀني ترجمن سان متفق ناهيان. اهي سڀ ناقص ترجما آهن، جنهن سان ڪنهن کي بہ ’شاهہ سمجهڻ‘ ۾ مدد ملي نہ ٿي سگهي.

**يونيورسٽين ۾ پڙهايو ويندڙ نصاب توهان جي نظر ۾ ڪيئن آهي ڇا اهو پنهنجون گهرجون پوريون ڪري ٿو؟**

**جواب:** يونيورسٽين ۾ پڙهايو ويندڙ نصاب مٽي مائٽي، ڄاڻ سڃاڻ ۽ دوستي ياريءَ جي مرهون منت آهي. ايئن ڪاليجن وارو نصاب بہ! جن ۾ وڏين تبديلين جي ضرورت آهي.

رائج نصاب ذريعي پاس ٿيندڙ شاگردن جي علمي قابليت ڪنهن ڪان لڪل آهي؟

سنڌي نصاب ۾ شامل ڪن ڪتابن ۽ سندن سيڪڙات ليڪڪن/ليڪڪائن جا نالا بہ ڏيئي سگهان ٿي. پر، ’ڇڏيو مٽي پائو...‘

**سنڌي ٻولي ۽ ادب کي ترقي وٺرائڻ لاءِ اوهان وٽ ڪهڙيون صلاحون ۽ رٿائون آهن؟**

**جواب:** سنڌي ٻولي ۽ ادب کي ترقي وٺرائڻ لاءِ تہ گهڻيون ئي صلاحون ۽ رٿائون آهن پر هن غلام دور ۾ انهن تي عمل ۽ خرچ ڪير ڪندو؟

بس اسين سڀ اديب/شاعر ڪوشش، محنت ۽ مطالعي سان سنڌي ادب ۾ بهترين واڌارو ڪري دنيا اڳيان پنهنجي ٻولي ۽ ادب کي مڃائڻ جي ڪوشش ڪري سگهون ٿا. اها ئي صلاح آهي باقي ٻيو تہ نڪا اميد نڪو آسرو نہ دلداري.

**سنڌي ميڊيا بابت اوهان جي ڪهڙي راءِ آهي؟**

**جواب:** سنڌي ميڊيا جي ڪردار جي ساراهہ اڳ بہ ڪئي اٿم هاڻي بہ چونديس تہ هو پنهنجو ڪردار، ذميداريءَ سان نڀائي رهي آهي. البتہ ٻوليءَ تي ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي.

**سنڌي اخبارن ۾ ڪتب ايندڙ ٻولي ۽ فوڪس ڪيل اشوز اوهان جي نظر ۾ ڪيئن آهي. ڇا انهن ۾ سڌارن جي ضرورت آهي؟**

**جواب:** سنڌي اخبار جو قبلو درست آهي. باقي ٻوليءَ ۾ گهڻيون ئي چڪون نہ بلڪ ڪوتاهيون آهن.

سنڌي اخبارن ۾ ڇپجندڙ سنڌي ٻولي سنئين سڌي اردو ٻوليءَ جو ترجمو آهي. ’هجي ٿو، هجن ٿا‘ ايئن ئي آهي سڀ ڪجهہ.

نج سنڌي ٻولي ڪٿي آهي؟ شايد اها هاڻي سنڌي پاڻ بہ پنهنجن گهرن ۾ گهٽ ڳالهائي رهيا آهن. جنهنجا اهڃاڻ سنڌي اخبارن جي خبرن ۽ ڪالمن مان ملي رهيا آهن. باقي ٻي ڪا بہ شڪايت ڪانهي.

**سنڌي ٽي وي ڊراما سنڌي سماج جي ڪيتري قدر عڪاسي ڪري رهيا آهن.**

جواب: سنڌي ڊراما سنڌي سماج جي عڪاسي ڪن ٿا يا نہ. اڳ ڪان اڳ اهو ڏنو وڃي تہ انهن جي پيشڪش ۽ ڊائريڪشن ڪيئن آهي؟

سنڌي اداڪار جڏهن ٻين ٻولين جي ڊرامن ۾ ايندا آهن تہ انهن جي اداڪاريءَ تي حقيقت جو گمان ٿيندو آهي ساڳيا ئي اداڪار جڏهن سنڌي چينلز جي ڊرامن ۾ اچن ٿا تہ ڄڻ صفا اڻ ڄاڻ آهن.

اداڪارن ڪان ڪم وٺڻ هدايتڪارن جو ڪم آهي. سنڌي چينلز کي ايڏانهن نظر ضرور رکڻ گهرجي ۽ پوءِ جڏهن سنڌي ڊراما ڏسنداسين تڏهن ڪنهن راءِ ڏيڻ جهڙا ٿينداسين.

**سنڌ جي سماجي مسئلن کي ڪيئن حل ڪري سگهجي ٿو؟**

جواب: ڊيل ڪارنيگي چوي ٿو، ’مان پنهنجون غلطيون فائل جي صورت ۾ محفوظ ڪريان ٿو.‘

جڏهن تہ سنڌي، ان جي ابتڙ پنهنجون غلطيون سگريٽ جي دونهين وانگر اڏائي ڇڏيندا آهن.

سنڌ جا سماجي مسئلا سنڌ جو سماج ئي حل ڪري سگهي ٿو. جنهن وٽ پلي ذريعن جي کوٽ هجي. پر پنهنجن مسئلن کي حل ڪرڻ جي تڙپ ۽ اٽڪڻ هئڻ لازمي آهي جيڪا پسڻ ڪان پري آهي.

ايندڙ حالتون نهايت اوکيون ۽ ڦهري آهن جيڪي سنڌ ۽ سنڌين جي تباهيءَ ۽ خاتمي جون منتظر رهنديون. ازالو ڪرڻ هٿ ۾ نہ هئڻ جي باوجود هٿ ڪرڻو پوندو. همٿ، مسلسل جدوجهد ۽ پنهنجن مسئلن جي حل لاءِ مستقل مزاجي رکڻ، اهوئي حل آهي سنڌي سماجي مسئلن جو.

**سنڌي عورت اڄ بہ گهر ڪان گهر تائين محدود آهي. ڇا ان طرح هوءَ سماج ۾ پنهنجو گهر جل ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي؟**

**جواب:** سنڌي عورت کي آئون دنيا جي مظلوم ترين مخلوق قرار ڏيان ٿي، جنهن جي مٿان سڄي سماج جون ذميداريون ۽ جوابداريون بنا ڪنهن سهوليت ۽ آزاديءَ جي. اهو عورت جو هڪڙو طبقو آهي.

سنڌي عورت جون حدون بہ انتهائون آهن. هڪ صفا غريب، اڻپڙهيل ۽ واڙيل. ٻي امير، تعليم يافتہ ۽ مڪمل آزاد. وچون يا مڊل ڪلاس عورت جو تصور هتي ڪونهي. جي ڪي آهن تہ انهن جو ڪردار اڻ نڪو ۽ اڻ ڳٽيو آهي.

ميار انهن ڪجهہ مڪمل آزاد عوتن جي مٿان اچي ٿي جيڪي ڪجهہ ڪري سگهڻ جي باوجود ڪجهہ نٿيون ڪن. ۽ پنهنجي آزادي ۽ آسائشن جو ناجائز فائدو وٺن ٿيون. ۽ ڪين رڳو مردن کي مياري ڪرڻ وارو ٽيڪو ڄڻ تہ ڇاپنديئي مليل هجي. اهي پنهنجي منفي سرگرمين جي سبب ٻين اهڙين عورتن لاءِ مسئلو بڻيل آهن جيڪي ڪجهہ ڪرڻ چاهينديون آهن.

ضروري ناهي تہ سڀئي ويمن ايڪٽوسٽ مردن جي خلاف هجن، اهڙيءَ طرح سنڌي عورت سماج ۾ پنهنجو گهربل ڪردار ادا نٿي ڪري.

**ڇا چادر ۽ چؤديواريءَ جي تقدس ۾ پليل عورت اڄ جي گلوبل دنيا ۾ پنهنجي حيثيت مڃائي سگهي آهي؟**

**جواب:** منهنجي خيال ۾ تہ اهو سوال مونکي اوهان ڪان ڪرڻ گهرجي! ڇو جو لڳي ٿو تہ اهو سوال اوهان مونکي اڳيان رکي پڇيو آهي. يعني، چادر ۽ چوديواريءَ جي تقدس ۾ پليل عورت ۽ گلوبل دنيا ۾ پاڻ مڃائڻ وارو تصور سنڌ ۾ شايد ٻيو نہ هجي، جي واقعي ائين آهي تہ منهنجو جواب اهوئي هوندو تہ ها بلڪل اڄ جي گلوبل دنيا ۾ هوءَ پنهنجي حيثيت مڃائي رهي آهي. ۽ اجا وڌيڪ طاقت سان پنهنجي حيثيت مڃائڻ لاءِ هاڪاري ڪمن ۾ رڌل آهي.

**سنڌ ۽ هند جي ادبي حلقن ۾ اوهانجي تخليقي ۽ تحقيقي ڪم جي وڏي مڃتا ۽ هاڪ آهي. پردي ۾ رهندي اوهان وڏو ڪم ڪيو آهي ان ڏس ۾ اوهان کي ڪيئي رنڊڪون درپيش ضرور آيون هونديون؟**

**جواب:** آخري سوال نهايت اهم آهي. آئون ٿورائتي آهيان پنهنجي پڙهندڙ جي جن سدائين منهنجي هر تحرير کي مانُ ۽ مرتبو ڏنو آهي.

سچ تہ پردي ۾ رهڻ جي ڪري منهنجي اڳيان رنڊڪون ۽ رڪاوٽون وڌيون ويون ۽ مون سان بيواجبيون ڪري ذهني طور مونکي گهڻو ڏڪايو ويو. ايتري قدر جو منهنجي ڪيل تحقيق مان منهنجا لفظ ڪٽي مونکي سمجهائڻ جون ناڪام ڪوششون ڪيون ويون. ڪتابن جي رائلٽي ۽ پروفن جي ادائيگي ۾ وڏا دوڪا، وڏيون چالاڪيون ۽ ڪرپشنون ڪيون ويون، جن جي مونکي پرواهہ تہ نہ هئي پر اهڙين حرڪتن ذهني طور مونکي ڊسٽرب ضرور ڪيو.

اهڙيئي مهل وري ڪي اهڙا بہ حيرتناڪ ڪردار، فلمي هيرو وانگر اپري نروار ٿيا آهن جن اچي هڪدم اهي رنڊڪون ۽ رڪاوٽون هٽائي مون لاءِ راهون هموار ڪيون آهن جن ۾ سرفهرست محترم تاج بلوچ صاحب آهي جنهن هند ۽ سنڌ ۾ منهنجي پذيرائي ڪئي.

هونئن بہ آئون خوشنصيب آهيان جو منهنجو سڄو خاندان تعليم يافتہ، باشعور، روشن خيال ۽ سگهارو آهي. جنهن جي ٻل ۽ طاقت تي مون انهن رنڊڪن ۽ رڪاوٽن جو مقابلو پنهنجي صلاحيتن سان ڪيو ۽ ڪامياب ٿيس.

منهنجا ڪتاب انهن ڪرپٽ ماڻهن لاءِ سزائون آهن جن منهنجن ڪتابن سان حراميايون ڪيون آهن جن کي مون روبرو بہ تہ لڪت ۾ بہ وائکو ڪيو آهي.

اجا بہ ڪي اهڙا منافق ڪردار آهن جن جي عمر ۽ بزرگي کي ڏسندي آئون ماٺ آهيان. ۽ منهنجي عظيم مائٽن جي ڏنل سٺي تربيت انهن جا نالا وٺڻ ۾ رڪاوٽ بڻيل آهي نہ تہ اهي منهنجي قلم جي سِٽ بہ سهي نہ سگهن ها.

هونئن بہ ڪنهن ڏاهي جو قول آهي،

**”ڪنهن بہ غلطيءَ جو ازالو ان ڪان بہ وڏي غلطي ڪرڻ سان نٿو ڪري سگهجي.“**

آئون ڪين معاف ٿي ڪريان ۽ پنهنجن محسنن ۽ مهربانن جا ٿورا مڃان ٿي. ■



# آگهي اهڃاڻ...



**لطيف نوناري**

**نوبيل** انعام يافته ليکڪ هيرالڊ پنٽر پنهنجي نوبيل ليڪچر ۾ ٻوليءَ کي هڪ “اڻ چٽو سودو” ڪوٺيو ۽ ان جي مبهم خاصيتن کي “جميل تلاءَ” جي استعاري ۾ قيد ڪيو. هن چيو ته سطح تي جميل اها برف ڪنهن به وقت ليکڪ جي پيرن هيٺان ٽٽي هن کي ٻوڙي ٿي سگهي. پنٽر اها به ڳالهه ڪئي ته حقيقت ۽ سچ به ائين ئي اڻ چٽا ٿي اسان جي فهم کي رولين ٿا. ان رولاڪيءَ ۾ ڏنڊلڪن منجهان ڪڏهن ڪو لفظ يا جملو وچ وراڪي جيان نڪري پوي ٿو ۽ اسين سچ جي هڪ لمحاتي نظاري يا تصور کي نوس شڪل ڏيڻ جي ڪوشش ۾ لڳي وڃون ٿا. اها رولاڪي سچ جي تلاش آهي ۽ سچ به هڪ سچ ناهي.

“ڪيترائي سچ آهن. اهي هڪٻئي کي للڪارن به ٿا ۽ هڪٻئي کان ٿهن به ٿا. هڪٻئي کي نظرانداز به ڪن ٿا ۽ چڙائن به ٿا. ڪڏهن ڪڏهن انڌا ٿي هڪٻئي کي ڏسن به ڪونه ٿا. هڪ گهڙيءَ ۾ توهان سمجهو ٿا ته سچ توهانجي مٺ ۾ قابو آهي، ته ٻئي لمحي ۾ ساڳيو سچ آڱرين جي وٿين مان نڪري گم ٿيو وڃي.”

**درد جا سپ روپ لفظن ۾ اتاريندس ضرور**
**اڻ ڳڻيا ئي ڏنپ ڏيندي شاعري احساس اٿم**

ڪلا جي زندگي ۾ احساسن جي آگهي جو سفر هڪ شاندار رولاڪي آهي. دردن جي روپن کي لفظن جا لباس ڏيئي، ڪلاونت سچ جي ان لمحاتي ظهور کي دوام جي منديءَ حوالي ڪندا آهن. “احساس اٿم” ان سچ جي قبوليت آهي، جيڪو دردن جا روپ ڌاري درمانن لاءِ درماندو ڪري ٿو.

**تنهنجي آڳر تي ڪوڪ ڪويل جي**
**درد هن جو حوال منهنجو هو**

ڪلا جو اهو ئي ڪم آهي ته تخليقي اظهار جي زبان ٻڌجي، اندر جي آنڌ مانڌ کي ٻاهر جي دنيا جو حصو بڻائي. رولاڪيءَ جي هل هلان کي دلين جي دروازن ڪڙڪائڻ ۽ ساهي پٽڻ جو ساهس ڏي.

حيدرآباد (هندستان) ڄائي سروجني نائيدو، جنهن ٻارنهن سالن جا ٻالڪ عمر ۾ (1892ع) مدراس يونيورسٽيءَ مان ميٽرڪ جو امتحان امتياز سان پاس ڪري پوري برصغير ۾ نالو ڪڍيو هو، سا ساڳي عمر کان هڪ شعله بيان شاعر به هئي. هن جي شعر جو قالب ته انگريزي هو، پر سندس روح پاتار تائين مشرقي هو. زندگيءَ جي ان بدمست گهڙين ۾ جڏهن صرف تن جي تونس ڏيان ۽ گيان جو مرڪز هوندي آهي، تڏهن هن زندگي جي عنوان سان هڪ نظم سرجيو هو :

Children ye have not lived, ye but exist
Till some resistless hour shall rise and move
Your hearts to wake and hunger after love,
And thirst with passionate longing for the things
That burn your brows with blood red sufferings
Till ye have battled with great grief and fears,
And borne the conflict of dream-shattering years,
Wounded with fierce desire and won with strife,
Children, ye have not lived: for this is life.

هي روح جي رولاڪي آهي، جا لفظن جو روپ ڌاري اڄ سيان جي من ۾ سرٻاٽ ڪندي آهي. ان بغير هر سودي ۾ کوٽ ۽ هر قدر ۾ سطحيت لهي ايندي آهي. جئين حافظ شيرازي چيو هو:

**اي بي خبر بڪوش ڪه صاحب خبر شوي**
**تا راهرو نه باشي تو ڪه راهبر شوي**

”اي اڻڄاڻ ڪوشش ڪر ته ڄاڻ جو مالڪ ٿئين، مسافر ٿيڻ بنان تون رهبر ڪئين ٿيندين.“

رولاڪيءَ جي نصاب بغير هر سند ڪچي ۽ ڪوڙي هجي ٿي. ’جو وهي سو لهي‘ اهڙي ئي نصاب ڏانهن اشارو آهي.

خوابن جي سوداگر ج ع منگهاڻي ’خوابن جا ايوان‘ کان پوءِ ’رولاڪ خواب‘ جو تحفو ڏنو آهي. هي رولاڪ جي صفت ڏاڍي معني خيز آهي. خوابن کي منزل ملي ها ته انهن جي رولاڪي ختم ٿئي ها. بي منزل هجڻ اڄ جي ماحول لاءِ هڪ تز استعارو آهي. اسين سڀ رولاڪين ۾ آهيون، پر اسان جي ڀٽڪڻ کي فقط ننڍڙين خواهشن جا نه سلڻ جهڙا مقصد آهن. انڪري اسي سڀ هڪ بي معني ماٺ ۾ بي حسي واري زندگي گهاريون پيا. سروجني نائيدو ته انکي زندگي به نه ٿي ڪوٺي. منگهاڻي ان بي معنويت ۽ ڇيچوري مقصديت کي خودآگاهي جي صورت ڏيئي چوي ٿي:

**تاڪ آهي گناهن جو گهر ۾**
**چو گهرين تي ثواب راهن ۾**
**لفظ ٽانڊا سٽون اُلا آهن**
**ڪنهن پٽاريا نصاب راهن ۾.**

انهن خودآگاهي جي نصابن جو ڪو مقصد به آهي يا اهي سڀ رولاڪيون بي ڊگ آهن؟ فريد منٺ ڪوٺيءَ جي “ميڏا عشق وي تون” جيان منگهاڻيءَ جي جهونگار به ڏنوي ٿي :

**اسان جي چاهه به تون، واهه به تون، ساهه به تون**
**مٺي او سنڌ ڪٺان ٿي قسم سهائيءَ جو.**

شايد هي گهري واڳ ئي مقصد آهي، هي وڏو سچ ئي رولاڪين جو روح آهي. ان وڏي سچ اندر ٻيا به ڪيترائي پتڪڙا ۽ پيارا سچ سمايل آهن. اڻ چٽي سودي کي لهي سولو ٿي ڏسڻ کان پوءِ ئي معلوم ٿئي ٿو وڪر کهڙو آهي.

نفسياتدان چوندا آهن ته خواب صرف ڪچي ننڊ ئي ڏسندي آهي. ڪچي ننڊ جو مطلب ته شعور جو پهريدار ايگو (ego) پوري هوش ۾ نه هوندو آهي. حواسن جا در

# ج.ع.منگهاڻي

## جنم پتري/ادب پتري

نالو: جنت خاتون بکک
ولديت: سيٺ علي محمد بکک
ادبي نالو: ج.ع.منگهاڻي
جنم: 25 ڊسمبر
جنم ڀومي: ڪراچي
پيشو: گهريتڙي

### ڇپيل ڪتاب

1. پتنگ پويان ڊوڙ- 1986ع آگم پبلشنگ ايجنسي حيدرآباد.
2. خوابن جا ايوان (شعري مجموعو) 1999ع سوجهرو پبليڪيشن ڪراچي.
3. ڇپر ڪين ڏي (ڀٽائيءَ جي لفظيات) 2002ع لطيف چيئر ڪراچي يونيورسٽي
4. رُڃ (ناول) 2006ع سنڌي اڪيڊمي دهلي (انڊيا)
5. رُڃ (ناول) ٻيو ايڊيشن 2012ع سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو
6. رولاڪ خواب (شعري مجموعو) 2006ع سنت ڪنور رام فائونڊيشن احمد آباد (انڊيا)
7. شاهه لطيف جي ٻوليءَ جو تحقيقي جائزو (تحقيق) 2006ع ڇپائيندڙ شاهه لطيف چيئر ڪراچي يونيورسٽي ڪراچي.

### انعام/ايوارڊ شيلڊز

1. زينت چنا ادبي ايوارڊ 1981ع
2. مرزا قليچ بيگ ايوارڊ 1987ع
3. ماهنامه اديون ايوارڊ 1987ع
4. سوجهرو تحقيق ايوارڊ 2002ع
5. سوجهرو ادبي ايوارڊ (ناوليٽ ڏيڻ) 2002ع
6. محمد جمن هالو ايوارڊ (ناول رُڃ) اڪيڊمي آف ليٽرس 2007ع
7. لطيف ايوارڊ- سنڌ ڪلچر ڊپارٽمينٽ 2007ع
8. مادرِ وطن ايوارڊ- ترقي پسند پارٽي 2007ع
9. سنڌ چلڊرينس اڪيڊمي مچتا ايوارڊ 2007ع
10. سنڌي ادبي سنگت سنڌ، تحقيق ايوارڊ 2007ع
11. سوجهرو س. ا.س سنڌ، ناول ايوارڊ (رُڃ) 2007ع
12. س.ا.س سنڌ، شاعري (رولاڪ خواب) ايوارڊ 2007ع
13. شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ ۽ تصوف ايوارڊ 2007ع پاران اڪيڊمي آف ليٽرس اسلام آباد
14. سوجهرو ادبي ايوارڊ (فڪشن، شاعري، لطيفيات ۽ ادبي صحافت) 2008ع
15. ايڊيٽر ان چيف ماهوار ’سوجهرو‘ (آڪٽوبر 2003ع کان جولاءِ 2006ع تائين)
16. ڪالمسٽ روزاني عوامي آواز

### ايندڙ ڪتاب

1. مانجو ڪوهستان- سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.
2. ۽ ڪيئي يعني هڪ کان گهڻا. ■



ڪولڻ ڪان اڳ ۽ ڏيان ڪي جاڳائڻ ڪان پهريائين، هي چوڪيدار يادگيريءَ جي رڪارڊ جو بٽڻ دٻائيندو آهي ۽ پاڻ گهيرٽ ۾ هليو ويندو آهي. ايگو جي غيرذميداري واري ان وٿيءَ ۾ لاشعور ۽ تحت الشعور يادگيريءَ سان اڪبوٽ ڪيڏندا آهن. ”مان ٿي ٻڌايان“ ۽ ”آءٌ ٿو ڏيکاريان“ جي ڏي وٺ ئي خواب سڏائي ٿي. انساني نظام جي جسماني ۽ غيرجسماني نظامن جي هي واردات سڀني انسانن سان لاڳو آهي.

ان عمومي نظام جي برعڪس، انسان جي تخليقي لاڙي واري جبلت جاڳندي خواب ڏيکارڻ جي قوت رکي ٿي. جن رولاڪ خوابن کي منگهاڻي ڪتاب جي صفحن تي وکيريو آهي، سي ڪچي ننڊ وارا خواب ناهن. هي پڪي جاڳ جي گهري شعور جا خواب آهن ۽ تخليقي تخيل جي پيداوار آهن.

انساني تخيل اها نهار (vision) آهي، جنهن جو جنم شعوري ڇيد سان ٿئي ٿو. ”جو آهي سو نہ ۽ جو ناهي سو هجڻ گهرجي.“ ”ڪي اوڏا ئي ڏور، ڪي ڏور بہ اوڏا سپرين“ تخيل جي پڪار ۽ ڪارنامو آهي. ”مون سي ڏٺا ماءُ، جن ڏٺو پرين ڪي“ تخيل جو اتساهہ آهي ۽ سڀ ڇيد جي برڪت آهي. ڪلاونت پنهنجي من مان هڪ ماڻ ڪٽي حقيقتن جي اوڪ ڊوڪ ڪندو آهي. حقيقت شيون بہ آهي، حقيقت خيال بہ آهي. ماڻ شين جا بہ آهن ۽ ماڻ خيالن جا بہ آهن. بزم هجي يا رزم، وڇوڙو هجي يا ميلاپ، فرد هجي يا اجتماع- هر هنڌ شيون ۽ خيال ۽ انهن جا ماڻ هجن ٿا. شعور انهن جو ڇيد ڪري ٿو، اظهار جوڙي ٿو ۽ اعلان ڪري ٿو. ڇيد جي اڏام فرد جي خول ۾ بند هوندي تہ تخيل سسي سوڙهوٽي پوندو ۽ جنهن نواڻ جي هو وڪالت ڪندو، سا فيشن جي رنگن جيان هڪ محدود وقت تي محيط هوندي. اهڙي نواڻ صرف اڄ جو بيتاب راڳ ٿيندي ۽ ان جو نہ گذريءَ سان سڱ هوندو ۽ نہ ئي ان ۾ ڪا آئندي جي اُون هوندي. ڇيد وسيع هوندو تہ تخيل جي نواڻ ڳانڍاپي جي نواڻ ٿي پوندي. هن جو سڱ سياپو ڪالهہ ۽ سڀاڻي ٻنهيءَ سان ٿيندو. اها اڄ جي طلسم کي ڪالهہ جي جادو سان جوڙي، سڀاڻي جي دل ڏتارڻ ۾ بہ ڪامياب ٿي سگهي ٿي. اهڙي نواڻ کي ئي پنهنجي وقت جي مالڪي ڪرڻ جو حق آهي ۽ اهڙي ڪلا ئي جرڪ ٻڌجي زندگيءَ جي گهربل معني آڇي سگهندي آهي.

**منتظر ڪنهن جي چاهہ ۾ اکيون**
**خواب پوکين راهہ ۾ اکيون**

هي ڪنهن اڪيلي فرد جي ڪٿا آهي؟ جيڪا چاهہ منتظر رکي ٿي، سا ڪا هڪڙي چاهہ آهي؟ خوابن جي پوک بہ صرف هڪ شاعرا جي اکين جي آهي ڇا؟ جنهن شيءَ کي ڪلا چئون ٿا، سا سڀني جا سرٻاٽ سمائيندي آهي. منگهاڻيءَ جون اظهار واريون اکيون هاڻي هن جي ذات جا در کولي، اسانجي ديد ٻڌجڻ جي دعوت ڏين ٿيون. اسين تہ اهي آهيون جن لاءِ ڀٽائي چوي ٿو : ”مناڙين هٿن سين، اکين ڪين پسن“. هن نئين ديد ۾ ڇا ٿو ڏسجي؟

**چوڏسائن ۾ اوپرا چهرا**
**چرڪ چوڏار ٿاهہ ۾ اکيون**

سنڌ جي وڏن شهرن ۾ وچي هي سٿون من حوالي ڪيو. پاڻهي سرٻاٽ معني تي پوندا. پوءِ ليڪا ڪجو تہ هي شخصي آهي يا توهان بہ ان جو حصو آهيو. هن اڄ سان سلهاڙيل ڪالهہ بہ ساهہ پساهہ ۾ آهي:

**تنهنجي تصوير آهي جن ۾ چٽيل**
**سي لڪايان ٿي ساهہ ۾ اکيون**

ساهہ ۾ لڪائڻ (يا سانڍڻ) ساڳيو ”نهائينءَ ڪان نينهن“ سڪيل نصاب آهي. ڪالهہ جو هي ڏڳ اڄ جي گهٽيءَ ۾ گهمائڻ پيارو لڳي ٿو. منگهاڻيءَ جي هن رولاڪ شاعريءَ ۾ ڪرب جي نقشن کي ڏسندي ”بيدل“ جون سٽون ياد پيون :

**جوشئون جلائي جسم کي، جيءَ ۾ پائج ڪي جهاتڙيون**
**ريءَ درد سڀ ڳالهيون ڦڪيون، واهواهہ برهہ جون ٻاتڙيون**

هن رولاڪيءَ ۾ جهاتڙيون بہ آهن تہ ٻاتڙيون بہ آهن. سڀني ڇيدن کي پاسيرو رکي مون صرف اٿر کي اندر ۾ سمايو آهي ۽ رولاڪيءَ کي ئي ڇيد سمجهي هنن خوابن جو طلسم ڏٺو آهي.

**خواب سان ٻڪ وجهي نيڻ جو مرڪيا**
**چهرا سڀ جرڪندا آرسيءَ کي مليا**
**فاصلا قربتن کي ڏتاري ويا**
**لڙڪ سڏڪا سدا هر خوشيءَ کي مليا**

ڪيفيتن جي هن ڪٿا ۾ جيڪي شيون پهريون ڏيان ماڻن ٿيون سي آهن معصوميت ۽ بي ريائي

**جسم ۾ ڪجڪا ڪنوڻ وارا هئا**
**اهڙوئي ڪو رقص آيو خواب ۾**
**پنهنجي لهجي ۽ رويي کي ڏسي**
**سمنڊ جيڏو ترس آيو خواب ۾**

هي خواب آهي يا قيقت جو هڪ انداز؟ نفسياتدانن جي منجهيل تعبيرن کي ڦولڻ بغير، مان پوري وجودي يقين سان چئي سگهان ٿو تہ فرق ڪرڻ ڏکيو لڳي ٿو، ڇاڪاڻ تہ جذبن جي جر ۾ شعر لرزي ٿو ۽ سببن ڪان وڏيڪ اٿرن ۾ آهنگ پيدا ڪري ٿو. اهڙي حسيت کي جنس جي تناظر ۾ ڏسڻ بہ پورڙائي ٿيندي. من جي اهڙي مڌر ڪيفيت کي ائين سادگي ۽ سچائي سان اظهار ڪرڻ بيباڪي ضرور آهي پر ان ۾ ڪا منفي واردات آهي ئي ڪونہ. هڪ معصوم جرڪ جذبي جي بيپناهہ ڇڪ کي نہ صرف عيان ڪري ٿي پر پوري بلوغت سان اهو بہ ٻڌائي ٿي تہ حقيقت جي رکي منظر ۾ ان جمال جو وجود مطلوب تہ آهي، موجود ناهي. مان ان کي دلڪش ڏانءُ چوندس. اهڙو ڏانءُ جيڪو خواب جي ڳالهين ۾ حقيقتن جو داستان سمائي ٿو ۽ حقيقتن کي خوابن جهڙو رومانس بخشي ٿو.

**نئين چاهہ جو سنگ نسري نہ ٿو**
**فقط نانءُ هڪڙو ئي وسري نہ ٿو**
**اولارون اشارا ڪيا انڌلٽ**
**اگڻ تي لٽل نينهن اڏري نہ ٿو**

هيءَ وعدن، عهدن ۽ قسمن واري ان قربت جو تصور آهي، جنهن جو ميثاق وجود جي پوري تڙپ، ڄاڻ ۽ اڄ سان لکيو ويو هجي. اڄوڪي اشتهاري دور ۾ اهڙو تصور ماڻهن جي گهٽائي شايد هڪ ڏندڪٿا جيان محسوس ڪري. لاڳاپي جي اهڙي آدرشي تصوير ماڻهو چوندا تہ فقط شاعريءَ جو مبالغو آهي، پر جڏهن شعر ٻڌائي تہ

**واپسي هاڻي گهر ڏانهن ممڪن ڪٿي**
**مان تہ نڪري وئي آهيان لڙڪن جيان**

تڏهن يقين ڪرڻو پوي ٿو تہ هي واردات اندر جي اندر مان ڪوري ڪڍي وئي آهي. ان ۾ جا لهجي جي استقامت ۽ سچائي آهي، سا بہ پڌري آهي.

**سڏڪا سڏڪا روح اجارو ماندو تن**
**خالي هٿ ڊهيل ريڪائون تنها مان**

تنهائي جو هي ڪيڏارو هڪ پرين وجود جي عدم موجودگي کي مرڪزي مانڌاڻ ٻڌائي، پاڻ ڪان وڌ ان پرين کي ٻڌائڻ ٿو گهري:

**تون نہ آهين تہ رونقن پاسي**
**ڪين ڪڏهن ڪو در ڪليو دل جو**

ائين ناهي تہ من رونق آشنا ناهي. عقل جي ڦرهي موجود آهي، رونقن جو احساس مئو ناهي . . . بس هڪ وجود جي نہ هجڻ سان لاڳاپي جا نيم عقل جي هوندي بہ رونق گريز ڪري ڇڏن ٿا.

شاعريءَ ڪان اها ئي اميد هوندي آهي تہ اها نہ صرف جذبن جي عميق جي رهاڪو هجي، پر ان سان گڏ ان اندر فهم فراست بہ هجڻ گهرجي ۽ سڀ ڪان اهم، اها من جي هر ڇيندڙ يا ڇهڪندڙ ڪيفيت کي رواني ۽ ردم سان اظهارڻ جو ٻل رکي. ج ع منگهاڻيءَ جو شعري مجموعو ”رولاڪ خواب“ مون لاءِ اهڙي ئي شاعري آهي. ان ۾ ڪرب جا بيشمار زاويا بہ آهن ۽ محبتن جا ڪيئي مرڪندڙ مرهم بہ ميسر آهن.

**جا ڪوڙيندي جڳ ۾ وڪ وڪ تي مليا**
**ڪورا ماڻهو خالي ڪوڪا واٽن ۾**

هڪ سوچيندڙ، سرجيندڙ جيوَ جي حيثيت ۾ پلي هڪ مجسم پرينءَ جي تلاش هجي، پر ان جستجو جا دائرا ڪيترن ئي دنگن سڃاڻڻ ۽ ڳولڻ جا اهل هجن ٿا. مان سمجهان ٿو تہ شاعريءَ کي صرف شاعر/شاعرا جي ملڪيت سمجهڻ ايستائين درست آهي جيستائين اها سرجيندڙ جي من ۾ خيالن جي ڪنڪرين جو ڍير آهي. ان ڪنڪرين کي ٻوليءَ جي تلاءَ ۾ اڇلڻ تائين اها اڪيلي ملڪيت چئي سگهجي ٿي. تلاءَ ۾ ٽٻي بعد ان جي حياتي صرف لهرون آهي ۽ لهرون سڀ جون ٿي سگهن ٿيون. ڪئين چئجي تہ ڪهڙي لهر ڪنهن جي ديد جو نصيب ٿيندي، ڪنهن ٻئي لهر کي بہ جنميندي يا اتي ئي پڇاڙي ڪندي؟ شاعر رلڪي پنهنجي هڪ خط ۾ هڪ سرجيندڙ کي صلاح ڏني هئي تہ ”پنهنجي اڪيلائيءَ سان پيار ڪر ۽ جنهن غم سان اها همڪنار ڪري، تنهن کي اندر ۾ اوتي ڳاءِ، ڇاڪاڻ تہ اهي جيڪي تولاءِ قريب آهن، سي دور آهن. جڏهن تون اڪيلائي جي ڪيفيتن کي اظهارين ٿو، تڏهن تنهنجي اوسي پاسي جي خلا تيزي سان وسيع ٿئي ٿي. قريبن جي دوري ان خلا کي ستارن تائين ڦهلائي ڇڏي ٿي. پنهنجي ان وسعت تي خوش ٿيءُ ۽ ان ڊنگ کي ڳول جيڪو توکي ٻين اهڙن ماڻهن سان ڳنڍي جيڪي ساڳي ڪيفيتن ۾ آهن پر وٽن وسعت جي نعمت ناهي.“ هي اهي دائرا ۽ دنگ آهن جيڪي لهرن سان سلهاڙجي دلبري ڪن ٿا.

**هڪڙو ئي بس چاهت وارو ڏوهہ ڪيم**
**پڙڪيو وڏ گناهن ڪان سنسار گهڻو**

هي ان پرين درد جي دانهن آهي جا شاعرا کي انهن ماڻهن سان جوڙي ٿي، جن وٽ درد تہ آهي پر درمان ڪونهي. اظهار جو هي درمان ئي شاعر/ شاعرا جي ميراث آهي. مان وري رلڪي ڏانهن موٽان ٿو، جنهن جي نظر ۾ شاعري اندر جي خلا کي وسعت ڏئي ٿي ۽ ان



# ’رڃ‘ منهنجي نظر ۾

ياد ٿو پوي ته جون 2007ع ۾ برادرم تاج بلوچ ٿي ناول موڪليا هئا ته انهن کي پڙهي انهن مان بهترين ڪتاب جي چونڊ ڪريان. انهن ٽنهي ڪتابن ۾ محترم ج.ع.منگهاڻيءَ جو ناول، ’رُڃ‘ به شامل هو. اهي ٽيئي ڪتاب پڙهي، مون ناول ’رُڃ‘ کي پهريون نمبر ڏنو هو. ۽ لکيو هوم،

”مون ٽيئي ڪتاب (ناول) دلچسپي ۽ غور سان پڙهيا آهن. منهنجي نظر ۾ ج.ع. منگهاڻيءَ جو ناول، ’رُڃ‘ پهرئين نمبر تي عاليشان ناول آهي. اهو ٽيڪنيڪ، ڪهاڻي، ڪردارنگاري ۽ منظرنگاريءَ جي لحاظ کان اعليٰ درجي جو ناول آهي. آئون ته ايترو به چوندس ته سنڌيءَ ۾ مون ههڙا اعليٰ پائي جا ناول گهٽ پڙهيا آهن. آئون ته ان حد تائين به چوندس ته هن ناول کي دنيا جي سموري ڪائنات ۾ (فرينچ، انگريزي ۽ اسپئنش ٻولين سوڌو) بهترين ادب سان برميچي سگهجي ٿو. ڪيس لڪ شاباسون هجن. منهنجي خيال ۾ اهو ناول حڪما حڪمي پهرئين نمبر تي بهترين ناول آهي.“

سنڌي ڪلچر جي پسمنظر ۾ جان بيبي ۽ طارق خان جا ڪردار ايڏا سگهارا ۽ موزون آهن جو منگهاڻيءَ جي تصوراتي دنيا کان به مَٿيرا آهن. مون کي ڪزنزاڪيس جي يوناني ڪلچر جي پسمنظر ۾ خلقيل ڪردارن جو حوالو ياد ٿو اچي. ان جي باوجود ٻوليءَ جي خوبصورتيءَ تي منگهاڻي ڪزنزاڪيس کان گهڻو اڳتي آهي. رڳو هڪڙو ئي مثال ڏيندس. جڏهن جان بيبيءَ جو هي گفتو لوڏي ٿو ڇڏي، ’ڪي ماڻهو سفر ۾ گڏ هلڻ جي قابل نه هوندا آهن. ۽ ڪي رستا تنها ڪٽجي نه سگهندا آهن. ‘ اهڙا خوبصورت جملا سموري ناول ۾ ٽِڙيا پکڙيا پيا آهن.

**سراج الحق ميمڻ**

وسعت جي شعور سان شاعر/شاعرا ٻاهرين فطرت ۾ متبادل ڳولي ٿو/ٿي. فطرت فقط پتر، ٺڪر ۽ پٿر ناهي. اها پورو پيچيدو ماحول آهي جنهن اندر هر قسم جي خوابن جا سبب ۽ اثر پلجن ٿا. شاعر/شاعرا جو شعور ۽ لاشعور به ان ماحول جو هڪ قيمتي حصو آهن. اندر جي خلا کي وسعت ڏيڻ جون ڪيئي تعبيرون ڪري سگهجن ٿيون، پر سڀ کان اهم تعبير اهو تعميري ڳانڍاپو آهي، جيڪو سرجڻهار جي اڌمن کي اظهار رستي ٻاهرين ماحول سان جوڙي ٿو.

**لکان ٿي شعر اڌي ٿو وڃي ڪو ٽانڊاٽو**
**مليو هٿن کي جڏهن کان قلم سهائيءَ جو**

اندر جي خلا بيچيني پيدا ڪري ٿي ۽ اظهار جو ڏانءُ ان اُڻ تُڻ کي ٻوليءَ رستي هڪ لاڳاپو ڏئي ٿو. فطرت ۾ موجود مظهر ٻوليءَ کي هردم نواڻ ۽ تازگي ڏيڻ لاءِ موجود آهن. ڪمي آهي ته ان بصارت جي آهي، جيڪا فطرت ۾ نواڻ ۽ تازگي ڳولي سگهي. مان جو شاعرا جي خلا کان ٻاهر گهاريان ٿو ۽ پنهنجي اندر جي خلا ۽ اُڻ تُڻ کي بي اظهار خاموشيءَ ۾ گمنام رکان ٿو، نهايت بي ڪيف ۽ بي گرو آهيان. شاعرا جي اظهار جي وسعت منهنجي بي ڪيف ۽ بي گري زندگيءَ ۾ پنهنجي ڪيفيتن جي سمجهه ۾ قدر آڻي ٿي. ائين مان ان ڏات ۽ ڏانءَ جو ٿورائتو ٿيان ٿو.

**روز نئين ساپيائن پويان**
**خوا ب سڙن ٿا شمشانن ۾**
**درماندو آ هانءُ منگهاڻي**
**ٻوڙون پايان دالانن ۾**

هي اندر ۽ ٻاهر جو ميلاپ ! اندر خواب اٿي ٿو، ٻاهر ساڙي ٿو. هانءَ جي هيج ٻوڙون پارائي ٿي. اندر سانت سڪون تلاشي ٿو، ٻاهر انتشار وات ڦاڙيون واگهه وجهيو ويٺو آهي. هي اندر ۽ ٻاهر جو فرق شاعري جو ڏانءُ چٽو ڪري ٿو. ان چٽائي ۾ نواڻ، تازگي، خلوص ۽ جمال گڏجي احساس جو آئينو جوڙن ٿا. حسون پنهنجي موڙيءَ تي مست ٿين ٿيون ۽ اظهار جو سهڻو پنڇي ٻولي ٿو :

**تون نه آهين ته تنهنجي خوشبوءِ جا**
**هر ڏسا کي ڏي واس تنهائي**

تعليمي قوت ۾ سيڙپ بغير سياسي شعور ۾ نعريباز نظرين جو هڪ رومان پرور ڇپر به ان دور جو ڪارنامو آهي. ڏاهه جي ٽولائي ۽ گروهي آڪڙبازيءَ جي هن دور ۾ ادب واحد ميدان هو جتي هر ٽولي تنقيد کي هٿي وٺائڻ ۽ سهڻ کي اگرو سمجهي، صرف پنهنجي ٽولائي مفاد کي معتبر سمجهيو. سطحيت ۽ فڪري جمود ۾ قاضي منجهه ويهار واري سبق جو پنوئي گم ٿي ويو. فڪر ۽ فن جي گروهي شڪلين ۾ سرجڻهار اڄ تائين پنهنجا پٽڪا ۽ پوتيون بچائڻ کي پهرين ترجيح سمجهن ٿا. اياز جهڙي يگاني ڏات به پنهنجي شفقي دور ۾ ڏنين کان بچي نه سگهي. هريڙي سوداگرن جا ڪوڪا فتوائن ۽ عظمتن جون پڙيون اڄ به ٻوڪڙ ڪري هلائن پيا. پوءِ به تخليقي ڏانءُ نه مئو آهي ۽ نه ئي ننڊ جي گهيرٽ ۾ آهي.

**منهنجي نيڻن ۾ ڏسي ورهه سندا اوجاڳا**
**مونکي ياڪر ۾ پري رات ٽڪي ٿي رڻ ۾**

هي فطرت جو ٻڪ ئي ان ايڪي جي تخليق ڪري ٿو، جنهن کي ڏسي خوبصورتي جو احساس جاڳندو آهي. ماحول جي بگڙيل صورت ۾ به تخليقڪار پنهنجي اظهار کي فطرت سان ڳنڍي داد ماڻن ٿا. امريڪي شاعر، مضمون نگار، ۽ فلسفي ايمرسن چوندو هو ته ”ماڻهوءَ جي جڪ ۽ نا انصافين خلاف جيڪو حقيقي اظهار آهي، تنهن جي واڳ فطرت پنهنجي هٿ ۾ رکندي آهي.“ رڻ جي رات جي ياڪر ۾ وڇوڙي جا اوجاڳا فطري ۽ فطرت سان واڳيل اظهار آهي. پنهنجائپ جو قرب ڪٿي ملي ٿو؟ رڻ ۾ ! رڻ جهڙي غير روماني جاءِ تي ورهه جا ماريل نيڻ قرب ڏسن ٿا ۽ لفظن پٺيان لڪل ان ڪرب جو به اظهار ڪن ٿا، جيڪو وسندين ۾ ماڻهن جو بخشيل آهي. رڻ جي اها رات صرف ڪيفيت جو ٻول ناهي. شاعرا ان کي هڪ ڪردار ۾ بدلايو آهي. ڪيفيت هڪ ڏاڪو مٿي چڙهي واقعي ۾ بدلجي وئي آهي. بيان شاعري تي پيو آهي. تخليق استعاري جي پوشاڪ ۾ سونهن تي پئي آهي.

**آءُ منگهاڻي عميقن مان اٿون**
**هاڻي لهنداسين ڪنارا سپ نوان**

عميقن ۾ پڙاءُ ڪرڻ، بنا موتي لهڻ، فقط ٻوڙيندڙ جمود جي علامت آهي. ان جمود جي آگاهي نون ڪنارن ڳولڻ لاءِ اتساهي ٿي. اها ڳولا ڇا لاءِ آهي؟ ايمرسن چواڻي ماڻهوءَ جي جڪ ۽ ناانصافي خلاف فطرت جو اجهل آواز شاعرا جي صدا ٿئي ٿو.

**اسان جا روح به گهائل ته جسم پيي زخمي**
**پهو جي پيار جو رڪڻو اٿئي ته آءُ پلي**

اردو شاعر مصطفي زيديءَ جي هڪ غزل جو شعر آهي :

*انہی پتھروں پہ چل کے اگر آسکو تو آؤ،*
*میرے گھر کے راستے میں کوئی کہکشاں نہیں ہے۔*

ڪيفيتون، جذبا ۽ جذبن جي زبان ۾ هڪجهڙائي جا رنگ ڪا نئين ڳالهه ناهي. اهو اتفاق جو حسن به ٿي سگهي ٿو ۽ لاشعوري طور مطالعي جو اثر به ممڪن آهي. يوناني ڊرامانويس سوفوڪليس پنهنجو ناٽڪ ” اڊيبس بادشاهه“ قبل مسيح ۾ ڏنو هو. ان ناٽڪ ۾ انڌي ٽيريسياس جي ڪردار جو هڪ جملو انگريزي ترجمي ۾ ڪجهه هئين آهي : To be wise is to suffer هاڻي پٽائيءَ جون سٽون ياد ڪيو : ”الا ڏاهي م ٿيان ڏاهيون ڏک ڏسن“. خيال جي هڪجهڙائيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي. ساڳي خيال کي گهڻن ٻين به ائين ئي بيان ڪيو آهي. غورطلب ڳالهه هي آهي ته شاعر جڏهن حقيقتن جي ڇيد ۾ لهي ٿو ته ڏهن ڪير ڇئي سگهي ٿو ته نتيجا ڪهڙا ايندا. اهي ساڳيا به ٿي سگهن ٿا. پر اڪثر ساڳي ڪيفيتن سان جهيڙي وقت، سگهاري ڏات جو اظهار مختلف ۽ لپائيندڙ ٿئي ٿو. منگهاڻيءَ جي شعر ۾ هٿ بجاءِ حقيقي ضرورتن جو نقشو ۽ پنهنجائپ جي خوشبوءِ آهي.

هڪ شاعرا جي بيان کي اسان منجهان گهڻا جنس جي عينڪن سان ڏسي شخصي تعبيرون ڪري خوش ٿيندا آهن. مان سندس اظهار ۾ شخصي ضمير جي استعمال وارن شعرن ۾ به هڪ محسوس ٿيندڙ وسعتجو شيدائي آهيان. سندس خلوص جو لهجو مونکي هميشه مايا اينجلو جهڙو لڳندو آهي. شاعريءَ جي هن پيٽَ کي ”رولاڪ خواب“ جو عنوان به خوب ڏنو ويو آهي. اها رولاڪي پنهنجي اندر سڄڻ ۽ ساٿيهه کي سمائي تمنائن جي درد کي چٽي ٿي. شخصي تعبيرن جي ان ۾ گنجائش ئي ناهي، ڇاڪاڻ ته جن ڪيفيتن ۽ ڪردارن کي سندس دلڪش ٻولي سامهون آڻي ٿي، سي نه جنس جي قيد ۾ آهن ۽ نه ئي فرد جي سوڙهي خول ۾ بند

**انا جون ڪٽي رات ڏينهن موڙيون**
**سپن خواهشن کي جهلي ٿو بدن**

انا جذبو آهي يا عقل يا بي عقلي؟ فرائڊ جو هي پهريدار ايگو سپني وٽ آهي. انڪري ئي شعر هڪ ذات جو نمائندو ناهي. اها ذات اظهار بعد ذات گهٽ ۽ ميراث وڌيڪ بڻجي ٿي. منگهاڻيءَ جي ڏانءَ جي دلپذير خوبي هي به آهي ته هوءَ جذبن کي اندر مان ڪوري ٻاهر ڪڍڻ سان ئي هڪ پرجوش ڪردار ۾ بدلائي ڇڏي ٿي.

**نثار ٿو مٿان سنڌو هي تشنه تن منهنجو**
**اي ڪاش اڄ ڪسيان مان ٻنهي ڪنارن کان**

مان ۽ منهنجي جي تڪرار ۾ وسعت سپني کي قرب جي دعا ۾ شامل ڪري ٿي. ”اڄ ڪسيان مان ٻنهي ڪنارن کان“ اتر ۽ ڏکڻ لاءِ ٻنهي ڪنارن جو استعارو ۽ اڄ جي راڄ ۽ ڪنارن ۾ تعلق نه صرف دليل جي دنيا ۾ تز معني آڻي ٿو، پر ساڳي وقت ”اي ڪاش“ جي حسرت سان گڏجي جذبي کي گهرائي به ڏئي ٿو. هونئن به جذبا



۽ منگهاڻي مون لاءِ نفاست جو اظهار آهن. نه انهن ۾ عاميت جي ڇيڳرائپ آهي ۽ نه ئي بي مهار جذبن جا اڀرڪا. هڪ تراوت ڏيندڙ تازگي واري راحت "رولاڪ خواب" جو تحفو آهي.

**ساهه سان ڪو هڳاءُ ٿي آيو**
**پاڻ ڪي پاڻ مشڪبار ڪيم**
**لڙڪ آيا ڪڏهن جو نيڻن ۾**
**مرڪ جو چئومکي حصار ڪيم**

خودانحصاريءَ جي هن جماليات ۾ جذبن جي آپيشاهيءَ تي قدرن جي پيدا ڪيل هوشمندي زندگيءَ جي ضدن جهڙي دلڪش لڳي ٿي. پاڻ کي پاڻ مشڪبار ڪرڻ ۽ مرڪ جا حصار قائم ڪرڻ وارو ڪردار نه صرف زماني جي ستمگر وحشت کي ڄاڻي ٿو ، پر ساڳي وقت ان اندر ٻاڦ ۾ لاٽ ڪرڻ جو ڦل به آهي. ان هوشمنديءَ ۾ بيشمار ٿيل ۽ ٿيندڙ وارداتن جي سمجهه به شاعرا جي شعوري موڙي لڳي ٿي. سوچيندڙ من هر ڏسا ۾ سمجهه جي موڙي ڳولي ٿو.

**ڳهندي ڳهندي ساهن جي سانجهي آئي**
**تنهنجي گهر جو چارو شايد ڏوڪو هو**

هن شعر ۾ "شايد" جو لفظ هوشمندي ۽ شدت وچ ۾ معاهدي جيان لڳي ٿو. اهو معاهدو اميد جو ڪرڻو به آهي ۽ حقيقت جي فهم به آهي. حيدرعلي لغاري جي لفظن ۾ "فهم وهم جو ضد آهي" پر هن فهم ۾ شايد جو لفظ وهم کي به گمان ۾ رکي ٿو. شعر جي بلاغت ئي شاعرا جي نهار جي شاهد بڻجي ٿي. سندس فهم سطحي نه پر گهڻ پاسائين آهي. گهڻ پاسائين بلاغت لاءِ ادب پنهنجي صنعت تي ياڙيندو آهي. تشبيهون، استعارا، ترڪيبون، اشارا، ڪنايا سندس ڄاتل سڃاتل ترڪش جا تير رهيا آهن. انهن سڀنيءَ مان استعاري جو شان هميشه نرالو ۽ اوچو رهيو آهي. "رولاڪ خواب" جي شاعري استعارن جي من موهيندڙ تنوع سان ٽٻ آهي. ذائقي لاءِ صفحي 29 تي روشني جي رديف تي ٻڌل غزل پڙهندا. هڪ موضوع تي خيالن جي يلغار کي شايد ڪو "روايت پسند" "مسلسل غزل" جو ٺپو هڻي عموميت جو طعنو ڏئي، پر استعارن جي تنوع کي ڏسندي اهڙو امڪان ممڪن نه ٿو لڳي.

**ٻاٽ جي ڪاريگرن جي مٺ ۾**
**ڪا ٽڪي تلوار آهي روشني**
**سنڌ جي معصوم ناريءَ وانگيان**
**راهه ۾ سنگسار آهي روشني**

هيٺين شعر ۾ تشبيهه به استعاري جي حسن ۾ اضافي ڪرڻ لاءِ موجود آهي. استعارن جي معني دريافت ۽ نزاڪت جو سفر ٿي پوي ٿي. جئين جئين معني لاءِ استعاري اندر لهجي ٿو، تئين تئين تهه در تهه انڪشافي خوشگواريت آڏرياءُ (يا آڏريٽ) چوي ٿي. جديد دور ۾ ادب جي تڪ تور ڪندڙن وٽ اڪثر اها شڪايت عام ڏسبي آهي ته اڄ جو ادب ۽ اديب سسي سوڙهو ٿيل لڳن ٿا. وٽن يا ته سگنيفيڪنٽ يعني اهميت واري معني ڪونهي، يا وري معني آهي ته اها رعبدار ناهي.

شاعريءَ ۾ استعاري کي سينگار جو مقصد سونهن کان وڌيڪ اها ڳالهه اهم آهي ته ان رستي تجريد کي نوس شڪل ۾ آڻي، خيلن جي فهم کي آساني ڏجي ٿي.

شاعريءَ ۾ ان جي استعمال جو هڪ ٻيو فائدو به آهي. استعارو جتي فهم کي آساني ڏئي ٿو، اتي ڪجهه پاسن کي مخفي رکڻ ۾ به مدد ڪري ٿو. شاعري اندر جذبن کي زبان ڏيڻ جي مقصد سان گڏ انهن جي معني کي نفيس تهه ڏيڻ به بهتر شاعر/شاعرا جي خوبي هجي ٿي. سڀ سمورو صاف ۽ غيرمبهم رکڻ شاعري جو منشور آهي ئي ڪونه! پڙهندڙ/ٻڌندڙ پنهنجي وت آهر اڻ چٽائيءَ ڪيعلامتي اظهار سان جوڙي معني جي ڪُليت ڏانهن وڌندو آهي. مان هتي اڳ ڏنل هڪ شعر جي چٽائي ۽ اڻ چٽائي تي خيال ونديان ٿو.

**ڳهندي ڳهندي ساهن جي سانجهي آئي**

شروعات ۾ ئي ابهام سان ابتدا ٿئي ٿي. ڳهڻ جو فعل ڳاهه جي عمل مان اڃي ٿو. فصلن جو ڳاهه ٿيندو آهي، جنهن ۾ ان جا داڻا پلال، ڀُهه يا ڪتيءَ کان الڳ ٿيندا آهن. عملي طور غيرمشيني ذراعت ۾ اهو عمل جانورن جي لتاڙ رستي ٿيندو آهي، يا اڄڪلهه جي مشيني دور ۾ ٽريشر جي مدد سان سرانجام ڏنو وڃي ٿو . شاعرا زندگيءَ جي ڏکن، محرومين کي ڳاهه جي صورت ۾ ڏسي پسي، زندگيءَ جي عمومي لتاڙ کي زندگي جو حاصل ٻڌائڻ سان شروعات ڪئي آهي. اها لتاڙ ڪنهن ڪئي آهي، ڇو ڪئي آهي، ان کي چٽائي جي دائري کان ٻاهر رکيو ويو آهي. رومان پسند محبوب جي ڪنورتا کي فرض ڪن يا حقيقت پسند ڪنهن استحصاليءَ کي جنم ڏين، هو آزاد آهن. اظهار جو اڻ چٽو چپر ٻيئي پوري يقين ۽ آزاديءَ سان پنهنجو ڪري سگهن ٿا. ڳهڻ کان پوءِ شاعرا چٽو استعارو آندو آهي. "ساهن جي سانجهي" يعني زندگيءَ جي پڇاڙي. سانجهي ڏينهن جي پڇاڙيءَ جي علامت آهي. زندگيءَ جي مختصر هجڻ کي ڏينهن جي استعاري ۾ آڻڻ قديم روايت آهي. دنيا جي تقريبن سڀني ٻولين ۾ اها روايت ملي ٿي. پنهنجي ڀيٽائي به "ڏينهن مڙيئي ڏون" چيو هو. منگهاڻيءَ به ساڳي روايت کي نئين جرڪ سان استعمال ڪيو آهي. سندس فوڪس زندگيءَ جو مختصر هجڻ نه پر مختصر زندگيءَ ۾ غمن ۽ محرومين جو تسلسل آهي. ان آگهي جو نتيجو به عين منطقي ۽ حقيقي ڏنو اٿائين. "تنهنجي گهر جو چارو شايد ڏوڪو هو. The way to your abode was perhaps an illusion" نتيجي ۾ به تعبيري دنيا آزاد رکي ويئي آهي. غمن، محرومين ۽ فريب جي دنيا شخصي هوندي به غيرشخصي لباس ۾ پيش ڪئي ويئي آهي. منگهاڻيءَ جي تخليقي جرڪ ۽ انجو اسلوب ٻيئي خوبصورت آهن. استعارن جي جهرمر عقل ۽ جذبي کي تسڪين ڏئي ٿي ۽ من سٿن کي دهرائي خوش ٿئي ٿو.

هي سٿون لکندي اوڻيهين صديءَ جي امريڪن ادبي نقاد ۽ فيمينسٽ فڪر جو پايو مضبوط ڪرڻ واري مارگريٽ فُلر جو "نقادن تي مختصر مضمون" ذهن تي تري آيو آهي. چالو ٽيڪا ٽپڻي ڪندڙ تبريبازن لاءِ هن لکيو هو: "To them it seems that their present position commands the universe." "هنن کي ائين ٿو ڀاسي ڄڻ سندن موجوده حيثيت پوري گولي جي حاڪم هجي." ۽

They never dream that there are statures which cannot be measured from their point of view.

"انهن ڪڏهن خواب ۾ به نه ڏٺو آهي ته (دنيا اندر) اهڙا قد به آهن جن کي سندن نڪتئه نظر کَڇڻ کان قاصر آهي."

والٽ وٽمئن چيو هو "مان پنهنجو رد پاڻ آهيان" I contradict myself. منگهاڻيءَ جو ناول "رڃ" پڙهڻ بعد مون گمان ڪيو هو ته آءٌ سندس شاعريءَ جا ذهني پيچرا به پوريءَ طرح سمجهي سگهندس. سندس ڏکهي غزل "ڏاهپ جا ڪيئي خواب..." پڙهڻ بعد اهو گمان ڪنهن گمنام قبر ۾ هليو ويو. سندس اظهار ۾ جذبي ۽ تنوع جو مان هڪ گمر سمر پرستار آهيان ۽ مارگريٽ فُلر جي لفظن ۾ شايد سندس قد ڪڇڻ واري نڪتئه نظر کان پري آهيان، ڇاڪاڻ ته مان سندس ئي سچ کي قبوليان ٿو:

**ڇم ڇم ٻُري وڄن ٿيون فضائن ۾ چوڙيون**
**جذبن جا پر رباب لڪائي ٿي ڇوڪري**

اها ڇوڪري سرخي پائوڊر جي دنيا ۾ فقط پنهنجا ئي عڪس ڳوليندڙ ٻي سڌ جواني ناهي. اها فيمينسٽ شدتن جو ٻيو ڇيڙو به ناهي. قدرن جي دنيا ۾ حوءَ روايت پسند ضرور لڳي ٿي، پر روايت پرست به شايد ناهي. عورت جي دنيا لاءِ فرائڊ جو ٻي فيض استعارو "اونداهو کنڊ" به هنجي دنيا سان ڪونه ٿو ٺهڪي. شاعريءَ جهڙي خودسر صنف ۾ مشق ڪرڻ ۽ خوب مشق ڪرڻ واري حسيت ايتري آسان ڦل نه هجي، پر ڪيس سڄو مخفي سمجهڻ جاهلاڻو ڪوڙ ۽ انياءُ آهن. سندس تخيل ۽ اسلوب جي زمين جي قبلي کان وڌ زرخيزي اهم آهي. شاعريءَ جي ڪُلي ٻنين کي خود تخليقڪار آمد جهڙي غيرحقيقي لفظ سان منسوب ڪندا رهيا آهن، انڪري انکي ڪُلي طور سمجهڻ جو ضد ضروري ناهي. منگهاڻيءَ جي لڪائيندڙ ڇوڪريءَ جو للڪاريندڙ مقدمو پڙهي اقبال رند جو هڪ شعر ٻري پيو آهي:

**اڏندي پنڇيءَ کي ٿو گهورين**
**نيل گگن ۾ گم ٿي ويندين.**

سنڌي شاعري اڪيهين صديءَ ۾ به اسرار سمائي ٿي جي معني مون لاءِ نهايت خوشگوار آهي.

**ٻي ڏوهه دفن ٿي نه وڃان ڪفن ڪانسواءِ**
**سوچن ۾ انقلاب لڪائي ٿي ڇوڪري**

هن لڪ ۾ جا ڇڪ آهي، سا ئي جمال ۽ جذبو پسائي ٿي. مشرقي شاعريءَ جي من موهيندڙ خوشبوءِ "ڳولا" ۾ ئي هوندي آهي. ڀٽائي جا ڪردار به ان ئي واس ۾ وهنتل آهن: "حقيقت هن حال جي جي ظاهر ڪيان ذري..."

خاموشي ئي آواز لاءِ اتساهيندي آهي. لڪل نه هجي ته پوءِ ڳولا ڪهڙي ولايت ويندي؟ پراسرار ڇوڪريءَ جو جادو انجي اسرار ۾ ئي آهي. ان اسرار ۾ خالي شاعري ناهي. ڏاهپ جا خواب ۽ حقيقت جا عذاب ۽ سراب به آهن. ڳولا شاعرا جي به آهي ۽ ڳولا پڙهندڙ جي به آهي. ڳولا اميد جو اهڃاڻ آهي، ڳولا محبت جي سڃاڻ آهي. "رولاڪ خواب" ڀهڳولا جا پيچرا آهن. آثمر ناٿن شاهيءَ جي هڪ خوبصورت وائي جا ٻ بند ان رولاڪيءَ جي نذر ڪجن ٿا:

**آءٌ وڃان ٻيو ترڪندو، ڇوواٽا سڀ ڇڪ**
**ڪيڏي ڪنهن جي ڇڪ.**
**نيٺ ته مان ڳولي ڪڏهن، لهندس هن جي لڪ**
**ڪيڏي ڪنهن جي ڇڪ.** ■



# منهنجي ساهيڙي...



فريده شفيع

**هو تہ ڇا مونسان بہ توهانکي ٿي ويندي چاهت**
**صرف هڪڙو دفعو منهنجي پرينءَ کي جي ڏسو**

ڪي ماڻهو وڻن وانگر هوندا آهن. جيڪي ڌرتيءَ جي مٽان ڪرندڙ سج جي تيز ڪرڻن کي جهلي ڇانوَ جو نفيس احساس پيدا ڪندا رهندا آهن. سندن محبت جون پاڙون پڻ وڻن وانگر ڌرتيءَ جي اونهاين ۾ ڪتل هونديون آهن. سندن ساوڪ اکين کي تازگي ويران دلين ۾ بہ درد جا ديرا دمائي ڇڏيندي آهي. اهڙن ئي ماڻهن جو هڪ ٻيو رُخ بہ هوندو آهي. هو جيڪڏهن انا جي گنبذ ۾ وڃي پڙاءُ ڪن تہ هوند ڪين پنهنجي ئي پڙاڏي ڪان سواءِ ٻي ڪنهن کي ويجهو اچڻ بہ نہ ڏين. پر ان پڙاڏي ۾ بہ احساس هوندو آهي. بلڪل لطيف جي هن بيت وانگر،

**پڙاڏو سوئي سڏ ور ورائي جي سٽي**
**هئا اڳ ئي گڏ، ٻڌڻ ۾ بہ ٿيا.**

اهي ئي ماڻهو آگهي جي لمحن ۾ پڙاڏن ۽ سڏن جا حصار ٽوڙي هر طرف، ’راڻو ئي راڻو‘ ٿي ويندا آهن. ايئن ئي اهڙن ماڻهن جي هڪ ڌار ڪائنات هوندي آهي، جنهن ۾ بهارون، برساتون، خزائون ۽ خوشين جي اچ- وڃ مزاج مطابق رهندي آهي. هو ڪنهن ڪان بہ اثر ناهن وٺندا.

25 ڊسمبر جي تاريخي ڏينهن تي ڪراچيءَ جي هڪ سڃاڻ شخصيت سيٺ علي محمد بڪڪ جي گهر (ڪراچيءَ جو وچو-وچ حاجي مريد بڪڪ ڳوٺ) ۾ هڪ اهڙي ئي شخصيت جي آمد ٿي، جنهن اڳتي هلي هڪ عجيب طلسم قائم ڪيو. هڪ نفيس ۽ نازڪ نياڻي جنهن کي سندس بابا پيار مان، ’بابُو‘ ڪري سڏيندو هو، والده ڪيس، ’نڪٽ تارو‘ تہ جيڏيون سرتيون ڪيس ’نيڻ تارا‘ ڪري سڏينديون هيون. ادبي دنيا لاءِ ج.ع. منگهاڻي ۽ منهنجي لاءِ ’ڪتي مني ساهيڙي‘ آهي. شعور جي چائنٺ تي پير ڌريندي ئي جنهن پهرين شيءِ سان سندس واسطو پيو، اها هئي، ڪاغذ ۽ قلم. پڙهڻ جو شوق ڪيس ڏُکي ۾ مليو هو. ڪتاب سندس ورثو ۽ لفظ سندس دوست هئا. توڙي جو سندس عمر گڏين ڪيڏڻ واري هئي. پر هوءَ پنهنجي دل ڪتابن ۾ وندرائيندي هئي. جڏهن علم دوست پيءُ ۽ اعليٰ تعليم يافتہ پائر هر وقت گڏ هجن تہ علم لاءِ درسگاهن جي لوڙ ناهي پوندي.

قدرت هر ماڻهوءَ کي هڪ مخصوص ڪم لاءِ پيدا ڪندي آهي. ۽ اهي ماڻهو پوءِ پنهنجي شعبي جا ’ماسٽر‘ ٿي ويندا آهن.

ج.ع.منگهاڻي پنهنجي اظهار جو ذريعو ادب کي بڻايو. ۽ هوءَ پنهنجي پورهئي ۽ بصيرت سان ادب جي افق تي هڪ جرڪندڙ ستاري جيان ابري آئي. هوءَ باڪمال ڪلاڪار آهي. پنهنجي ڳالهہ کي سولن، سهڻن ۽ روان لفظن ۾ بيان ڪرڻ، ۽ پنهنجي ادراڪ کي ٻين تائين رسائڻ تي مڪمل عبور حاصل آهي.

هن ڪيترين ئي صنفن تي پنهنجي هنر کي آزمايو آهي، جن ۾ ناول، شاعري، ڪهاڻي ۽ لسانيات شامل آهن. هوءَ هڪ ئي وقت تجزيہ نگار ۽ ڪالم نويس آهي، جيڪي هلندڙ وقت جي گهڻ-رُخي سگنيفڪنٽ جا حامل آهن.

هن جي شاعري موسيقيت، نغمگي ۽ رواني سان ڀرپور آهي. هن جي شاعري جي موضوعن ۾ سچڻ ۽ ساڻيهہ برابر آهن. هوءَ پنهنجن جذبن کي نفيس، لطيف ۽ وڻندڙ لفظن ۾ اظهارڻ جو فن رکي ٿي. هڪ پاسي سندس فن آهي تہ ٻي پاسي ان فن جي پيرائي ۾ ڪيل فڪري ڳالهيون. منگهاڻي جي غزل کي آئون، ’غزالغزليات‘ جي درجي تي ڏسان ٿي. لفظن سان ڪيڏڻ ۽ جملن کي زندگي ڏيڻ، سندس فن جو خاص عنصر ۽ خوبي آهي. هوءَ اڃا صرف يارنهن سالن جي هئي تہ هن لکڻ شروع ڪيو. چند ڏهاڪن جي سفر ۾ ئي هو ادب جي آسمان تي آفتاب ٿي ابري آئي. سندس اهم ترين ڪم شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي لسانيات جي معنويت کي دريافت ڪرڻ آهي. هن گذريل ٽن سو سالن کان لطيف جي لسانيات جيڪا غلط انداز ۾ بيان ڪئي پئي وئي، ان صحيح رخ پيش ڪيو آهي. هن ڊاڪٽر بلوچ، ڊاڪٽر گربخشاڻي، عثمان علي انصاري، مرزا قليچ بيگ ۽ ٻانهي خان شيخ سميت لڳ ڀڳ شاهہ جي سيني شارحن کي چئلينج ڪندي شاهہ جي رسالي ۾ ڏنل لفظن جي معنائن کي غلط ثابت ڪيو آهي. سندس تاريخي ڪتاب، ’شاهہ جي ٻولي: تحقيقي جائزو‘ ان ڏس ۾ هڪ اهم ترين ۽ مستند دستاويز طور سامهون آيو آهي.

لطيفيات سندس خاص موضوع آهي. هن نہ صرف لطيف جي لفظن جي معنائن کي آسان انداز سان سمجهايو آهي. بلڪ لطيف جي فڪري رُخن تي پڻ تمام گهڻي مدبراڻي ۽ دانشوراڻي انداز سان قلم کنيو آهي. لطيف جي سر ريئلزم هجي يا فطري پيار، عورت جي جذبن جي عڪاسي هجي يا موسمن جي تبديلين ۽ اثرن جو ذڪر. هن بهترين نموني سان قلم کنيو آهي. ’ايءَ نہ عورت هوءِ‘ واري ٿيسز ۾ هن، لطيف جي شاعريءَ ۾ عورت جي جذبن جي عڪاسي ۾ جيڪا سينٿيسس ڏني آهي، انهيءَ اهلِ علم کي ڇرڪائي ڇڏيو آهي. ڊاڪٽر عاشق بدوي جهڙي عالم سندس اهو مقالو پڙهي چيو هو، ’بيشڪ منگهاڻي لطيف تي سند آهي.‘

ج.ع. منگهاڻي سان منهنجي ڏيٺ ويٺ ڊاڪٽر عاشق حسين البدوي جي واسطي سان ٿي. دوستن جي معاملي ۾ آئون خوشقسمت آهيان ، جيڪي بہ دوست هن زندگيءَ جي سفر ۾ مليا آهن. اهي انتهائي پُرخلوص ۽ سچا مليا آهن. ڊاڪٽر بدوي جڏهن بہ منگهاڻي جو ذڪر ڪندو هو. سندس لهجي مان احترام پيو بکندو هو. هو سندس صلاحيتن جو معترف ۽ مداح هو. مون ڊاڪٽر بدوي کان منگهاڻي صاحبہ جو فون نمبر گهريو. هن چيو تہ ان لاءِ وٺائنس اجازت وٺڻ ضروري آهي. ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ هن مرڪندي، مشڪندي ۽ خوش ٿيندي مونکي منگهاڻي صاحبہ جو نمبر ڏنو ۽ چيائين، ’اجازت ملي وئي آهي. تون ساڻس ڳالهائي سگهين ٿي.‘ آئون ۽ ڊاڪٽر بدوي، منگهاڻي کي جنهن جو اصل نالو، جنت خاتون علي محمد آهي، جنت الفردوس ڪري ڪوٺيندا هئاسين.

مون منگهاڻي صاحبہ کي فون ڪيو. گفتگو جو سلسلو ايئن شروع ٿي ويو جڻ ڪ اسان صدين جون شناسا هجون. ادب، تاريخ، تصوف، سياست، سماج، مسئلا، خوشيون، ڪهرجون، ضرورتون، احساس، درد، اڪيلايون ۽ نہ ڄاڻاڻبيو ڇا ڇا اسان جي گفتگو جا موضوع هوندا هئا.

منگهاڻي صاحبہ پنهنجي برادري کان ٻاهر ڪڏهن بہ ڪنهن ڏانهن نہ وئي هئي. پر مون ماڻو ڪيو، ’توکي مونڏانهن ضرور اچڻو پوندو. منهنجي محبت ۽ محبت جي اسان واري هي برادري توکي مون ڏانهن ضرور وٺي ايندي.‘

هن شروع ۾ تہ انڪار ڪيو. پر آخر هوءَ منهنجي ڀائٽي رِدا جي شاديءَ تي 19 آگسٽ تي آئي. ڪيس پَرين جهڙو ويس اوڍيل هو. هوءَ شاندار خاتون جڏهن گاڏي مان لٿي، دل گهريو دنيا جا ستارا ۽ گل سندس قدمن ۾ وڇائي ڇڏيان. هوءَ پنهنجن ڪجهہ عزيزن سان گڏجي آئي هئي. سندس وقار ۽ شاندار سڀاءَ هيڪاري مونکي سندس ويجهو آڻي ڇڏيو. ڪوهستاني حسين روايتن جي امين، ج.ع.منگهاڻي ۾ محبت جو هڪ سمنڊ سمايل آهي. سندس شخصيت شرارت ۽ شگفتگيءَ جو حسين ميلاپ آهي. باوقار، بارعب ۽ شانائتي انداز واري منگهاڻي اڄ منهنجي ساهہ کان بہ وڌيڪ منهنجي ويجهڙي آهي. مون کي سندس تحريرن جو اصل حسن ڏسڻو آهي. جيڪو سنڌي ٻولي بہ آهي. پر بقول شاعر،

**زبان يار من سنڌي**
**ومن سنڌي نمي دانم**

هڪ احساس جيڪو مونکي هر وقت ستائيندو رهندو آهي. اهو آهي تہ مونکي سنڌي نٿي اچي. ۽ ان ڪري آئون منگهاڻي جون تحريرون نٿي پڙهي سگهان. پر ايتري سا مونکي پڪ آهي. تہ ادب ۾ سندس مقام منڊيءَ تي ٽِڪ وارو آهي. جنهن بہ سنڌي ادب سان واسطو رکندڙ ماڻهو سان منهنجي ڳالهہ ٻولهہ ٿي آهي انهن منگهاڻي جي صلاحيتن ۽ ادبي خدمتن جو برملا ۽ پرخلوص اعتراف ڪيو آهي. سندس لکيل ڪجهہ ڪتاب هي آهن:

1. چپر ڪين ڏي- لطيفيات
2. شاهہ جي ٻولي: تحقيقي جائزو- لطيفيات
3. خوابن جا ايوان- شاعري
4. رولاڪ خواب- شاعري
5. رُڃ- ناول
6. مانجو ڪوهستان- خاڪا- (ڇپائي هيٺ)

انهن ڪتابن کانسواءِ لکيل سندس ڪهاڻيون، ڪالم، سوجهرو جا ايڊيٽوريل، تجزيا ۽ ٻيو گهڻو ڪجهہ بہ گهڻن ئي ڪتابن جيترو مواد آهي. بيپناهہ صلاحيتن جي مالڪ منهنجي ساهيڙي، ج.ع.منگهاڻي کي آئون سندس جنم ڏينهن جي حوالي سن هيءَ نظم ڀيٽا طور پيش ڪيان ٿي،

**دل چوي ٿي**
**اُڀ جا سارا ستارا**
**پونءِ جا سارا گلاب**
**ميڙي چونڊي**
**چونڊي ميڙي**
**چنڊ جهڙي، سج جهڙي سوهڻي**
**تنهنجي جهوليءَ ۾ رکان.**

**دل چوي ٿي**
**تنهنجي جنم جي ڏينهن تي**
**شاهہ جي شعرن جو تاج**
**توکي پائيان خوش ٿيان**
**۽ ورهائيان**
**جڳ سڄي ۾ مشڪبو مُرڪن جا هار.**

**دل چوي ٿي**
**تون سدائين خوش رهين**
**آباد ۽ سُرهي رهين.** ■



هوش محمد درد

# خراج عقيدت

ڏکن سين سکن سين پلي آ منگهاڻي
پٽائيءَ جي فن جي ولي آ منگهاڻي
پٽائي پڌائي ويو واٽ جيڪا
انهيءَ واٽ تي ئي هلي آ منگهاڻي
عقيدت جي شبنم، وسي جنهن تي هردم
وطن جي چمن جي ڪلي آ منگهاڻي

❊

خواب-تارا ۽ جنت منگهاڻي
سنڌ جي تات ۽ جنت منگهاڻي
پاڻ ۾ حال اوريندي پيئي رهن ٽيون
هيڪلائي، ذات ۽ جنت منگهاڻي

❊

جڳ ۾ نالو آهي نروار منگهاڻيءَ جو
هر دل موهي ٿو ڪردار منگهاڻيءَ جو
موهن جو دڙو، مڪلي يا ٻيا آثار هجن
آهي سنڌ صدوريءَ سان پيار منگهاڻيءَ جو
علم، ادب، تحقيق هجي تخليق هجي
هي پار منگهاڻيءَ جو هُو پار منگهاڻيءَ جو
پٽ شاهه هجي، جهوڪ هجي ياساميءَ جو پار
رک شاد سدا موليٰ سنسار منگهاڻيءَ جو

❊❊❊

چئني پاسي صدا منگهاڻيءَ جي
چا تہ آهي ڪٿا منگهاڻي جي
ذات ۽ ڌانءَ سان نپائي ٿي
پئي وٽي هر ادا منگهاڻيءَ جي.
هوءَ سچ جو نہ ٿي ڇڏي پاسو
ابتدا، انتها منگهاڻيءَ جي
عرش تائين وڃي پڳي هوندي
مون ٻڌي جا ندا منگهاڻيءَ جي.
هوءَ سرتاپا سنڌ ئي آهي
ذات توڙي انا منگهاڻيءَ جي
سنڌ جي ڏيءَ جي مٽي جي مٿان
پاڪ سمجهيم ردا منگهاڻيءَ جي
ڳاءِ راڳي لطيف جي وائي
درد ۾ آ دوا منگهاڻيءَ جي
آءُ تنهائي پاڻ ۾ پئي ڇيڙيون
بات بيباڪ ڪا منگهاڻيءَ جي

❊

خدا کو ڏينهن سو آٽي منگهاڻي
رهون آزاد ٿي هاٽي منگهاڻي
غزل ۾ انقلابي سوچ جي مالڪ
پئي ڏک سنڌ جا ماٽي منگهاڻي
لطيفي روح ڪيڏو پيار مان ڏس
سدا تولاءِ تو تاٽي منگهاڻي. ■



مصطفيٰ انڙ

## اونهو ڪو اسرار منگهاڻي

سانوڻ جي برساتين جهڙي منگهاڻي
چانڊوڪي راتين جهڙي منگهاڻي
اپ وارين سوغاتين جهڙي منگهاڻي
آڏين ۾ پرياتين جهڙي منگهاڻي
سارنگ سارنگ ديپڪ ڪو ملهار منگهاڻي

وقت وڃي ٿو رڪجي جي ڳالهائي ٿي
بادل بادل ۽ بجليون برسائي ٿي
ڪاڪ محل جون شهزاديون شرمائي ٿي
پاڻ ڪراچي جي مومل سڏرائي ٿي
اونهون اونهو اونهو ڪو اسرار منگهاڻي

سسئي وانگي پاڻ جبل ۾ رولي ٿي
درد نگر جا گس سيئي کولي ٿي
رُج ئي رُج ۾ ڪنهن کي آخر ڳولي ٿي
مانجو ڪوهستان سڄو ڇاڇولي ٿي
هاءِ غمن جو هڪڙو ڪارونيار منگهاڻي

تاريخن جا ورق سڄا اٿلائي ٿي
تحقيقن جا باب ڪئين بدلائي ٿي
پٽ جون وايون بيت سدا ورجائي ٿي
ڪُوڙا ڪوڙا بُرج وڏا ڪيرائي ٿي
ڏاهپ ڏاهپ سان شاهوڪار منگهاڻي

ڪارونجهر ۽ ڪجلاسر کي ڇاڻي ٿي
سپنن جون رولاڪيون هوءَ سجاڻي ٿي
اک اک ۾ هوءَ ڏاڍا الڪا آٽي ٿي
خوابن جا ايوان اکين ۾ واڻي ٿي
همت، حشمت، جرئت جلويدار منگهاڻي

سنڌڙي تنهنجا سورَ سهي ٿي منگهاڻي
سيني ۾ ڪي سور سهي ٿي منگهاڻي
’سَولي تي منصور‘ سهي ٿي منگهاڻي
’لنگورن‘ جا تور سهي ٿي منگهاڻي
ڏوتن جي منهن ۾ آهي تلوار منگهاڻي

درياهن جي وير لڳي ٿي منگهاڻي
سنڌو تنهنجي سير لڳي ٿي منگهاڻي
ٿڏڙي ٿڏڙي هير لڳي ٿي منگهاڻي
ڏاهپ جي تصوير لڳي ٿي منگهاڻي
ڪوڙ متارا، موکيءَ جو ڪردار منگهاڻي. ■



تاج بلوچ

(مانواري منگهاڻي صاحبه جي نذر)

’ شرحِ فراق، مدحِ لبِ مشڪبو ڪجي‘ ❶
ڏوري ڏُکن جو ڏيهہ وڃي روبرو ڪجي

دل ۾ گداز درد ۽ آليون اکيون هجن
هن سان ملڻ جي پوءِ پلي آرزو ڪجي

مُٺڪن سان ڏونگرن سان ملي هڪ جي ٿجي
دائمُ حجابَ ساڻ هلِي، گفتگو ڪجي

شبنم کان وڌ شفاف هُو روهيلو روح آهہ
قصو انهيءَ جي ذات جو پلي چارسو ڪجي

هڪ عشق جو ثبوت ٻيو سونهن جي ثبات
قسمت کُلي تہ رت سان ور ور وضو ڪجي

اهلِ جُنون تہ شهر ئي خالي ڪري ويا
اهلِ خِرد جي لاءِ اچو جستجو ڪجي

هن جي لطيف ذات جي ڪامل ڪلا ڏسي
’جنت‘ جي جُوءِ ۾، هلي هيڪر رڪوع ڪجي

تن ۾ ازل جي تونس جا ساقي پري ويو
ڪو رِند ئي نہ آهہ جو خالي سُبو ڪجي

جي فرد جي شعور کي اهو منصب ملي سگهي
جڳ جي ڦٽن جو هيج مان هلي جيڪر رفو ڪجي

وجدان جي صفات جا پرنور معجزا
بيڪل، چوي ٿي دل، هلي ٻيهر رجوع ڪجي

ٻوٽيل اکين سان تاج، جي ماٽڪ ملي پوي
چو پهڻ لاءِ پاڻ کي بي آبرو ڪجي. ■

❶ شرحِ فراق، مدحِ لبِ مشکبو کریں۔ فیض احمد فیض

# استيل جا پنج گلاس...





ڊاڪٽر رسول ميمڻ

**جڏهن** ڏاڏي سان گڏ دوڪان تي ويهندو هيس ته هڪ مهاجر جنهن کي پراڻا ڦاٽل ڪپڙا پاتل هوندا هيا. سندس وار وڏا ۽ پيرين اگهاڙو هوندو هيو، ڪيس هنج ۾ ٻار جيان هڪ پٿر پيل هوندو هيو جنهن کي چادر ويڙهيل هوندي هئي. لڳندو هيو ته هو پٿر کي تيل سان مالش ڪندو هجي، جنهن ڪري اهو سٽيو ۽ ميرو نظر ايندو هيو. اهو مهاجر جڏهن بازار مان لنگهيندو هيو ته پنهنجي ليکي هر هر عجيب آواز ڪيندو هيو، 'ڪئي ملي... ڪئي ملي.' اهو ٽي دفعا چوندو هيو ۽ خاموش ٿي ويندو هيو. وري ٿوري دير ڪانپوءِ ساڳيا لفظ اچاريندو هيو.

ڏاڏو هوندئن ته گهر واپس ورندي مون کي ان هوٽل تي وٺي ويندو هيو، جنهن هوٽل مٿان سيمنٽ جو وڏو گول روپيو ٺهيل هوندو هيو. ان هوٽل جو نالو هڪ 'روپيو هوٽل' هيو. هوٽل جي خاص ڳالهه چدي واري بوتل هوندي هئي جنهن جو ملهه هڪ روپيو هيو. اها چدي واري بوتل پيئڻ سان چدو هيٺ لهي ايندو هيو. جنهن ڪري پيئندڙ کي ساهي پٽي چدو واپس هيٺ لاهي وري پيئڻو پوندو هيو. ان جو مقصد اهو هوندو هيو ته ٻاهران گرميءَ مان آيل شخص هڪ ئي ساهيءَ ۾ ٿڌي بوتل نه پيئي پر ساهيءَ سان پيئي جنهن ڪري ڪيس جي صحت کي ڪو نقصان نه رسي. اهي چدي واريون بوتلون سٺيون هونديون هيون پر جڏهن پاڪولا ۽ سيون اپ آيون ته ماڻهن جو رجحان اوڏانهن ٿي ويو، سو ڏاڏي به ان ڏينهن مون کي سيون اپ بوتل پيئاري، جيڪا مون پهريون دفعو پيتي. بوتل پيئڻ سان پيٽ ڦندي ويو ۽ محسوس ٿيو الٽي اچي رهي آهي. طبيعت گهڻي خراب ٿي ته سوچيم، اجايو الٽي ايندي سڀ بازار جا ماڻهو ڏسندا ته پريي مڙس جي پوٽي دوڪان تي ڪن ڪيو آهي. سو تڪڙ ۾ ڏاڏي کان موڪلائي وٺي ڀڳس ته ڪٿي پري وڃي الٽي ڪيان. جڏهن وچ شاهي بازار ۾ پهتس ته مون کي ايڏي وڏي اوڳرائي آئي جو نڪ ۽ وات مان دونهان نڪري ويا. ايڏي وڏي اوڳرائيءَ جي آواز تي بازار مان لنگهيندڙ ڪيترائي ماڻهو مون ڏانهن متوجه ٿيا. مان محسوس ڪيو طبيعت صفا هلڪي ٿي وئي آهي. هر شيءِ سلو موشن ۾ هلي رهي آهي. منهنجي وات مان نڪتل پاڻيءَ جي سنهين بوندن ۾ پائجامن وارا، اچين ٽوپين وارا. ڀچين ڏاڙهين وارا، پان چٻاڙيندڙ ڳاڙهن واتن وارا، هوا ۾ آهستي هلندا، مون ڏانهن ڏسندا، ٺهڪ ڏيندا وڃي رهيا آهن.

ون يونٽ واري وقت سنڌ کي بريڪيٽس ۾ لکيو ويندو هيو. ڪلاس ۾ جيڪي ڪورس جا ڪتاب هوندا هيا. انهن جي پهرين صفحي تي سنڌ کي بريڪيٽس ۾ ڏسي غلاميءَ جو احساس ٿيندو هيو. ون يونٽ ڪانپوءِ به ڪجهه وقت سنڌ کي بريڪيٽس ۾ لکيو ويندو هيو ڇو جو عادت ٿي وئي هئي. گهر جي اڱڻ ۾ نم جو وڻ هوندو هيو جنهن تي طوطا ويهندا هيا. هڪ دفعي طوطي جو ٻچو مون پڃري ۾ وجهي پاليو. طوطو پڃري سان ايڏو ته هري ويو جو دري کليل هوندي هئي، اهو ٻاهر ڪائي پي موٽي ايندو هيو. طوطي کي پڃري جي عادت ٿي وئي هئي.

انهن ڏينهن استيل جا پنج گلاس ڪنهن ڪم جا نه هيا. هڪ گلاس سڌي حالت ۾ نه هيو. چئن گلاسن تي وقت جي ڌڪن جا نشان هيا. انهن کي پاسن کان چڳهه هيا. مامو جيڪو اسڪول جو هيڊ ماستر هيو ان صفا حد ڪري ڇڏي. قائداعظم جي تصوير وارو فريم وٺي آيو. ڀت ۾ ٽنگڻ لاءِ جڏهن ڪيس هٿوڙو هٿ نه آيو ته استيل جو گلاس کڻي تري سان ڪوڪو ٺوڪڻ جي ڪوشش ڪئي. گلاس جو ترو چٻو ٿي ويو. ڪوڪو ڀت ۾ مضبوط نه لڳو ۽ ٽنگڻ ڪانپوءِ تصوير هيٺ ڪري پئي. مامي تواڻيءَ ۾ پنجن ئي گلاسن کي هڪ ٻئي ۾ وجهي ڪنڌ ۾ رکي ڇڏيو ۽ چيائين، 'ون يونٽ زندا باد.'

ايوب خان جي ڏينهن ۾ ماڻهن مٿان ڪيترين ئي پابنديون مڙهيل هيون پر گتا ۽ چڪلا کليل هيا. شهر ۾ هڪ گهٽي ڇڏي ٻي گهٽيءَ ۾ گتو هوندو هيو جتي آفيم، ڀنگ، پست ۽ شراب وڪرو ٿيندا هيا. جيئن اڄڪلهه گهٽي گهٽيءَ ۾ چڪلو آهي ائين هڪ گهٽيءَ ۾ چڪلو هوندو هيو. چڪلي جي ڪنڌ تي جتي مسجد هوندي هئي جمعي جي نماز پڙهڻ ويندو هيس. اتي مون ڪڏهن مولويءَ کي رنڍين خلاف تقرير ڪندي نه ٻڌو. هر جمعي تي رنڍيون مسجد ٻاهران نماز ڪانپوءِ ٻارن کي ڏاڪڻ تي ويهاري چانور ڪارائيندديون هيون. مان به اهي چانور ڪائيندو هيس. مون کي انهن جو ذائقو نه وڻندو هيو. ننڍي هوندي سگريٽن جا پيڪٽ گڏ ڪري ڦاڙي پتي راند ڪيڏندا هياسين. سڀ کان وڌيڪ پاڪيٽ چڪلي ۾ ملندا هيا. شام جو ايڏي رش هوندي هئي جو پٽڪو پٽڪي سان گسندو هيو. ڪارا پڙوا ڳيرن جيان ويڪريون ڇاتيون کولي بيٺل هوندا هيا. انهن جي ور ۾ چاڪو لڪيل هوندا هيا. جيڪڏهن ڪوبه ڦڏو ڪندو هيو ته وهائيندي دير نه ڪندا هيا. جنهن کي چاقو لڳندو هيو اهو ٿاڻي تي وڃڻ بجاءِ گهر وڃڻ کي ترجيح ڏيندو هيو ڇو جو اهي پڙوا ٿاڻي تي منٿليون پهچائيندا هيا.

مان پاڪيٽ ميڙيندي ڏسندو هيس. ڪنهن در ٻاهران قطار هوندي هئي ۽ ڪو در خالي هوندو هيو. سوچيندو هيس، 'چڪلي جي هر رنڍيءَ جو پنهنجو رزق لکيل آهي. ڪا واندي آهي ته ڪا مصروف. ڪنهن وٽ اڪيلائي، ڪنهن وٽ هجوم.' ڪنهن جو ريٽ ٽي روپيا ته ڪنهن جو اڍائي آنا هوندو هيو. مونکي اها ننڍي قد واري وئشيا ياد آهي جنهن جو نڪ اندر هوندو هيو. پان وات ۾ هجڻ ڪري ڇٻي وات سان ڳالهائيندي هئي. ان جو گهر چڪلي جي آخر ۾ اهڙيءَ ڪنڌ وٽ هيو جتان شريفن جا محلا شروع پئي ٿيا. ان کان جڏهن به ڪو ريٽ پڇندو هيو ته هوءَ چوندي هئي. ڪو ريٽ نه آهي جيڪي اٿئي ڏي.

چڪلي جي چڪر ۾ گلڻ گلاس وڪڻي چڱو ڪم نه ڪيو هيو. ان ڏينهن گلڻ گرفتار ٿي ويو. چڪلي جي مها وئشيا دلبري جيڪا هر مهيني حساب ڪري هر رنڍيءَ کان پئسا وٺي ٿاڻي تي پهچائيندي هئي. ان هڪ مهيني پئسا وٺي ٿاڻي تي نه موڪليا پر نئون پلنگ ورتو جيڪو ان لاءِ ضروري هيو ته ويجهڙائيءَ ۾ ڪنهن وڏي آفيسر کي پروٽوڪول ڏيڻو هيو. ٿاڻي تي پئسا نه پهچڻ ڪري پوليس چڪلي تي ڇاپو هنيو. چڪلي کي چئن ڪنڊن کان سيل ڪري وٺ پڪڙ شروع ڪري ڏني. پوليس ماڻهن کي پڪڙي انهن جا پٽڪا لاهي ڪين ڇيلهه چوڏاري پٽڪن سان ٻڌو. ائين هڪ ڪلوميٽرن تائين پٽڪن سان ٻڌل ماڻهن جي چين ٺهي وئي. روڊن تي ٽريفڪ بند ٿي وئي. انهن ڏينهن ڪارون، بسون يا موٽرون ته نه هونديون هيون پر ٽانگا ۽ گڏهه گاڏا هوندا هيا، جن جون قطارون لڳي ويون. سڄي شهر جا ماڻهو اچي ٿاڻي اڳيان ڪٺا ٿيا. صوبيدار وچ ٻئريج روڊ تي ٽيبل ڪرسي رکي پٽڪن ۾ ٻڌل هر شخص جي تلاشي وٺي جيڪو ان جي کيسي مان مليو پئي ٽيبل تي گڏ ڪندو پئي ويو. ان شخص کي پٽڪي مان ڇوڙڻ کان اڳ ڪيس مٿان پادرن جو وسڪارو پئي ڪيو ويو. جڏهن گلڻ جو وارو آيو ته صوبيدار سندس تلاشي ورتي. ان جي کيسي مان ڪجهه نه نڪتو. صوبيدار صفا چڙي پيو. رڙ ڪري چيائين، 'اڙي ڪهڙو ڪم ڪندو آهين؟' گلڻ هٿ ٻڌي چيس، 'سائين ڪجهه نه.'

صوبيدار ڪيس پويان پادر هڻندي چيو، 'اڙي، اهڙو ڪم ڪراءِ جنهن مان ڪمائي ٿيئي.'

گلڻ کي جيئن پٽڪي مان ڇوڙيائون ٿيئن وٺي ڀڳو. چوڏاري فوٽ پاٿين تي بيٺل تماشائين ۾ ٺهڪڙو پئجي ويو. مها وئشيا دلبريءَ کان منٿلي نه ملڻ ڪري پوليس پاران وچ روڊ تي ان استيج شو جو اثر اهو ٿيو جو شهر جي ماڻهن کي تفريح جو سامان مفت ميسر ٿي ويو. اهو ماجرو ٽي ڪلاڪ هليو. جنهن ڪري سکر جي سينمائن ۾ ان ڏينهن ويراني ڇانيل رهي. اهي رش سبب قطارن ۾ بيهي ٽڪيٽ وٺڻ دوران دلوڪ مڪراٽيءَ جي هنٽرن ۽ پوليس جي لٺين کان بچي ويا.

شهر ۾ ماڻهن لاءِ تفريح جو واحد وسيلو اهي سينما گهر هوندا هيا جن اندر فلم ڏسڻ دوران ماڻهو تيل جي ڪڙهيائين ۾ پيل پڪوڙن جيان ترندا هيا. جسم مان پگهر مٿي کان وٺي پيرن تائين هيٺ وهندو هيو. جڏهن فلم ڦٽندا هيا ته پگهرجي بوءِ ماڻهن کان پهريون دروازن مان نڪرندي هئي. ٽڪيٽ نه ملڻ ڪري ڪيترا ماڻهو بليڪ تي ٽڪيٽ وٺي انهن دوزخ جهڙين سينمائن ۾ ويهي ٻاهه جو مزو وٺندا هيا. فلم ڦٽندو هيو ته اوچتو ٻئريج روڊ تي رش وڌي ويندي هئي ۽ ڦهليل پگهر جي بوءِ مان انداز لڳائبو هيو ته اهي ڪهڙي قسم جي فلم ڏسي ٻاهر نڪتا آهن.

گلڻ سٺو ماڻهو نه هيو. ان هڪ ڏينهن مون کي برغلايو ته 'تختي تان شيشي جا گلاس کڻي اچان ته وڪڻي مغل اعظم فلم ڏسي اچون.'

مان به هن جي چوڻ ۾ اچي ويس ۽ امڙ کان اک بچائي به گلاس کڻي ٻاهر آيس. اسان اهي ڪٻاڙي هوٽل تي وڪڻي حفيظ سينما تي مغل اعظم فلم ڏسڻ وياسين. اتي ٽڪيٽ وٺندڙن جي ايڏي وڏي قطار هئي جو حفيظ سينما کان شروع ٿي امپريل سينما تائين پئي وئي. امپريل سينما ۾ هلاڪو خان فلم لڳل هئي. ٻنهي سينمائن تي فلم ڏسڻ لاءِ آيل

# بودلڪ ڪافرستاني...



شيام ڪمار

”جهڙي ريت وچ طوفان زلزلو وغيره ڪنهن قسم جي بندش يا رڪاوٽ جا قائل ڪونہ هوندا آهن تهڙيءَ ريت انسان اندر موجو دمختلف شڪتين تي بي بنياد ڪوڙين اخلاقي بندشن جو لغام ڏيڻ فطري اصولن ۽ سڌانتن جي سخت خلاف ورزي ليکبو. انڪري اهڙي قسم جي روش ۽ عمل صرف ۽ صرف مهان پاپ ۽ جرم سمجهندو آهيان بلڪ اهڙيون رڪاوٽون ڪمزور منافق ۽ غلاماڻا ذهن جي پيداوار ٿين ٿيون.“

اهو چئي هو سوپائتي انداز ۾ مون ڏانهن تڪڻ لڳو. مون ان مهل ئي وراڻي ڏيندي چيو، ”عزيز بودلڪ، هينئر تہ تنهنجي جيون ڌارا ۾ راهہ جي وهڪ صاف ڏيکارجندي پاسي ٿي. ڇهري ۽ وارن اندر گهنج ۽ چاندي جهڙي اڇاڻ جي آمد يقيني طور امنگن جي ’ڪرم‘ اندر بہ ’لاهہ‘ جي آثارن کي نمايان ڪري ڇڏيو هوندو؟“

هن ترت ورندي ڏيندي فولادي يقين سان چيو، ”برادرم، مردانگي وارن جي اڇاڻ يا جسم جي گهنجن اندر واسو ڪونہ ڪندي آهي، ۽ ماڻهو ۽ گهوڙو ڪڏهن ٻڍا ڪونہ ٿيندا آهن. (ان سلسلي ۾ هن ليوپولڊ استوڪو وسڪي، برٽراند رسل، سارتر، پڪاسو، سمرسٽ ساهم جا مثال پيش ڪيا هئا.) اپسرائن يا حورن بابت ڳالهين يا وعدن تي ڪڏهن اعتبار ڪين ڪجو، اِهي صرف دل جي تسلي لاءِ ڪوڪليون اُپٽارون آهن- ۽ اپسرائن يا حورن بابت مون کان وڌيڪ ٻئي ڪنهن کي سُڌِ يا گيان آهي؟ هينئر تہ هو سپيئي تيز رفتاري سان ’هيٺائين‘ ڏانهن وڌي رهيون آهن. جيڪو ڪجهہ آهي اهو ’هِتي‘ ئي آهي باقي پاڇي ۾، مهاتما گوتم ٻڌ چواڻي، ’بي انت عدم‘ آهي.“

هن پنهنجي منهن تي پراسرار مرڪ پکيڙيندي ڳالهہ کي اڳتي وڌائيندي چيو، ”اهڙي فڪري سوچ کان پوءِ منهنجي باطن مان ’پنج حواسي واسنائون‘ جهرڻي جهڙي اُڇل ۽ شور سان وهي ڇڙنديون آهن جن جي تيز رفتار وهڪ ۾ گوتم ٻڌ، ڪنفيوشس، عيسيٰ ۽ مهاوير ڪک پن جيان وهي الائجي ڪيڏانهن گم ٿيو ويندا آهن، ۽ ٻئي طرف مارڪس ۽ لينن پڻ بي اثر لفاظي ۽ ڪوڪلي فلسفياڻي اُپٽار جا ٻنان سِسي وارن پيغمبرن جيان نظر ايندا آهن. هِنَ هنڌ رجنيش جا رسدار پروَچن، ايپي ڪيورس جي بدن سان بدن جي محبتي مهراڻ واريون وارتائون ۽ سيفو جي سدا قوت بخش ندي جي وهڪري جهڙي مترنم شاعري انسان کي جسماني ۽ ذهني بلندي تي پهچائڻ جا سچا سيبتا اصول ۽ انمول رتن پاسندا آهن. انهن واسنائن ۽ خواهشن کان سواءِ سچو ۽ سمورو ئي برهماند شنڪر آچاريہ جي نيستي، عدم ۽ رڄ جيان لڳندو اٿم.“

بودلڪ کي ٽُبي ۾ ويندو پسي مون کي پنهنجي دور جي هڪ پيڙا ڏيندڙ ڳالهہ ياد اچي وئي. هڪ پيري آفريڪي ملڪ جي ليجنڊري بادشاهہ... ڪنهن ريچڪي خيال ايندي ئي ڏهن خوبصورت نوجوان عورتن، ڏهن گائڪن، ۽ ٻہ درجن شراب سان ٽمٽار چمڙي جي ڪلين سميت آسمان سان ڳالهيون ڪندڙ شهر جي اوچي مناري تي چڙهي ويو. هيءُ بادشاهہ پاپلر وانگر ڊگهو، مکڻ جي ڄاڻي جيان ڦنڊيل ۽ پيرن کان مٿي تائين گهاٽين جٽائن ۽ وارن جي جهنگل ۾ وڪوڙيل هڪ هيبتناڪ وجود وانگر هو. ڳائڻ وڄائڻ جي وِهَڪَ دوران سمورو شهر ڪنبي ويو. ڪچا گهر زمينَ دوز ٿي ويا. سڀ ڪان اڳ ۾ بادشاهہ شِوَ جهڙو ٽاندو ناچ نچي شهر واسين ۾ ٽرٽلو برپا ڪري ڇڏيو. جڏهن ڪجهہ ٿڪُ محسوس ڪيائين تہ هڪ وڏي پٿر تي ويهي ڪري اُپ ڌاريندڙ ٿهڪ ڏيڻ شروع ڪيائين. ۽ ڪجهہ مهل بعد ٿڪن کان بيزار ٿي ڪري اوٻاسين جو دورو پيس. ان بعد وقت گذاري لاءِ عورتن کي هڪ هڪ ڪري مناري کان هيٺ ڦٽو ڪرڻ شروع ڪيائين، ان کان پوءِ ڳائڻ وارن جو وارو آيو، ۽ آخر ۾ خالي ٿيل چمڙي جي ڪُلين کي هيٺ ڦٽو ڪيو هئائين. پر، اِنَ موتمار عمل کان پوءِ بہ ڪيس ڪو آٿت ڪين مليو ۽ پوءِ هُن پار ڪيندي ظالم وقت پاران بادشاهن مٿان ٿيل ظلمن جو وچور ٻڌائڻ شروع ڪيو هو. سندس دئيتي حيات تي ويچاريندي يهودي شاعرا ’سُريتا‘ جو نظم لياڪو پائي ياد مان اُسري آيو اٿم:

جلاوطنن اجا ڪين محسوس ڪيو آهي تہ جلاوطني بہ گهر وانگر ئي هوندي آهي جڏهن اسين نوَن شهرن جي ڪلهن تي ويهي سفر ڪندا آهيون تہ گهر اسان سان پيڻ وانگر هم سفر هوندو آهي.

جلاوطنن کي اجا اها سُڌ ڪونهي تہ جيڪڏهن سندن جلاوطن دلين اندر هڪ ننڍڙي مرڪ کي ٽورڙئي ئي جاءِ ملي وڃي تہ نغمن جو گيت گووند جنم وٺي سگهي ٿو.“

ان سوچ ۾ غلطان هئس تہ بودلڪ ٽٻيءَ مان ٻاهر نڪرندي پنهنجي ڳالهہ جاري رکندي چيو، ”ادل، سُڌِ اٿيئي تہ سنسار جي آشا ڪهڙي وستو ۾ پوشيده آهي؟ ڪجهہ ماڻهن جي ويچار مطابق ٻُڌي يا دماغ اندر آهي. پر، بلڪل نہ. ڪجهہ ٻيا پريمي جيوَ امالڪ چوندا: دل جي اندر! پر، اها ڳالهہ بہ درست ڪونهي. آشا جو آستان سدائين دل جي ’هيٺان‘ رهيو آهي ۽ سموري پرم آنند ۽ خوشين جا جهرڻا اُتان ئي ڦُٽي نڪرندا آهن.“

مون ساڻس اختلاف ڪندي سمجهائڻ واري نوع ۾ چوڻ شروع ڪيو، ”پيارا بودلڪ، جي تو کي ڪڏهن اهو محسوس ڪونہ ٿو ٿئي تہ تون واسنائن، ڪامنائن ۽ ڪوڙي ڏيک جي گهاٽي جهنگ ۾ ڦاسي پيو آهين؟ واسنائن ۽ شڪتي جي بدمستي جو ’جيون‘ ۽ ’موت‘ تمام ٿوروڙو خفيف ۽ عارضي هوندو آهي.“

هن وشواس سان جواب ڏيندي چيو، ”دوست، ائين بلڪل ڪونهي. ڪام شاستر جي حيثيت مذهبي صحيفي کان گهٽ اهم ڪونهي. ان مطابق ’ڌرمي شاسترن، اخلاقي ضابطن وغيره تي ان مهل تائين عمل جاري رکي سگهجي ٿو جيستائين مرد ۽ عورت جنسي ڪمزوري ۽ نا آسودگي جي ڪُنَ ۾ ڦاٿل هوندا آهن.

جڏهن جنسي رواني ۽ شڪتي برقرار هجي تہ انهن شاسترن، اخلاقي بندشن ۽ پوَتر پوٿين جو خيال آڻڻ بہ عبث ليکيو وڃي ٿو.“

ڪن پلڪ ترسي هن پنهنجي ڳالهہ جاري رکندي چيو، ”ادل، مان تہ وري بہ ڪافرستاني بودلڪ آهيان (واضح هجي تہ پنهنجي ڦوهہ جوڀن جي شروعاتي ورهين ۾ هو افغانستان ۽ پاڪستان جي سرحدن تي موجود ’ڪلاش ماٿري‘ جي ڪارن ۽ ڳاڙهن ڪافرستاني حسينائن سان صحبت ۾ رهيو. ۽ اُتان جي سڀ کان وڌيڪ سهڻين سڊول ۽ ’مهربند‘ ٻاونجاهہ سندرين سان هڪرات ۾ ’برق رفتار گهوڙا‘ ڊوڙايا هئائين. ۽ اهڙو اڌ پت ڪارنامو مختلف وقتن تي ٽي پيرا ورجايو هئائين. ان عظيم سوڀ سبب ڪيس ’بودلڪ‘ جي خطاب سان نوازيو ويو. ڪانئس اڳ ۾ ڪانئس پوءِ اهڙو خطاب اڄ ڏينهن تائين ڪنهن کي بہ ڪونہ مليو آهي.) ۽ آتما اندر راجا اندر جي سدا جوان سڳند هر پل موجود ۽ وسندي رهي ٿي. پر، چندن بدني، چنچل چتوني ۽ ڪومل ڪنيائن کي ڏسي ڪري بن ۾ گهاريندڙ ويراڳين جو من بہ هيڪاري ڏولائمان ٿي ويندو آهي، هنن سندرين جي اشوڪا جهڙين ٻانهن جي جڪڙ انهن تپسوين جي ورهين جي تپسيا ۽ ساڌنا کي ڪن پلڪ ۾ ينگُ ڪريو ڇڏي ٿي. سندن ساهہ جي سڳنڌ ۽ پاڪر جي گرمي هو سموري ڄمار ڪين وساري سگهندا آهن ۽ اک جي هڪ جهپڪي ۾ هو سنسياس کي تلانجلي ڏئي ٻاهر نڪريو ايندا آهن.“

هن ڳالهہ کي اڳتي وڌائيندي چيو، ”پيارا، اُپديشڪ هڪ ٻي بہ راز جي ڳالهہ اورڻ چاهيان ٿو. مان پاڻ جڏهن ڪنهن گل بدني، من موهني ۽ چندر مکي جوڀن ۾ ٽمٽار مڪڙي کي پسندو آهيان تہ ائين محسوس ٿيندو اٿم ڄڻ منهنجي بدن تي ڪارا زهريلا وڇون قلابازيون ڪائيندا هجن. انهن جي تيز مٺي زهر جي ڪوڙاڻ، گرمي ۽ شدت بيحد اُتاولو ڪري منهنجي تڙڦ ۽ پيڙا کي ڪلپنا ۾ نہ ايندڙ بلندي تي پهچايو ڇڏيندي آهي.

پر، ’ميلاپ‘ جو سمئي انهن سيني ناڪاري ڏکن کي هڪ اهڙي مڌر نرمل ۽ پرم آنند امرتا ۾ بدليو ڇڏي ٿو جنهن وسيلي نہ صرف ٻنهي جو جنم سڦل ٿيندو ڏيکارجي ٿو، بلڪ ڄڻ هڪ نت نئين شڪتي، هڪ نئين جيون دان، هڪ نئين الوهي پرڪاش ۾ هڪ وجود ٿيندو محسوس ڪجي ٿو. جسم مان آڪاش ۽ ڌرتي ڏانهن نيري ۽ پوري رنگ جا ٽڌيرڙا شعاع نڪري ڪري ساڳئي وقت مٿي ۽ هيٺ وڃندي اک ٻوٽ ۾ غائب ٿيندا پسي سگهجن ٿا. ڇا ان جي راز جي ڄاڻ اٿوَ؟ اهو عمل ڌرتي ۽ آڪاش جي ابدي ميلاپ جي علامت آهي. يا ان کي بدن ۽ آتما جي اٿل ۽ اڻ ٽٽ ناتي طرف هڪ مافوق الفطري اشاري سان بہ تعبير ڪري سهجي ٿو.“

”مان سدا ’حال‘ ۾ پساهہ کڻندو ۽ ماڻيندو رهان ٿو، ان جي پوپٽ جهڙي هر رنگ برنگي پل کي پنهنجي مُٺِ اندر مضبوطي سان پڪڙي جهليو بيٺو رهان ٿو. ڇو جو ’ماضي‘ بہ مهاتما گوتم ٻڌ جي اُپديش مطابق ’اڻ کٽ عدم‘ آهي. ۽ مستقبل بہ شنڪر آچاريہ جي فڪر

موجب ’مايا‘ آهي. ۽ اهي ٻئي ’مَٽ جي پڪڙ‘ کان ٻاهر ۽ ڏور آهن.“

”ان کان سواءِ مون کي پنهنجي اپار شڪتي جي مڪمل ڄاڻ به آهي. مان آڪاش جي ’بي انت وسعت‘ ۽ ڌرتي جي مٽيءَ جي ’ابديت‘ جي مرڪب مان جوڙي وجود ۾ آندو ويو آهيان. ۽ ان اپار شڪتي جو اظهار صرف ۽ صرف ’رنگ پومي‘ تي ئي ٿي سگهي ٿو. ان سبب مان جسم ۽ خوبصورتي کي ئي اٽل سچ سمجهندو آهيان، تنهنجو آهنگ، شانتي ۽ ميلاپ ڊونڊ جيان بدبودار، پاروتا ۽ بيٺل آهن. انهن ذريعي صرف زندگي جي نفي ٿيندي رهي ٿي، انڪري انهن کي سختي سان رد ڪيان ٿو.“

اڃان اسان جي گفتگو جاري ئي هئي ته الائجي ڪٿان خاموشي سان ’شين ڪافا خراساني‘ جيڪو هڪ بيوروڪريٽ ۽ اسان جي ويجهن دوستن مان هڪ آهي، ڪمري اندر داخل ٿيو. اندر ايندي مهل هلندڙ ڳالهين مان ڪجهه جو پڙلاءُ سندس ڪنن تي به پيو هو. خراسانيءَ معافي وٺندي وچ ۾ ڳالهائيندي مون کي مخاطب ٿيندي چيو، ”ڪامريڊ، وچ ۾ ڪُڏي پوڻ جي معافي چاهيان ٿو. توهان کي چڱي ريت سُڌِ آهي ته توهان جي ٻڌايل اصولن ۽ ڏسيل رستي تي هلندي هلندي ان ’ڪنڊياري راهه‘ تي نه صرف جسم رتوڇاڻ ٿي ويو هو بلڪ روح به لاڳيتو عذاب ڀوڳيندو رهيو. ۽ ان سان گڏ ’دين‘ به آڱرين جي وٿين مان ويندو رهيو هو. ۽ مان خالي هٿ، خالي جهولي ۽ خالي روح جي مجسم ۽ صورت جيان بڻجي ويو هئس. ڪا ٻي واهه نه ڏسندي مجبوري واري حالت ۾ مون کي پنهنجون راهون بدلٽيون پيون. جڏهن اوهان کي منهنجي ’لچڻ‘ جي سُڌِ پئي هئي ته سخت ناراضگي جو اظهار ڪيو هيوَ. توهان کي ياد هوندو ته مون نوڙت سان ورندي ڏيندي چيو هو، ’اوهان ’دين‘ کان ته ڏور ڪري ڇڏيو، هينئر خدا لڳ، ’دنيا‘ سان ته نياڻڻ ڏيو.‘

عرض آهي ته بودلڪ جيئن آهي هن کي اُهڙو ئي رهڻ ڏيو. سندس جسم ۽ آتما دنيا اندر گهري ٽپيءَ سبب پنهنجي الڳ سڃاڻپ وڃائي چڪا آهن. هينئر ’آدرشي سنسار‘ ۾ سندس موٽ ناممڪن آهي. اها ’راند‘ سندس سياءُ ۽ سرشت جو لازمي انگ بڻجي چڪي آهي. ڪيس ان ’موج مستي واري چوچڙ‘ کان روڪڻ جو جتن عبث آهي. مون کي جيڪو چوڻو آڪٽو هو سو چئي ڇڏيم.“

خراساني جي خيالن کي وستار سان ٻڌڻ کان پوءِ مون ٻنهي کي مخاطب ٿيندي چيو، ”دوستو، اونڌهه ۽ روشني جي وچ ۾ موجود فرق ازل کان ئي هن سرشٽي جو اٽل انگ رهيو آهي. ۽ اهو سدائين موجود رهندو. فطرت جي قانونن ۾ ازلي سُر، تال، آهنگ ۽ ربط موجود رهيو آهي. سموري مخلوق، ساهدار خواهه غير ساهدار، انهن قانونن جي مالها ۾، هم آهنگي سان جڙيل ۽ پوتل رهندي آئي آهي. پر، ان مخلوق جو هڪ معتبر جزو، جنهن کي ’انسان‘ ڪوٺيو وڃي ٿو. انهن فطري اصولن کان منهن موڙي ان بغاوت کي ’هوشمندي‘ جي معنيٰ پهرائڻ جي جتن ۾ ’پيدائش جي پراچين يڳ کان جدوجهد ڪندو رهي ٿو. اهڙي ڪوشش ’عظيم گناهه‘ آهي ڇو جو ائين ڪرڻ سان سموري ڪائناتي نظام جي ازلي ايڪا گرتا، شانتي ۽ هم آهنگي يقيني طور نيست نابود ۽ ڀنگ ٿي ويندي. جيڪڏهن ان ناڪاري عمل کي روڪي بندش نه وڌي وئي ته پوءِ اهو ’عمل‘ سموري دنيا ۽ ان اندر موجود هر قسم جي مخلوق لاءِ گهاتڪ ۽ ڪنهن عظيم الميي کان گهٽ ثابت ڪين ٿيندو. بي روڪ، بي بندش آزادي (بي راهه روي) انسان لاءِ، سماج لاءِ ۽ سموري سنسار لاءِ اڻ وسهندڙ ۽ سوچ جي گرفت کان ٻاهر هاڃيڪار بحرانن کي پيدا ڪري سگهي ٿي. انسان صرف ۽ صرف فطري ۽ عقلي اصولن اندر طئي ٿيل آزادي وسيلي ئي پنهنجي لاءِ ۽ سماج جي ٻين فردن لاءِ فائديمند بڻجي سگهي ٿو. ۽ اهو ’سچ‘ ڪالهه به اٽل هو. ۽ اڄ به اٽل آهي.“

مون دم پٽيندي ڳالهه جاري رکندي وڌيڪ چيو، ”ان کان سواءِ پريم جي مَڌ ۽ خماري ۾ سنساري بدن لاءِ بي روڪ چاهت آتما ۽ پرم آتما جي وچ ۾ ڪُڍنگي انداز ۾ هڪ رڪاوٽ بڻيل آهي. انهن ٻنهي ازلي انگن ۽ اڪاين کي ’ميلاپ‘ کان روڪيندي رهي ٿي. اهو عمل پاپ جي ڏٻڻ جي بلڪل ويجهو آهي. مرد ۽ نفيس لطيف جنس ٻنهي لاءِ گهاتڪ ۽ موتمار آهي.“

منهنجي ڳالهه ٻڌڻ بعد ڪي قدر غور ڪندي بودلڪ هن ريت ڳالهائڻ شروع ڪيو، ”ادل، اڄ تون دوست جي پيٽ ۾ اُپديشڪ وڌيڪ پسجي رهيو آهين. سُڌِ اٿئي ته ناري جي سنگ ۽ ساٿ سان موت جو پيئو بلڪل نٿو رهي. سندس سمورو بدني ۽ آتمائي وجود جڻ ’امرت رس‘ سان پرپور ياسندو آهي. شايد توکي اها سُڌِ به ڪونه هوندي ته باهه ۽ پاڻي پوڄيندڙ ناري جي پوڄا انڪري ڪندا آهن جو سندس ٻٽياد ۾ اهي ٻئي عنصر: باهه ۽ درياهه هميشه موجود رهندا آهن.

۽ اهو به ٻڌي ڇڏ ته جيڪو انسان سُرڳ جي آشا سان جيئرو رهي ٿو ۽ يا نرڪ جي ڀئو سبب پريشان آهي اهو ڪڏهن به ’آزاد منش‘ چوائڻ جو حقدار ڪونهي.

تون ته مهاتما گوتم ٻڌ ۾ پورو پورو وشواس رکندڙ آهين. توکي ياد هوندو ته هن هڪ ڀيري اُپديش ڏيندي چيو هو ته ’سنسار اندر ٻن قسمن جا چمتڪار رونما ٿيندا آهن.‘ هڪڙا اُهي جيڪي آتما وسيلي عمل ۾ آندا ويندا آهن (جيڪي مون کي ڪٿي به نظر ڪونه آيا هئا) ۽ ٻيا اُهي جيڪي جسم ذريعي پسجندا ڏيکاربا آهن. مان صرف آخري قسم جي چمتڪار ۾ وشواس رکندو آهيان. بلڪ ان جو مداح به آهيان.“

اهو چوندي هو مون ڏانهن سرپرستانه نظرن سان تڪڻ لڳو هو ۽ سندس اکين ۾ عجب ٻرندڙ جوت جهلڪڻ لڳي هئي. الائجي ڇو مون کي راسپوتين ياد آيو هو.

اميد افزا موٽ نه ملندي ڏسي هن ڳالهه کي اڳتي سوريندي چيو، ”توکي چڱي پر ڄاڻ آهي مون کي صرف ’موج مستي‘ خاطر ائين تخليق ڪيو ويو آهي جيئن راجا اندر کي ديولوڪ اندر وجود ۾ آندو ويو هو.“

”انڪري منهنجو لاڙو صرف انهن فڪري ڌارائن ڏانهن اغلب طور رهي ٿو جن ۾ پريم رس، جنسي اُپار ۽ هيجاني ڪيفيت پيدا ڪرڻ جا نڪتا سمايل هوندا آهن، انڪري ادب اندر ميراجي، جئديو، هري پرٿري جو ڀهريون شتڪ، اُمارو، سيفو، بادشاهه سليمان جو امر گيت، موپاسان، ڊي انڱ نزيو، سعادت حسن منٽو، عصمت چغتائي، وهي وهانوي، چرڪين، زمان خان اوباش وغيره منهنجا سڀ کان وڌيڪ پسنديده سرجڻهار آهن. مذهب جي معاملي ۾ به هڪ ڀيري سينٽ پال جي خوبصورت ويچار ڌارا بيحد متاثر ڪيو هئم. ’جنهن شيءِ جي باطن ۾ سچ هجي. جنهن اندر ايمانداري هجي، جنهن ۾ انصاف هجي، جيڪا شيءِ مقدس هجي. ۽ جيڪا شيءِ ’دلڪش‘ هجي هميشه انهن بابت سوچڻ جڳائي.‘ مان صرف ’دلڪش‘ شين جهڙوڪ قلوپطره، مارلن منرو، برشي باردو ۽ سيفو بابت ئي سوچيندو رهان ٿو- ڇو جو باقي بچيل شين متعلق مون منجهه نه سوچڻ جي ’طاقت‘ آهي ۽ نه ئي ’وقت‘ اٿم.“

ٻئي ڀيري ساڳئي ئي سنت ’عقيدي‘ ۽ ’ايمان‘ جي منجهيل مسئلي تي خوشخبري ٻڌائيندي انڪشاف ڪيو هو ته ”دنيا ۽ دنيا جي سيني، ماضي ۽ حال جي موجودات- ۽ انهن سان گڏ ايندڙ وقت ۾ ظاهر ٿيندڙ موجودات خاص طور اپولو، زيوس، وينس، افروڊائٽي، سلومي شيبا جي راڻي وغيره مٿان توهان کي مڪمل ۽ غير تڪراري حق حاصل ٿي سگهي ٿو بشرطيڪ اوهين حضرت عيسيٰ جا ٿي وڃو.“

بس ان مهل کان وٺي آئون ’روح اقدس‘ تي ايمان آڻي چڪو آهيان ۽ سندس ان ’طلسماتي عقيدي‘ کي ڄڻ پنهنجي حياتي جو مشن بڻايو اٿم.“

”- ’واسنائن‘ جي غلامي ’انساني‘ غلامي کان گهڻو بلند، اعليٰ ۽ فخر جوڳي ڳالهه آهي. اڪيلائپ ڪڏهن به منهنجي مقدر جي ميراث بڻجي ڪونه سگهندي، مان صحيح ۽ سچي هم آهنگي صنفِ نازڪ جي سنگ ۽ ساٿ ۾ محسوس ڪندو آهيان.“

سندس ڳالهه کي نمرتا سان وچ ۾ ڪٽيندي شين ڪاف نراساني پڇيو هئس، ”منهنجا پيارا ياءُ، بودلڪ، مون کي ياد اچيم پيو ته دنيا جو مان به شيدائي آهيان. پر، جنهن ’سنسار‘ جا اوهين پوڄاري آهيو اهو هِن کان گهڻو مختلف نوعيت جو آهي. ان نڪتي تي ذرو وضاحت سان روشني درڪار آهي؟“

هن پنهنجي لهجي ۾ پرارٿنائي نوع اختيار ڪندي پڇيو، ”۽ اهو به ضرور ٻڌائجو ته هن سنسار کي وڌيڪ گل رنگ ۽ گلنار بڻائڻ، ۽ ان کي ’ابديت‘ جو رنگ بخشڻ لاءِ اوهين ڪهڙا پيالا پاڻي پيئڻ ۽ خوراڪ ورتائڻ وڌيڪ پسند ڪندا آهيو؟“ *(هلندڙ)*




صفحا: 128/ قيمت: 150 رپيا/ ڊيمي سائيز

**ڇپائيندڙ**

الشهباز فوٽو اسٽيٽ اينڊ پلاسٽڪ ڪوٽنگ
اسٽيشن روڊ سيوهڻ شريف.

**رابطي لاءِ:**

عنايت الله پتو، پتو محلا، پوسٽ آفيس سيوهڻ
شريف ضلع ڄامشورو سنڌ




ناول جي ڏهين قسط سيپٽمبر 2013 جي پرچي جي تسلسل ۾ پڙهندا.

منهنجي زندگيءَ جو اهو پهريون قتل هو. ٿوري وقت کان پوءِ پتو پيو هو ته اها ڪا وڏي ڪارروائي نه آهي، پر مون لاءِ ان ماڻهوءَ جي قتل ڪرڻ جو هڪ ڪارڻ اهو هو ته هڪ پوليس وارو هو، پر خاص خوشي انهيءَ ڪري هئي، جو هو پنجابي هو. مون کي سنڌيءَ جي چوٽي سدائين ياد رهندي آهي، 'سپ ٺار، پنجابي مار' آرمڊ پوليس ته هنن سان ڀريل آهي: رڳو ڏس پنجابي. اهي سڀئي سمجهندا آهن ته اسان سنڌين کان اعليٰ، افضل ۽ اوچا آهيون. تون اهو به ته سوچ ته هن پنجابيءَ جي قتل ڪري بابا ڪيڏو خوش ٿيو هو. اسان جو اڳواڻ حسن وري پنهنجي ليکي ڏاڍو ريان ڪيان هجي. مان هيءَ ڳالهه به توکي ٻڌائڻ ٿو گهران ته مان پنهنجي سنگتياڻين وٽ به هن قتل جي ٻڌاڪ هنئي هئي، جن سان مون ان واقعي کان پوءِ واريون ٻه ٽي راتيون گذاريون هيون. گهر پهچي به مان امان جن کي پيرائتيون خبرون ڪيون هيون ته مان هن ماڻهوءَ کي ڪهڙي ريت قتل ڪيو. اهي منهنجي آڏرياءُ ۾ هڪ ٻئي کان گوءِ کڻي رهيون هيون.

مکيءَ ۾ اسان جي زندگي ڏاڍي سهڻي نموني سان گذري رهي هئي، پر ڪجهه اڻنگي به هئي. پنجابين، سکن، عيسائين ۽ بنگالين کان سواءِ هر ڳوٺ جو هر گهر ايندڙ حر جي آجيان ڪري رهيو هو. اهڙا ڪجهه ڳوٺ ٻروچن جا به هئا. پر پوءِ هو اسان سان ٺهي ويا. چاڪاڻ ته هو به اسان جيان ڍڳي چور هئا. ٿوري وقت کان پوءِ اسان کي محسوس ٿيو ته اهڙن ماڻهن کي سڌارڻ لاءِ ڪجهه چٺڪو ڏيڻ ضروري آهي.

اسان کي پتو پيو ته مکيءَ جي اتر پاسي، ناري جي ڪنار سان ۽ مير صاحب جي رياست جي حد اندر وسندڙ ڳوٺ جا زميندار، خيرپور رياست جي پوليس ناظم جي آڳي پيڇي ڪري رهيا آهن. ڪنهن زماني ۾ هيءُ عملدار اتر سنڌ ۾ ڊپٽيءَ جي عهدي تي هو. هن ماڻهوءَ اسان جي مرشد جي پهرين جلاوطنيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هو ۽ حر دشمنيءَ ۾ سڀ ليڪا لتاڙي ويو هو. بابو چوندو هو ته انگريز سرڪار جي ڪنهن به پوليس ڪاموري کي هن عملدار جيتري حرن جي صحيح تعداد جي ڄاڻ ڪانه هئي. سکر جي ڪئپٽن جڏهن پير سائينءَ جي زمين جي تلاشي ورتي هئي ته خيرپور رياست جو هي ناظم به ساڻس گڏ هو. هي ناظم گڙنگ واري بنگلي جي تلاشي وٺندڙ بندري انگريز کان وڌيڪ سياڻو هو ۽ پير سائينءَ جي توهين ڪرڻ کان ڪترائي رهيو هو. هيءُ ڏاڍو خطرناڪ ماڻهو هو ۽ بنا ڪنهن ڏوهه جي به حرن کي گرفتار ڪندو هو. مٿي بيان ڪيل زميندار خيرپور رياست ۽ مکيءَ جي حر جماعت بابت ڪيس اهم معلومات فراهم ڪندو هو. ان ڪري سندس وات بند ڪرڻ ضروري ٿي پيو هو.

وريام فقير فيصلو ڪيو ته ان ماڻهوءَ خلاف ڪارروائي غازين جي اسان واري ٽولي سرانجام ڏيندي. هن ڪارروائيءَ ۾ سٺن اٺن غازين حصو ورتو هو. اسان جي مخبرن اطلاع ڏنو ته اهڙي ڪارروائي بالڪل سولي آهي ۽ ان ۾ ڪهاڙيون ڪم آڻي سگهجن ٿيون. ان ڪارروائيءَ لاءِ اسان جي ٽوليءَ جي سفارش وريام ۽ ٻين تجربيڪار فقيرن اسان جي واپس اچڻ کان پوءِ ڪئي. اسان اهڙيءَ ڪارروائي ڪرڻ جي لائق به هئاسون. مان حسن واري ٽوليءَ سان گڏ ڪم ڪرڻ جي اهل هوس ۽ سندس نظرن ۾ اهم به هوس. تون پاڻ به هن ڳالهه مان اندازو ڪري سگهندين ته هن ننڍڙي پر اهم ڪارروائيءَ لاءِ منهنجي چونڊ هن پاڻ ڪئي هئي، جيڪا ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ عمل ۾ اچڻي هئي.

مان توکي هڪ ڳالهه ٻڌائي رهيو آهيان ته هڪ ڏينهن آئون مکيءَ ۾ گهمي رهيو هوس ته هڪ فقير مون کي دولت کي قتل ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي، جيڪو سانگهڙ جي پوليس اسٽيشن جو مکيه پيرادو هو. هي ماڻهو اوسي پاسي واري علائقي جو مشهور پيرادو هو، جنهن کي سنجهوري جي پوليس گهنڊن واري واردات ۾ حصو وٺندڙ ماڻهن جي پيرن کڻڻ لاءِ گهرائي ورتو هو. اسان کي خبر هئي ته هي ماڻهو اسان مان گهڻن اهم ماڻهن جا پير سڃاڻندو آهي، جن جو تعلق ڀراڙيءَ سان آهي. اسان وٽ اهڙيون گهڻيون ثابتيون به هيون. اها به پڪ هئي ته هن واردات ۾ جنهن به ماڻهوءَ جي پيرن بابت دولت پوليس کي ٻڌايو ته ان کي ڪهڙيءَ به حالت ۾ گرفتار ڪيو ويندو. مئجسٽريٽ به هن جي ڳالهه تي ويساهه ڪندو. هن تي پوليس جو اڳي ئي اعتبار آهي. چاڪاڻ ته هن کان اڳ هڪ ڪارروائيءَ ۾ هن پيرادوءَ گل خان نظاماڻيءَ جو پير ٻڌايو هو، جيڪو سچ ثابت ٿيو هو. سانگهڙ جي ٻئي پاسي هڪ ننڍڙي ڪارروائي ۾ به هن ڪن فقيرن جا پير ٻڌايا، جيڪي سچا ثابت ٿيا هئا. هاڻي پوليس هن ماڻهوءَ تي اکيون ٻوٽي اعتبار ڪندي هئي. هي ڏاڍو خطرناڪ ماڻهو ثابت ٿيو، تنهن کي ختم ڪرڻ لازمي سمجهيو ويو هو.

اسان کي هن ڪارروائيءَ جي رٿابندي ڪرڻ ۾ به ڪا ويل ڪانه لڳي. دولت ٻروچ هو ۽ جمڙائو ڀرسان هڪ ڳوٺ جو ويٺل هو ۽ هفتي ۾ ٻه ڀيرا پنهنجي ڳوٺ ويندو هو، جنهن جي اسان کي خبر هئي. اسان وٽ هڪ چالاڪ ڇوڪرو هوندو هو، جيڪو ڪجهه اڳ مون ڏانهن فقيرن جو نياپو کڻي آيو هو. ان ڇوڪري کي چيو ويو ته مکيءَ وچان لنگهندڙ دولت جي ان رستي جي ڄاڻ رکي، جنهن سان هو پنهنجي ڳوٺ ويندو رهندو آهي. اهڙيءَ معلومات ملڻ کانپوءِ اسان ڪيس پوليس اسٽيشن ڏانهن هي پيغام ڏئي موڪليو ته دولت جو پٽ سخت بيمار آهي ۽ شايد مري وڃي، تنهن ڪري هو جلد ڳوٺ پهچي. ان ڇوڪري کي سمجهايو ويو هو ته دولت کي ٻڌائي ته هو شهر ڀرسان رڍون چاري رهيو هو، جو جکڙائو کان ايندڙ ماڻهوءَ ڪيس اهو نياپو ڏنو، جنهن پاڻ پوليس اسٽيشن ڏانهن اچڻ نه پئي چاهيو. مان ڳالهه اڳي به ٻڌائي آيو آهيان ته جکڙائو جي ڀرپاسي وارا ٻروچ ڍڳي چور آهن ۽ پوليس ٺاڻي ڏانهن اچڻ کان ايئن ڀيا چرڪندا آهن، جيئن ڪانءُ ڪمان کان. ان کان پوءِ حسن ۽ مان دولت واري رستي سان مکيءَ جي اهم ماڳ جي چونڊ ڪري لکي ويهي رهياسون. هن ڪارروائيءَ لاءِ اسان وٽ بندوقون هيون. دولت کي به پوليس پيرادو

هئڻ ڪري هڪ بندوق هئي.

توڪي خبر آهي تہ جڏهن ڪو ماڻهو دشمن جي گهاڙ ۾ تاڙ ۾ بندوق هٿ ۾ ڪري لڪي ويهندو آهي تہ سندس هنيانءُ ڪيڏو نہ دهڪندو آهي. مون وٽ اهڙا اکر ئي نہ آهن جو مان ان ويل جي امنگن ۽ اڌمن جي ڳالهہ ٻڌائي سگهان. منهنجي لاءِ هن قسم جي ڪارروائيءَ جو پهريون موقعو هو ۽ ان جو مون کي تہ پل پل ياد آهي. اسان ٻئي ڄڻا رستي جي ساڄئي طرف ۽ هڪ ٻئي کان ڏهہ قدم پري ٿي ويهي رهياسون. انهيءَ لاءِ تہ متان اسان هڪ ٻئي کي نہ ڏکي وجهؤن. حسن جي ٺَمر واري جاءِ سانگهڙ واري طرف هئي. اسان ٻنهي اها صلاح ڪئي هئي تہ اسان ڪيس ان وقت تائين ڪجهہ نہ ڪنداسون، جيستائين هو حسن واري جاءِ لنگهي ٿورو اڳتي وڃندو. ان وقت حسن اشارو ڪندو 'شڪاري وڃاءِ.' ان کان ٺڙ ٺپ پوءِ حسن کي دولت جي پٺيءَ ۾ مون کي سندس ڇاتيءَ جو نشان وٺي فائر ڪرڻو هو. ياڳين اهڙي ڳالهہ ٿي وئي جو اسان جي شڪار کان اڳ ڪو وانگي بہ نہ لنگهيو هو. اسان کي اميد هئي تہ هو اهڙي خبر ٻڌڻ شرط واڇ مينهن ڪندو ڳوٺ ڏانهن ويندو.

مون کي هڪ ڦاڙهي تہ ڪيترا پيرا چرڪائي ڇڏيو هو. مکيءَ ۾ چڏيل گور ڏڳا ڏور، وتيا ٿي هيڏانهن هوڏانهن وڙڪندا. مان سندن ڪڙڪو ٻڌي هڪ دم بندوق سڌي ڪرڻ ۾ لڳي ٿي ويس. مون کي الڪو ٿي پيو تہ اسان جو شڪار ڪو ٻيو دڳ ڏئي نڪري ويو آهي تہ شڪ ناهي يا وري اسان جي موڪليل نياپي واري ڇوڪري ۾ ڪيس شڪ ٿي پيو هوندو. پر نيٺ مکيءَ جي رات وارن هميشہ جي آوازن ۾ اگهاڙن پيرن جو دهڪو ٻڌڻ ۾ آيو، جيڪو سانگهڙ واري طرف کان اڳتي وڌي رهيو هو ۽ سڀ ڪجهہ اسان جي رٿابندي مطابق ٿيو. حسن جڏهن 'شڪاري وڃاءِ' جا لفظ چيا تہ هن تڪڙو هلڻ شروع ڪيو. ان کان پوءِ هڪ جاڙو ٺڪاءُ ٿيو، جيڪو منهنجي ۽ حسن جي بندوق مان هڪ وقت فائر ڪرڻ ڪري ٿيو ۽ دولت ان وقت ئي وڃي زمين ورتي. ڪانئس ڪا رڙ بہ نڪري ڪانہ سگهي. اسان کي بندوق جي ٻي نالي ڪتب آڻڻ جي ضرورت محسوس ڪانہ ٿي. لاش کي اٿلائي ڏٺوسون تہ ڪارتوسن جا ڇرا ڪيس بلڪل ان جاءِ تي لڳا هئا، جنهن جو اسان نشان ورتو هو. اسان جي بندوقن ۾ وڏي گيج جا ڇرا هئا، جيڪي سندس وچ جسم ۾ وڃي ڪتا هئا. پوءِ اسان وڻن جي ٿارين سان پنهنجا پيرا ڊاٺا ۽ هليا وياسون. اسان رات جي هن ڪارروائيءَ جي سوڀ ڪري ڏاڍا خوش هئاسون. اسان کي ڏک اهو هو جو اسان سندس بندوق کڻي اچي نہ سگهياسون، جو هو ان رات اها کڻي ئي نہ آيو هو.

اسان جا چاري ۽ جانچوسي اهي خبرون کڻي آيا هئا تہ سانگهڙ کان وٺي شهدادپور ۽ اوري پري جي پوليس ۾ ٻڙتول مچي ويو آهي ۽ ڪاتي جا بہ وڏا عملدار دوري تي نڪري پيا آهن. انهن مان هڪ اسان جي ڪيل ڪارروائين جي جاچ پڙتال ۾ لڳي ويو آهي ۽ هو پنهنجي هن ڪم ۾ رات ڏينهن رڌل آهي. ٻيو ڪامورو انهن حرن جي فهرست جوڙي رهيو آهي، جيڪي ٿاڻن تي مقرر ڏينهن حاضر ٿيندا هئا ۽ هاڻي نہ ٿا اچن. اسان سندن اهڙين عام رواجي ڪارروائين کي ڏسي کلڻ لڳا هئاسين، اسان جا ڪي اهڙا دوست بہ هئا، جيڪي هفتي ۾ مقرر هڪ يا ٻہ پيرا ٿاڻن تي حاضري ڏيندا هئا، پر اسان سان بہ ڪارروائين ۾ گڏ هئا. انهن کان ڪوشش جي باوجود پوليس فقيرن بابت اطلاع حاصل ڪرڻ ۾ سوڀاري ٿي ڪانہ سگهي. انهن ڪارروائن ڪري ڪجهہ خليفا ۽ حر جهليا بہ ويا هئا. اهو ڪهڙو قانون هو جو حڪومت انهن ٻي ڏوهي ماڻهن کي جهلي وڃي اندر ڪيو هو. اهو تہ ڏنو وائنو ڏاڍ هو. مون واري سؤٽ سچل کي بہ جهلي ويا هئا، جيڪو ماٺ ڪيو گهر ويٺو هو ۽ اسان سان ڪنهن بہ ڪارروائيءَ ۾ شريڪ نہ هو. مون جڏهن هن بابت ڳالهائڻ شروع ڪيو تہ بابو ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي ويو ۽ چيائين تہ هن کي پيرو وزير جي پٽ هئڻ ڪري گرفتار ڪيو ويو آهي. هي تہ ڄڻ ڄائو ئي اجايو آهي. پيرو پنهنجي مرشد جي سڏ تي سر ترِيءَ تي رکي لبيڪ چئي اچي پڙ تي پهتو هو ۽ اچي انگريز دشمن سان مهاڏو ڏنو هئائين. پير سائين ڪيس ٿوري اخلاقي تنبيهہ ڪئي هئي، هن موٽ ۾ ڪيس ڇڏي ڏنو آهي. هن حر جماعت ۾ ڄڻ تہ هڪ قسم جو نفاق وجهي ڇڏيو آهي. حر جماعت جا ڪي اهم ماڻهو مون کي هن جي جاءِ تي مک چوندڻ ٿا گهرن. منهنجا ٻچا اها ڳالهہ تنهنجي عزت جو پڻ ڪارڻ بڻبي.

پوليس انهن فقيرن کي گرفتار ڪري وئي هئي، جن هنن ٻنهي ڪارروائن ۾ غازين جي مدد ڪئي هئي. پر انهن مان ڪو بہ اهم ماڻهو نہ هو. اسان جا جانچوسي هي خبر کڻي آيا هئا تہ پوليس ٿاڻن تي نوٽيس هنيا ويا آهن تہ جيڪو ماڻهو گهربل حر مکن جو پتو ٻڌائيندو. تنهن کي هڪ هزار رپيا انعام ڏنو ويندو. جن ۾ وريام، گل خان نظاماڻي، نورو وساڻ، امام بخش ۽ مٺو شامل هئا. هن ڳالهہ تي ٺٺوليون شروع ٿي ويون تہ حرن جي ڪن مکن کي سرڪار اهميت ئي ڪانہ ڏني آهي. ڪي حر تہ پاڻ ۾ ڏندين بہ پيا. بابي مون کي چنبڙ ڪنندي چيو تہ 'تون ان اجائي ڪاپاري ۾ نہ پئو.' هن وڌيڪ چيو تہ ڪو بہ حر پئسي ڪاڻ ڪنهن فقير جي جوٽي ڪانہ کڻندو. پر انهن مان ڪيترا نامرد ماڻهو آهن جن کي اسان جي جوءِ جو پتو آهي ۽ ان پئسي خاطر هر ڳالهہ ڏسي ٻيهي رهندا. اهو نہ رڳو اسان جو پلو آهي. پر پير سائين جي چڱائيءَ ۾ بہ اهو آهي جيستائين اسان پير پختا نہ ڪري سگهون. تيستائين سرڪار اهڙين ڳجهين ڳالهين کان بي خبر رهي تہ حر جماعت جا اهم ماڻهو ڪٿي آهن ۽ ڇا ڪري رهيا آهن. ان کان پوءِ جيڪڏهن اسان جي چرپر جي ڪيس ڄاڻ ملي بہ وئي تہ پوءِ اها اسان جو وار ونگو ڪري ڪانہ سگهندي. سرڪار جي اهڙين ڳالهين مان پتو پوي ٿو تہ هوءَ اسان جي چرپر کان بيخبر آهي. ڇاڪاڻ تہ سرڪار محبت ۽ منهنجي سر جي قيمت اجا مقرر ڪانہ ڪئي آهي. اسان سندن اهڙيءَ بي خبريءَ کان گهڻو خوش آهيون. سو سائين رکيا، پاڻ کي اهڙي انڌيءَ لالچ کان پري رکجانءِ. انهيءَ ڪري هن کان اڳ بہ جان نثار تباهہ ٿي ويا. مان سمجهان ٿو تہ اها ساڳي ڳالهہ هاڻي پڻ ورجائي ويندي تہ شڪ ناهي."

ان ڪانپوءِ سرڪار ٻيو قدم اهو کنيو جو هن هٿيار بند پوليس جو مقدار گهڻو وڌائي ڇڏيو. اهڙي پوليس کي ٿاڻن، آئوٽ پوسٽ ۽ ڪن اهم ڳوٺن ۾ مقرر ڪيو ويو. ڇاڪاڻ تہ واڻين حرن کان ڊڃي سرڪار کي حفاظت لاءِ ٻاڏايو هو. مٺوءَ خاصخيليءَ جي ٽولي، شهدادپور کان اتر طرف هڪ ڳوٺ خلاف شاندار ڪارروائي ڪئي هئي. ڳالهہ هيئنءَ هئي تہ هن ڳوٺ ۾ رهندڙ واڻيا، ٻن ڌرين ۾ ورهايل هئا، جن مان هڪ سرڪار جي طرف ۽ ٻي حر جماعت جي پاسي هئي. حر جماعت جي پاسي واري ڌر اچي فقيرن کي چيو تہ ڳوٺ تي حملو ڪري، سرڪار طرف وارن واڻين ۽ پوليس کي قتل ڪري، سندن مڏيون ملڪيتون ڦري هليا وڃن. انهيءَ لاءِ تہ جيئن حر جماعت جا ساٿي هندو امن امان سان رهي سگهن. هي هڪ اهڙو مثال هو، جنهن مان ٻيا ڳوٺ پڻ سبق سکي وڃن. هن ڪارروائيءَ ۾ مون ڪو بہ حصو نہ ورتو. تنهن ڪري ان جو سربستو احوال ٻڌائي نہ ٿو سگهان. پر ٻڌل ڳالهہ هن ريت آهي تہ پوليس وارا هڪ واڻئي جي هٽ آڏو ٺهيل دڪيءَ تي ڪچهري ڪري رهيا هئا، ان مهل ڪو بہ پهري تي نہ هو. سامهون واريءَ گهٽيءَ ۾ ٻيهي مٿن فائر ڪرڻ ڏاڍو سولو هو. ان ڪارروائيءَ ۾ ٻہ پوليس وارا مارجي ويا ۽ ٻہ گهائجي پيا هئا. انهن سان گڏ ڪجهہ ڳوٺاڻا بہ زخمي ٿيا، جن جي حفاظت حڪومت نٿي ڪئي. ڦرلٽ ۾ مڏي ملڪيت گهڻي هٿ لڳي، جنهن ۾ پوليس جون پنج بندوقون، بہ شاٽ گنون ۽ گهڻو بارود شامل هو.

ان وقت يا ان کان مهينو کن پوءِ تائين، مون ننڍين ڪارروائين ۾ حصو ورتو هو، جن جو بيان ايڏو ضروري نہ آهي. حقيقت اها آهي تہ مون کان اهڙيون ڳالهيون وسري ويون آهن. اسان اهڙا حملا انهن گهرن تي ڪندا هئاسون، جتي هٿيار بارود هوندو هو يا حر جماعت جا دشمن هوندا هئا. ڪن ڳوٺن تي ڦرلٽ جي مقصد سان بہ ڌاڙا هڻندا هئاسون. ڪو بہ ماڻهو اسان جي آڏو نہ ايندو هو. اسان دهشت ۽ ڌهڪاءُ قائم ڪرڻ لاءِ ڪيترا بي گناهہ ماڻهو بہ ماريا هئا. جيڪڏهن مون کي اهو پتو هجي ها تہ مون کي ايڏا وڏا ڪم ڪرڻا آهن جن کي ماڻهو ساراهيندا ۽ ڳائيندا يا اڳتي ايندڙ حرن لاءِ اتساهہ جو ڪم ڏيندا تہ مان جيڪر ننڍين ننڍين ڪاروائن جي ڪاپاري ۾ نہ پوان ها.

مان توکي اڳي بہ ٻڌائي آيو آهيان تہ خيرپور ميرس جو پوليس ناظم حر جماعت جو سڀ کان وڌيڪ دشمن هو. هو پوليس جي وڏي اٿالي سان خيرپور رياست جي حد ۾ گهمندو وتندو هو ۽ جتي بہ ڪيس حر نظر ايندو هو تہ بنا ڪنهن سبب جي ان کي گرفتار ڪري وٺندو هو. سندس ڏوهہ فقط اهو هو تہ هو پير سائينءَ جو مريد هوندو هو. اسان جا جاسوس بہ سندس منزل جي چوڌاري پيا ڦرندا هئا. ٻڌل ۽ ڏٺل خبرون پيا اسان ڏانهن موڪليندا هئا ۽ ناظم معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي ڏاڍ ۽ ظلم ڪندو هو. تنهن جو سربستو احوال موڪليندا رهندا هئا. اهڙيون ڳالهيون ٻڌي جهونڙو وريام فقير بہ هن خيال جو ٿي ويو هو تہ هن ناظم کي جلد ختم ڪيو وڃي، نہ تہ خيرپور رياست جي حر جماعت نهوڙجي ناس ٿي ويندي. *(هلندڙ)*

## جنم ڏينهن جون واڌيون

سوجهرو ساٿين ۽ اديب برادري، زاهد راڄپر، خليق ٻگهيو، حنيف عاطر فتاح هاليپوٽو (شرجيل)، حيدر ملاح، منور ابڙو، حبيب ساجد، غلام مصطفيٰ لاکو ۽ ڊسمبر مهيني ۾ جنم وٺندڙ سيني دوستن ۽ پڙهندڙن کي سالگره مبارڪ *(ادارو)*

# ٽرڊ ڪلاس جي اسٽوڊنٽ...



انور شيخ

انڊس هاءِ وي جي پرسان ننڍڙو شهر بهادرپور هيو. بهادرپور کان ٽن ڪلوميٽرن جي فاصلي تي بچاءُ بند جي ٻاهرين پاسي اتر، اوپر جي ڪنڊ تي ايريگيشن جو خوبصورت بنگلو وڏي وقار سان قائم هيو. بنگلي جي تعمير جو سال 1912 مک دروازي جي مٿان لکيل هيو. ٻه ماڙ عمارت جي ٻنهي منزلن تي هڪ وڏو هال ۽ ٽي ڪشاده ڊگهين ڇتن سان بيڊ روم ٺهيل هئا. اڱر تي ٽالهي جا وڻ عمارت جي شان ۽ شوڪت جو باعث بڻيا بيٺا هئا. عمارت جي اڳيان ڪجھ ايراضيءَ تي سرسبز ڇٻر جي پاسن کان گلاب ۽ رابيل جا ٻوٽا قطار ۾ هوا تي جهومنديءَ ائين لڳي رهيا هئا جيئن اسڪول جي اسيمبليءَ ۾ نرسريءَ جا ٻار حمد پڙهندي لُڏندا آهن. عمارت جي ٻنهي منزلن جي هال ۽ ڪمرن ۾ ڪاٺيءَ جو فرنيچر پيل هو جيڪو پنهنجي وقت جي هنر ۽ ڪاريگريءَ جو شاهڪار مثال هيو. هيٺين منزل جي وڏي هال ۾ ڪشاده نيٽ جون ڪرسيون ۽ صوفا سيٽ رکيل هئا. اوپر پاسي واري ديوار تي ڪاٺيءَ جو سونهري رنگ جي ڪانٽن سان گهڙيل لڳل هيو. جنهن جو پينڊوليم سدائين زماني جيان متحرڪ رهندو هيو. هر ڪلاڪ ڪانپوءِ هڪ مُدَّر آواز وقت ٻڌائيندي ڪلاسيڪل موسيقيءَ جيان مَنَ ۾ لهي ويندو هيو.

شاندار عمارت جي پويان ملازمن جا ٽي ڪوارٽر هئا. جن مان ٻه خالي هئا ۽ هڪ ۾ مولا بخش چوڪيدار پنهنجي زال نيامت ۽ ٽن ٻارن سان رهندو هيو. ٻارن ۾ ٻه پٽ سنگهار اٺن سالن جو، هالار ڇهن ۽ نصيبان ڏيءَ ٽن سالن جي هئي. جنهن تازو ماءُ جو کير ڇڏي خدا جي ٻين خلقيل ڪاڏن ۾ وات ۾ وڌو هيو. انهيءَ بنگلي جي چوڪيداري ڪندي مولا بخش جي هيءَ ٽين پيڙهي هئي. بنگلي تي واحد ماڻهو مولا بخش هيو. جيڪو، گلن ٻوٽن جي سارَ سنڀار سان گڏ پوري عمارت جي چوڪيداري ۽ صفائي به ڪندو هيو.

بهادرپور شهر جو رهواسي مولا بخش جو دوست خاوند بخش پراڻي فرنيچر جو واپاري هيو. جنهن کي پنهنجو هڪ بهادرپور ۾ فرنيچر جو دوڪان به هيو. هڪ ڏينهن خاوند بخش، مولا بخش کي هال ۾ لڳل گهڙيل وڪڻ جو چيو ته مولا بخش اهو ٻڌي ٽپي باهه ٿي ويو ۽ ڪيس چيائين، ”خاوند بخش، اَسان ٽن پيڙهين کان هن عمارت ۽ انهيءَ گهڙيال جي حفاظت ڪندا ٿا اچون. منهنجن ڪنن شايد ملان جي آذان کان اڳ انهيءَ گهڙيل جو آواز ٻڌو هجي. وقت جي انهيءَ گهڙيال جي حفاظت مون کي پنهنجي ڏاڏي کان ٿيندي پيءُ جي هٿن مان ملي آهي. اڄ کان پوءِ اها ڳالهه وري نه ڪجانءِ.“

خاوند بخش چيس، ”سٺا پئسا ڏيندو مانءِ. ماڻهن اهڙين عمارتن جا فرنيچر ته ڇڏ پر سران به وڪڻي ڇڏيون آهن. تون الائي ڪهڙي جهان ۾ ٿو رهين؟“

مولا بخش، خاوند بخش جي اهڙين ارادن ظاهر ڪرڻ کان پوءِ ساڻس ملڻ بند ڪري ڇڏيو. هونءَ پگهار ملڻ کان پوءِ جڏهن به سودو وٺڻ بهادرپور ويندو هيو ته خاوند بخش جي دوڪان تي جهٽ ويهي حال احوال ڪندو هيو پر ان ڏينهن کان پوءِ اهو سلسلو بند ڪري ڇڏيائين.

ڪوارٽر جي آڳر ۾ لَئيءَ جي سڪل ڪاٺين جو ڍير پت سان گڏ پيون هيو. انهن جي پر ۾ ڪنڊ وٽ چلهه تي ويٺي نيامت پٽاٽا تري رهي هئي. پرسان رکيل جست جي ٿال ۾ چانورن جو اٽو پيو هو. سياري جي شام جو پتر ٻن پتين جي ڪنڊ تي رکي ڪري ڪانن جي ڇت ڏئي ڍَڪيل انهيءَ چلهه جي پر ۾ مولا بخش ۽ ٽئي ٻار ڳوٽيءَ جي ٽپڙيءَ تي مانيءَ جي انتظار ۾ ويٺا هئا. پٽاٽن جي ترجڻ جي خوشبو چئني ڄڻن کي بي صبرو بڻائي رهي هئي. نيامت پٽاٽا لاهي ٽالهيءَ ۾ ڍڪ ڏئي رکيا ۽ انهيءَ ئي گرم تئي تي چانورن جي ماني پچائڻ لڳي. ٿڦڻيءَ سان مانيءَ کي تئي تي لڳڻ کان بچائڻ لاءِ چوريندي مولا بخش کي چيائين،

”ٽيون مهينو اچي پورو ٿيو آهي. پري، اوڙي جا جيڪي مائٽ هيا سڀ بيزار ٿي چڪا آهن. هاڻي مون کي نه چئجانءِ مان ڪنهن ڏي نه ويندي مانءِ.“

”تو ڪائي جاءِ نه رهائي آهي ته مان به ڪا گهٽ ڪئي آهي ڇا؟ ماڻهو ته هاڻي مون کي به ڪوئي نه ٿو سُجهي.“ مولا بخش ننڍڙي نصيبان کي ڪٽي جهولي ۾ جهليندي چيو جيڪا مانيءَ لاءِ گرم تئي طرف وڌي رهي هئي.

”صبح لاءِ گهر ۾ نه اٽو اٿئي نه بصر، نه پٽاٽو.“ نيامت ذري گهٽ روئڻهار ڪي ٿيندي چيو.

مولا بخش جي منهن تي پريشانيءَ جا اونداهان پاڇا چائنجي ويا. تئي هيٺان ٻرندڙ باهه تي اکيون بيهجي وَيَسِ. ڪجھ دير خاموشيءَ کان پوءِ اُٿندي ننڍڙي نصيبان وڏي پٽ سنگهار جي حوالي ڪندي چيائين،

”منهنجي مانيءَ جو حصو بچائي رک صبح سان ٻارن کي ڏيجانءِ. مان سياڻي آفيس وڃي معلوم ڪندس. الله ڪري مَن پگهار آئي هجي.“

مولا بخش ڪمري اندر وڃي کٽ تي بڪئي پيٽ سوڙ پائي سمهي پيو. نيامت ٻارن کي ماني ڪارائي ڪٽن تي اندر سمهاريو ۽ پوءِ هڪ ماني ۽ پٽاٽا ٽپڙي ۾ ٻارن جي صبح جو ڪائڻ لاءِ رکي هڪ ماني ۽ ڪجھ پٽاٽا ڪٽي مولا بخش وٽ آئي.

”اُٿ مولا بخش بڪئي پيٽ ننڊ نه ايندءِ“

مولا بخش منهن تان سوڙ لاهيندي ننڊ ۾ هجڻ جو بهانو ڪندي ننڊاڪڙي انداز ۾ چيس،

”ٻارن لاءِ رک. صبح سان ئي روئڻ شروع ڪندا منهنجو خير آهي.“

”ٻارن لاءِ رکي آهي تون دلجاءِ ڪر. سياري جي وڏي رات آ ٻڪ تي ڪيئن گذاريندين. چوڪيءَ تي به وڃڻو اٿئي، اُٿ.“

نيامت، مولا بخش تي زور رکي اُٿاريو. ڪمري ۾ بلب ٻري رهيو هيو. مولا بخش پنڊيءَ ۾ هڪ ماني ڏسي نيامت جي منهن ۾ نهاريو ۽ ڪيس هٿ کان وٺي کٽ تي ويهاري چيائينس،

”تون به کاءُ.“

”ڪهڙي گهٽي آ، تون کاءُ مان شام جو ٻٽي گرنهه کاڌا هيا.“

”شام جو ماني کاڌئون آئي هئي جو تو کاڌي. وٺ بسم الله الرحمٰن الرحيم ڪر.“

ٻنهي ڄڻن هڪ ماني کاڌي ۽ پوءِ مولا بخش ڪجھ دير ترسي، پراڻو ڪارو اوورڪوٽ پائي لٺ هٿ ۾ کڻي ايريگيشن بنگلي جي عمارت ۽ ان ۾ پيل فرنيچر جي چوڪيداري ڪرڻ لاءِ روانو ٿي ويو. نيامت ۽ ٻار سمهي پيا.

ٿڌي رات ۾ ايريگشن بنگلي جي هال مان ڪهڙو وقت آهي جو آواز وقت جو گهڙيال ٻڌائي رهيو هو. وراڻدي ۾ ڊگهو پراڻو ڪارو اوور ڪوٽ پائي ويٺل مولا بخش نون احساسن سان ان آواز جو مشاهدو ڪري رهيو هيو. هو سوچي پيو،

”ائين به ڪو ٿي سگهي ٿو ته ٽن مهينن کان مٿان منهنجي پگهار بند ڪئي وئي هجي؟ ڪڏهن زندگي ۾ ائين ڪونه ٿيو آهي. هي ڪهڙا وزير اچي ويا آهن. جن اسان پيڙهيائتن ملازمن جو پگهارون روڪي پنهنجن نون ڀرتي ڪيل ملازمن کي ڏيڻ شروع ڪيون آهن؟ نه، نه اڪائونٽنٽ ڪوڙ ٿو ڳالهائي. مان سياڻي وڃي آفيس ۾ دانهون ڪندس. رڙيون ڪندس منهنجي ٻچن جي کائڻ لاءِ ڪجھ به ڪونهي بچيو. مون کي منهنجي پگهار ڏيو. مان جنهن هن تاريخي عمارت جي حفاظت پنهنجي ٻچن جيان ڪئي آهي. ان کان اڳ منهنجي پيءُ ۽ ڏاڏي ڪئي. اڄ انهن جا ٻچا ٻڪ طرف وڌي رهيا آهن. مان سياڻي هنن کي چوندس منهنجن ٻچن کي بچايو. تاريخ جي حفاظت ڪندڙن کي بچايو.“ مولا بخش جي ڪيفيت عجيب ٿي وئي هئي. اندر ۾ اُبرندڙ ڳالهيون چپن تي اچي ويس. سٽ ڏئي اٿي بيهي رهيو. وسوسا ۽ انديشا هن جي اندر کي ولوڙي رهيا هئا. ڪجھ دير خاموشيءَ سان وراڻدي ۾ گهمندو رهيو ۽ پوءِ هال جو دروازو کولي اندر نيٽ جي ڪرسيءَ تي وڃي ويهي رهيو.

گهڙيال جو پينڊوليم لڏي رهيو هو. وقت جا سونهري ڪانٽا هن کي ڪجھ ڪارا ڏسڻ ۾ آيا. هن کي ياد آيو ته پگهار جي پريشانيءَ ۾ هن گهڙيال کي ڪافي ڏينهن کان صاف ناهي ڪيو.

ڪرسيءَ تي ويٺي گهڙيل کي تڪيندي هن کي ننڊ اچي وئي. وڏي اَسُرَ جو جاڳ ٿيس. گهڙيال ۾ صبح جا پنج ٿي رهيا هئا. ايريگيشن جي ضلعي آفيس مين روڊ کان 14 ڪلوميٽر پري هئي. هن وٽ ڪرائي لاءِ ڪجھ به ڪونه هيو. تنهنڪري مولا بخش ان ئي مهل پيادل آفيس وڃڻ جو ارادو ڪيو.

ٽي ڪلوميٽر پري مين روڊ هيو ۽ ان کان پوءِ چوڏنهن ڪلو ميٽر پري هيڊ آفيس هئي. پاري ۾ صبح جو اوور ڪوٽ اوڍيل مولا بخش روڊ جي پاسي سان اميدن جي آڌار تي ٻرانگهون پري رهيو هو. رستي ويندڙ ڪجھ ٽرڪن کي هن ڪٽي هلڻ جو اشارو ڪيو پر ڪو به نه بيٺو. پيادل ئي پيادل هي اچي هيڊ آفيس پهتو.

ملڻ جو چيو.

سمجهدار ۽ خوددار ماڻهو هيو. صورتحال کي سمجهي ويو تنهنکري انهن مان آسرو لاهي پاڻ پنهنجي سر ڪجهه ٻين هنڌن تي نوڪريءَ جي ڳولها ڪيائين. سيني هن کي سي.وي جمع ڪرائي وڃڻ جي صلاح ڏني. انهي ڊڪ ڊوڙ ۾ هڪ ٻيو ڏينهن به گذري ويس.

رات جو فٽ پاٿ تي ستل هڪ فقير جي پرسان وڃي اهليو ته فقير هن کي شڪي نظرن سان ڏٺو. پڇا ڳاڇا ڪرڻ کان پوءِ دلجاءِ ڪندي فقير ميرو وهاڻو پنهنجي ڪنڌ هيٺان ڏئي سمهي پيو.

رات جي آخري پهر ۾ فقير رڙيون ڪندي اٿيو. هڪ نوجوان فقير جي ڪنڌ هيٺان پيل وهاڻو ڪنيون تيز ڀڄندو گهٽيءَ ۾ گم ٿي ويو. فقير زور سان رڙيون ڪندي چوڻ لڳو، ”منهنجا ٻه لک روپيا وهاڻي ۾ هيا.“

هي سوچڻ لڳو، ”منهنجي نوڪريءَ جيترا پئسا هتي فقيرن جي ڪنڌ هيٺان پيا آهن ۽ مان جيڪو پڙهيل لکيل آهيان حساس ۽ خوددار آهيان سو گذريل ٽيهن ڪلاڪن کان بک تي آهيان. منهنجي ماءُ منهنجي اوسيئڙي ۾ هوندي، جنهن کي دلاسو ڏئي آيو آهيان، ته نوڪري وٺي بابي جي گهر ۾ ساڳيو ئي ڌڻ ٻڪرين جو توکي ڪري ڏيندس.“

هن جي ماءُ کي ٻڪريون گهڻو پياريون هيون. پر پٽ جي مستقبل خاطر هن اهي قربان ڪري ڇڏيون. سڄي عمر ٻڪرين سان گذاريندڙ هن جي ڪراڙي ماءُ کي جيڪا انسيت انهن سان هئي تنهن ۾ هن جي نفسياتي خوشنودي به شامل هئي.

هي جيڪو قابليت جي پروسي تي وڏي شهر ۾ پهتو هو تنهن کي رشوت ۽ سفارش مايوس ڪري وڌو. نااميدون ڪٽي واپس موٽي ماءُ جي اکين ۾ ڏک ڏسڻ جي سگهه هو ساري نه پيو سگهي. ماتم ڪندڙ فقير کي ڇڏي هو فوٽ پاٿ تان ڊوڙندو ويو.

آذانن جي آواز تي فليٽن مان اڇا اجرا ماڻهو اوٻاسيون ڏيندا الله جي سڏ کي لبيڪ چوندا مسجدن ڏانهن راهي هيا. گهڻن ٻيهي هن کي نماز جي صلاح ڪئي.

بک هن جي پيٽ ۾ شدت اختيار ڪندي پئي وئي هن جي وجود جو هر عضوو هاڻي احتجاج ڪري رهيو هو.

❊

سج ڪافي مٿي چڙهي آيو هو. ڪينٽ اسٽيشن جي ٻاهران ٻه هوٽل جن جا هيٺيان هال پلرن تي قائم




هيا، ٻنهي جي وچ تي فقط سنهي ڪليل ڳلي هئي، جنهن ٻنهي کي هڪ ٻئي کان ڌار پئي ڪيو نه ته پري کان هرڪو انهن کي هڪ ئي هال ۾ هوٽل سمجهي ها.

هوٽل جي اڳر تي ڪرسيون، ٽيبلن جي چوڌاري رکيل هيون. ٻنهي هوٽلن جا بيرا گراهڪن کي پنهنجي پنهنجي هوٽل ڏي سڏي رهيا هئا.

ڪائيءَ واري دخل جي وچ تي ڪرسين مٿان ٻئي هوٽل مالڪ ويٺا هيا. هنن جا مٿا بيٽري تي هلندڙ رانديڪن جيان حرڪت ڪري رهيا هئا.

عجيب اتفاق هيو جو ٻنهي هوٽل مالڪن جي شڪل ٿوري فرق سان تقريبن هڪ جهڙي ئي هئي. ٻنهي کي ڪپڙي جون گول ڪشميري ٽوپيون پاتل هيون. هڪاڇي رنگ جي ۽ ٻئي کي سونهري ڪلر جي. منهن جي بناوٽ کي ٽوپين جي رنگت سان ملائي جيڪڏهن موازنو ڪبو ته ٻنهي جي مشابهت ”ڳاڙهي“ ۽ ”جاوي“ ڪڪڙ جهڙي لڳي رهي هئي هنن جا نڪ هيٺ مٿي منهن ڪندي ڪوٺڙو ڪندڙ ڪڪڙن جي چهنبن جهڙا هئا.

ٻاهر ڪرسين جي پاسي ۾ هڪ ناسي ڪلر جو ڪتو ڪنڌ کي اڳين ڄنگهن تي رکي سيني ڪرسين ۽ ٽيبلن جي هيٺان نظرن کي خبرداريءَ سان ڦيرائي رهيو هو.

هوٽلن جي هالن اندر پيل ڪرسين تي ماڻهو ۽ ٽيبلن تي پاڻيءَ سان ڀريل جڳ، گلاس، پراٺا، انڊا آمليٽ، انڊا ڇٽا، هاف فرائي، چانهيون پيون هيون.

پوري رنگ جا ٻه ٻلا مختلف سمعتن ۾ ڳاڙهي ٽوپي پاتل هوٽل مالڪ واري هال اندر هڪٻئي جي حرڪتن تي نظر رکيون ويٺا هئا. گراهڪن اڃان انهن جي مطلب وارين شين جا آرڊر ڪونه ڏنا هئا. پر هو مطمئن هئا ڇو ته بورچيءَ جي اڳيان پيل وڏن ديڳڙن مان ايندڙ خوشبو اها پڪ هنن کي پهچائي رهي هئي.

هو جيئن ئي ڪرسين وٽ ٻاهر پهتو ته ڳاڙهي ٽوپي پاتل هوٽل مالڪ جي بيري هن کي ٻانهن کان وٺي پنهنجي هوٽل ۾ وٺي وڃڻ چاهيو. ان تي سونهري ٽوپي پاتل هوٽل مالڪ جي بيري احتجاج ڪندي چيو، ”هي گراهڪ اسان جي سَنَڌَي کان اندر آيو آهي. هن تي حق اسان جو آهي.“

پر ٻيو بيرو هن کي ڇڪيندو پنهنجي هوٽل طرف وٺي ويو. سونهري ٽوپي پاتل هوٽل مالڪ دخل کان ٻاهر نڪري آيو. ڳاڙهي ٽوپي پاتل هوٽل مالڪ به ٻاهر آيو ٻئي هڪ ٻئي جي سامهون چيلهين تي هٿ رکي غصي مان هڪٻئي ڏي نهارڻ لڳا. نڪ مان تيز ڦوڪاٽ ڪندي سونهري ٽوپي واري چيو، ”اها زيادتي آهي، جيڪو طئي ٿيل آهي، ان تي عمل ٿيڻ کپي.“

ڳاڙهي ٽوپي واري چيو، ”گراهڪ پهريان منهنجي بيري وٽ پهتو آهي.“

”پر هو آيو اسان جي سَنَڌَي کان آهي.“ سونهري ٽوپي واري وراڻيس.

”پنهنجي حدن وٽ گراهڪ کي روڪڻ ۾ تنهنجو بيرو ناڪام ويو آهي. گراهڪ ٽپي اسان جي حدن ۾ پهتو آهي.“ ڳاڙهي ٽوپي واري اکيون ڦوٽاريندي چيس.

”اهو فيصلو خان بابا ڪندو، مان ان کي دانهن ڏيندس. تون اسان سان روز روز اهڙيون زيادتون ڪري رهيو آهين.“ سونهري ٽوپي وارو اهو چئي غصي ۾ موٽي وڃي دخل تي ويٺو.

بيري هن کي وٺي وڃي ڪرسيءَ تي ويهارو. شيشي جو گلاس ۽ پلاسٽڪ جو جڳ پاڻيءَ سان ڀري هن جي اڳيان ٽيبل تي رکندي چيائينس،

”ڇا کائيندئو؟“

”مون وٽ پئسا ڪونه آهن.“

هن خشڪ چپن مان پٽڪندي چيس. ته بيرو حيرانيءَ مان هن جي منهن ۾ ڏسڻ لڳو ۽ پوءِ هن کي مالڪ سان ملڻ جو چيائين. هي اٿي دخل تي ويو هوٽل مالڪ هڪ گراهڪ کي بقايا پئسا ڏئي فارغ ڪندي هن ڏانهن متوجه ٿيندي چيو،

”جي.“

”مون وٽ پئسا ڪونهن. پر مون کي بک تمام گهڻي لڳي آهي، گذريل ٽيهن ڪلاڪن کان مان ڪجهه به ناهي کاڌو.“

هوٽل مالڪ هن جي منهن ۾ ڪجهه دير ڏسندو رهيو ۽ پوءِ چيائنس،

”هي ملڪ جو سڀ کان وڏو شهر آهي. هتي تمام گهڻا ماڻهو اچن ٿا. جن کي بک هوندي آهي، جيڪڏهن مان انهن تي ترس کائي، انهن جي بک لاهيان، ته مان پاڻ بک مرندس.“

”توهان مون کي غلط ٿا سمجهيو يا شايد بک جي ڪري منهنجو آواز ڳالهه واضع طور تي اوهان تائين نٿو پهچائي سگهي. مان مفت ۾ ماني ڪونه ٿو گهران، منهنجي شناختي ڪارڊ جي ڪاپي توهان پاڻ وٽ رکو مان نوڪري تلاش ڪري رهيو آهيان جيئن ئي نوڪري ملي مان توهان کي پئسا ڏئي ويندس.“

هن هوٽل مالڪ کي پنهنجي منشا سمجهائي. هوٽل مالڪ ڪلندي پٺ تي ٽنگيل هڪ تختيءَ ڏانهن اشارو ڪيس جنهن تي لکيل هيو،

”نقد وڏي شوق سان، اوڌر اڳئين چوڪ تان.“

ٻه گراهڪ ماني کائي واندا ٿي دخل تان پيل ٽشو پيپر ڪٽي هٿ اگهڻ لڳا. هوٽل مالڪ هن کي پري ٿيڻ جو اشارو ڪيو. هي دخل جي سائيڊ وٺي بيهي رهيو. گراهڪ پئسا ڏئي روانا ٿي ويا. هوٽل مالڪ هن ڏي همدرديءَ مان نهاريو ته هي سري هن جي پرسان اچي بيٺو. هوٽل مالڪ هن کي چيو،

”اسان جي ڌنڌي جا ڪجهه اصول آهن. اسان ايڏا ظالم ڪونه آهيون. بس هڪ طريقو آهي. جنهن تي هلڻو ٿو پوي. هر ويلي جي ماني ختم ٿيڻ کان پوءِ جيڪا گراهڪن جي اوبر هوندي آهي اها اسان فقيرن ۾ ورهائيندا آهيون. هوٽل جي پوئين پاسي کان وڃي بيهه ڪجهه دير کان پوءِ اها ماني ورهائي ويندي.“

”توهان اها ڪهڙي ڳالهه ٿا ڪريو. ذلت جي اهڙي گرنهه کان مان مرڻ کي ترجيح ڏيندس. توهان مون کي نه ٿا سڃاڻو. مان انتهائي خوددار ماڻهو آهيان. مون کي عزت سان ماني کپي اها به مفت واري نه. هن وقت منهنجي هڙ کٽي خالي آهي پر مسقتبل ۾ ان جي ڀرجڻ جون ڪوڙ ساريون اميدون اٿم. تون جيڪڏهن اوڌر تي ماني ڏين ته مان کائيندس باقي اهڙي طرح بلڪل به نه.“

هوٽل مالڪ منهن ٻي پاسي ڪيو. ته هو هال کان ٻاهر اچي هڪ ڪرسيءَ تي ويٺو. ٽيبل تان جڳ ۾ پيل پاڻي گلاس ۾ اوتي پيئڻ جي ڪوشش ڪيائين. پاڻي ڪندن جيان نڙيءَ مان لنگهي ته ٻيو ڍڪ روڪي ڇڏيائين.

موٽر سائيڪل تان ٻه نوجوان پان چٻاڙيندا لٿا. ٻنهي کي هٿن جي ڪَرائُن ۾ سونهري ڪڙا پاتل هئا.

نيري جينز تي سرمائي ڪلر جون ٽي شرٽ پاتل، ٻئي ڄڻا وچي دخل تي بيٺا. هوٽل مالڪ ٻنهي جو گرم جوشيءَ سان استقبال ڪيو ۽ پاڻ دخل ڪان لهي ٻاهر اچي هنن کي ڪرسين تي ويهاريائين.

گوشت جي ديڳڙي جو ڍڪ لٿو ته ڪُنڊن ۾ ويٺل ٻلن جا ڪَن اُڀا ٿيا. جينز پاتل هڪ همراهه روسٽ جو اڌ کائي بقايا هيٺ ڦٽي ڪيو. ٻئي ٻلا تيزيءَ سان ان مٿان اچي ڪريا. بچيل روسٽ مٿان ٻلا ڏند ڪڍي ناسن مان ڦرڙاٽ ڪندي هڪٻئي جي اکين ۾ شور سان تڪڻ لڳا. گهگهي پيل آواز واريون مياڻون ڪندي ٻوٿيءَ مٿان وڙهندي ليٽڙڻ لڳا. نيري جينز پاتل هڪ همراهه زور سان پير زمين تي هنيو ته هڪ ٻلو ٻوٿي ڪٽي تيزيءَ سان هوٽل جي هڪ ڪنڊ طرف ڀڳو ۽ ڪنڊ ۾ ويهي ٻوٿي کائڻ لڳو. ناڪام ٿيل ٻلو غصي مان تڪڻ لڳس. ڄڻ چوندو هجيس، ”تو طئي ٿيل اصولن جي خلاف ورزي ڪئي آهي. ٻوٿي منهنجي پاسي ڪري هئي. اهو فيصلو خان بابا ڪندو.“

نيري جينز ۽ ڪڙا پاتل همراهه ماني کائي هوٽل مالڪ کان ٻه هزار روپيه وٺي بنا سائيلينسر موٽرسائيڪل کي ڪِڪ هڻي روانا ٿي ويا.

هي اٿي هوٽل مالڪ وٽ ويو ۽ چيائينس،

”توهان مون کي اوڌر تي ماني نه ٿا ڏيو مان جيڪو گذريل ٻٽيهن ڪلاڪن کان بک تي آهيان. پر هنن همراهن جن کي بک به ڪونه هئي انهن اڌ کان وڌيڪ ماني ضايع ڪئي. انهن کي نه فقط توهان ماني ڪارائي پر الٽو ٻه هزار روپيه به ڏنا. ائين ڇو؟“

هوٽل مالڪ ڪار ڪائيندي هن کي چيو،

”هي علائقي جا بدمعاش آهن. هنن جي حڪم تي ڪاروبار هلي ٿو ۽ بند ٿئي ٿو. تون هنن سان پنهنجي پيٽ نه ڪر. تون خسيس ماڻهو آهين. هي هتان جا ڪرتا ڌرتا آهن.“

هي وري ٻاهر اچي ويهي رهيو. هن کي ياد آئي پنهنجي ڪراڙي ماءُ جنهن هن کي سدائين سمجهايو هو،

”منهنجا ٻچا، ڪڏهن به حلال روزيءَ کان سواءِ نه کائجانءِ. هميشه پنهنجن ٻانهن جي ٻَل تي ڪمائي پيٽ گذر ڪجانءِ. اهو نه کائجانءِ جنهن تي ٻين جو حق هجي.“

بک هن جي وجود تي پنهنجي مڪمل طاقت سان حملا ڪري رهي هئي. ڪالي پيٽ هن جي دماغ تي حاوي ٿي هن کي چڪرائي رهيو هو. هن سوچيو،

”ڪمائي ڪٿان ڪانوان؟ ڪو روزگار آهي ڪونه. فقيرن جيان پني کائڻ مون کي پسند ناهي. بدمعاش مان نه ٿو ٿي سگهان. آخر ڇا ڪيان هن پيٽ جي باهه کي ڪيئن اُجهايان؟“

روڊ تان هڪ پوڙهو ريڙهي کي آهسته آهسته گهليندو ٿي ويو، جنهن تي ڪافي وزني سامان رکيل هيو. هي پنهنجو سمورو بچيل ٻل جمع ڪندي ڦڙتائي سان اٿيو. ريڙهو گهليندڙ ڪراڙي جي پر سان هلڻ لڳو. ٿورو هلي ڪراڙو بيهي رهيو. پيشانيءَ تي آيل پگهر کي هٿ سان اگهندي دَم پٽڻ جي ڪوشش ڪيائين. بي ترتيب ساهه ڪراڙي وجود کي ڏڪائي رهيا هئا. تقريبن ساٺو ٿيل پوڙهي هن ڏانهن ڏٺو هِن، هُن کان پڇيو،

”گهڻا پئسا ملندا توهان کي هن ڪم جا؟“ پوڙهو هن جون همدردانه نظرن کي ڏسندي ٻڌايس

”کهڙا پئسا ملندا پٽ، فقط ٻه سئو روپيه.“

”توهان ٿڪجي پيا آهيو، مان جيڪڏهن اهو بار منزل تي پهچائڻ ۾ توهان جي مدد ڪيان ته توهان مون کي اڌ پئسا ڏيندؤ؟“

پوڙهي جي منهن جا تاثر هڪدم بدلجي ويا. ريڙهو ڇڪيندي چيائينس،

”سئو روپيه توکي ڏيان ته باقي مان ۽ منهنجي ڪراڙي زال ڇا کائيندا سون؟“

”ڀلا پنجاهه روپيه ڏجو.“

انتهائي ٿڪل پوڙهو وري بيهي رهيو. ڪجهه دير هن جي منهن ۾ ڏسندي سوچيائين ۽ پوءِ ڪنڌ هيٺ ڪري وري هلڻ لڳو،

”نه بابا نه، منهنجي روزيءَ جي ڪِڍ ڇو پيو آهين. وڃ ڪو ٻيو ڌنڌو ڪر. پنجاهه روپئي جو ڪير مان پنهنجي ڪراڙي زال لاءِ وٺندو آهيان. جيڪا گهڻي ڪمزور ٿي وئي آهي. مان ان جو ڪير توکي ڪيئن ڏيندس. نه بابا نه.“

چوندو پوڙهو ريڙهو گهليندو هليو ويو. هي بيهي رهيو.

ٽاڪ منجهند جو ٽائيم هيو. هي آهسته آهسته قدمن سان هلندو رهيو. هڪ هنڌ ڪافي ماڻهن جو هجوم ڏسي بيهي رهيو. قناتان لڳل شاميانے جي هيٺان ڪافي سارا ماڻهو گلمن جي مٿان ويٺا هئا. ٻاهر فقير ۽ اپاهجن جي رش هئي جيڪي ڪٿي ويهڻ جي جاءِ ڳولهي رهيا هئا. ڪجهه ماڻهو برياني جي ديڳن مان پليٽون ڀري ماڻهن کي ڏئي رهيا هئا. گيٽ مٿان ڪپڙي جي بينر تي لکيل هيو،

”دائم دستر خوان.“

۽ ان جي هيٺان لکيل هيو،

”نادار، اپاهج ۽ مسڪين ماڻهن لاءِ هتي مانيءَ جو بندوبست آهي.“

دستر خوان طرف وڌندڙ هن جا قدم انهيءَ عبارت روڪي وڌا، پنهنجي لاءِ نادار ۽ اپاهج وارا لفظ هن کي گار جيان محسوس ٿيا. هو جيڪو خوددار هيو جنهن پنهنجي ٻانهن جي ٻل تي ڪمائي کائڻ جي تلقين ۽ تعليم ماءُ کان ورتي هئي اهو نادارن ۽ اپاهجن جي قطار ۾ بيهي ماني وٺي کائي اهو هن کي گوارا نه هو. هن سوچيو،

”انهيءَ مانيءَ تي هن جو ڪوبه حق ڪونهي، اها هن لاءِ حرام آهي هو نه ته اپاهج آهي نه ئي نادار.“

جوش هن جي بک کي ڏڪا ڏيڻ لڳو. هي نبل قدمن سان وڏي شهر جي، وڏي اسٽيشن طرف روانو ٿي ويو. جتي ٽرينن جي اچ وڃ جاري هئي. پليٽ فارم تي بيٺي هن کي چڪر اچڻ لڳا. هي سرندو سرندو ڪناري تي پهچي ويو. پريان ايندڙ ٽرين جو هارن وڳو هن کي زوردار چڪر آيو ۽ هي وچي هيٺ ريل جي بندن مٿان ڪريو. ٻه همراهه تيزيءَ سان اٿيا ۽ ڦڙتائيءَ سان هن کي ڇڪي مٿي ڪڍي آيا.

ٽرين پليٽ فارم وٽ اچي بيهي رهي. ريلوي پوليس جو هڪ حوالدار ۽ ٻه سپاهي ڀڄندا آيا. هجوم ڪنو ٿي ويو. هي پليٽ فارم جي فرش مٿان ويهي رهيو. هجوم مان هڪ همراهه چيو،

”خدا جي نعمتن جو منڪر آهي. هن کي عبرت ناڪ سزا ملڻ کپي.“

”خودڪشي حرام آهي. هن اها ڪوشش ڪري حرام ڪاڌو آهي. هن پليت کي پادر هڻو.“ ٻئي همراهه چيو.

هڪ نوجوان چيو،

”ٿي سگهي ٿو هو خودڪشي نه ڪندو هجي ڪو چڪر آيو هجيس. هن کان پڇيو ته صحيح؟“ پر ان همراهه




جو آواز پرجوش هجوم جي رڙين ۾ گم ٿي ويو.

واپاري قسم جي هڪ پوڙهي تسبيح جي مڻين کي ڦيرائيندي راءِ ڏني،

”خدا جي عطا ڪيل هن انمول زندگيءَ مان منهن موڙيندڙ اصل ۾ خدا جي وجود جا انڪاري آهن، هن کي هاڻي ئي اهڙي سزا ڏيو جيڪا ٻين لاءِ سبق آموز ٿئي.“

”حوالدار هجوم ۾ تاءُ ڏسي سچوئيشن ڪنٽرول ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي پنهنجون ذميواريون نڀائيندي چيو،

”ٻڌو، ٻڌو. تڪڙ نه ڪريو. اسان جي قانون ۾ انهيءَ لاءِ قلم ۽ سزا موجود آهي. خودڪشي ڪرڻ قانونن ڏوهه آهي. اسان هن مٿان ايف. آءِ. آر داخل ڪري هن کي جيل موڪليندا سون.“

”توهان هن کان پئسا وٺي ڇڏي ڏيندؤ.“

هڪ اچي ٽوپي پاتل هلڪي ڏاڙهي رکيل پوري رنگ جي نوجوان چيو جيڪو پنهنجي مائٽ کي روانو ڪرڻ لاءِ ريلوي اسٽيشن تي موجود هيو.

”توهان اسان سان ٿاڻي تي گڏ هلو. پنهنجي اکين سان هلي هن جو انجام ڏسو.“

ڪجهه ماڻهو جيڪي پنهنجن دوستن ۽ مائٽن کي ڇڏڻ آيا هئا سي پوليس سان گڏجي پنهنجا فرض ادا ڪرڻ لاءِ هن کي وٺي ٿاڻي ڏانهن روانا ٿيا. ريلوي پوليس هن جي مٿان فريادي ٿي خودڪشي ڪرڻ جي ڪوشش تحت ايف. آءِ. آر داخل ڪئي. خدا جي نعمت جي انڪاريءَ جو انجام ڏسي هن کي وٺي آيل سڀ ماڻهو مطمئن ٿي ويا ۽ پوءِ هن کي لاڪپ ۾ واڙيو ويو.

بک هاڻي هن جي برداشت کان ٻاهر ٿي وئي هئي. سمورو عرصو ساڻائي ڪري هي ڪجهه ڳالهائي به نه سگهيو هو. فقط ڪڏهن ڪڏهن ڳوريون اکيون کٽي ماڻهن جي منهن ۾ ڏنائين پئي جيڪي هن کي نفرت وچان ڏسي رهيا هئا.

رات جو لاڪپ ۾ دال جي نالي تي مرچ، لوڻ پيل گرم پاڻي ۽ سڙيل ماني پهتي ته هي هوريان هوريان اٿي ويٺو. زور ڪندي اکيون کولیائين ماني کي ڏسي هن جي بک ويتر وڌي. هن جا هٿ تيزيءَ سان سڙيل مانيءَ ڏي وڌيا. هن هوريان ڇپن ۾ پٽڪيو،

”امان، قيديءَ. جو جيل جي مانيءَ تي. حق آهي. منهنجي لاءِ هيءَ ’حلال روزي آهي جيڪا هن ملڪ ۾ فقط اهڙي ۽ هتي ئي ملي سگهي ٿي.‘ -“

❊❊❊

# ڪپتان...

ضلعي جو ناظم دادا ڪيول رام ڏاڍو منجهيل پيو هيو. هر طرف کان ماڻهن توڙي ميڊيا ۾ شهر جي اندر نانگن جي نڪري اچڻ ۽ ماڻهن کي ڏنگڻ جون خبرون گردش ۾ هيون. رستي ويندڙ ماڻهن کي نانگ ڏنگي رهيا هئا. دوڪانن ۽ گهرن جي اندر به نانگ نڪري پئي آيا. شهر جا ماڻهو گهڻو ڊڄي ويا هئا. جن کي معاشي مجبوريون ڪونه هيون سي ته گهرن کي تالا هڻي ٻين شهرن ڏانهن لڏ پلاڻ ڪري چڪا هئا. پوليس توڙي ميونسپالٽي جا عملدار پنهنجن ڪوششن ۾ ناڪام ٿي ويا هئا. شهر جو عوام انهن تي تمام گهڻو ڏمريل هو.

شهر جي ماڻهن جن انهن نانگن کي ڏٺو هيو سي انهن جا مختلف قسم ٻڌائي رهيا هئا. ڪن پئي چيو اُهي ڪپر آهن. ڪي واسينگن جو ٻڌائي رهيا هئا. ڪن ته وري به مُهين نانگن جو به ذڪر ٿي ڪيو. مطلب ته جيترا وات اوتريون واتون. اهي سڀ ڳالهيون اهي پنهنجي نجي ڪچهرين ۾ ڪري رهيا هئا. پر ڊسٽرڪٽ گورنمينٽ جي حڪومتي اهلڪارن کي اها انفارميشن ڪونه پئي ڏنائون. ماڻهن جو خيال هو ته نانگ وير وجهندا آهن جيڪڏهن نَرُ مري پيو ته ان جي مادي مارينڊڙ يا مارائيندڙ کي ڳولهي مارينديآهي يا مادي جي مرڻ کان پوءِ نَرُ به سالن جا سال دشمن کي ڳولهيندو آهي ۽ نيٺ ڏنگ هڻي ماري سُک جو ڦوڪٽ پريندو آهي. تنهنڪري ڪو به ماڻهو انهن جي باري ۾ صحي معلومات نه پيو ڏئي. ماڻهن جي ڊسٽرڪٽ گورنمينٽ مٿان چٽي تنقيد جاري هئي ته اهي پنهنجا فرض ادا نه پيا ڪن. ڊسٽرڪٽ گورنمينٽ جا اهلڪار پاڻ به گهڻو خوف زده هئا جو ته انهن مان به ڪيترائي ڏنگجي راهِ اجل وٺي چڪا هئا.

دادا ڪيول رام جيئن ته ضلعي جو ناظم هيو سڀ ادارا هن جي ماتحت هيا، ڊسٽرڪٽ جي حدن اندر رهندڙ ماڻهن جي جان ۽ مال جي ذميواري هن مٿان هئي. ماڻهو نانگن جي ڏنگڻ ذريعي مسلسل مري رهيا هئا. عوام ۾ ڪاوڙ هئي مگر هي ڪجهه به نه پئي ڪري سگهيو. سڄي هن جي مشينري مفلوج ٿي وئي هئي. سڀ نانگن کان ڊنل هئا.

اطلاع اچي رهيا هئا ته جن به دوڪانن تي ڪير جا پريل پاٽوڙا ۽ ٿانوَ نانگن کي نه پئي مليا ته نانگ مڇرجي دوڪاندارن کي ڏنگ هڻي ماري رهيا هئا. سمجهدار ۽ وقت شناس واپاري پنهنجي دوڪانن اندر خوبصورت چٽسالي ٿيل ٿانوَ گهاٽي کير سان ڀري پيا رکن. جن مان اوچتو ظاهر ٿيندڙ نانگ کير پي خير خوشيءَ سان گم پئي ٿي ويا. ڊسٽرڪٽ گورنمينٽ ڪجهه ڪرڻ جهڙي نه رهي ته ضلعي حڪومتن جي اعليٰ اختيار ڌڻي ان جو نوٽيس ورتو.

اعليٰ اختيار ڌڻي (Chief Executive) جو ضلعي ۾ اچڻ ۽ صورتحال جو پاڻ جائزو وٺڻ ۽ آپريشن ڪرڻ جو پروگرام پهتو ته دادا ڪيول رام مٿي کي هٿ ڏئي ويهي رهيو. ضلعي جي حڪومت پنهنجي هتڪ مان ويندي محسوس ڪيائين. ماڻهن ۾ وڏي اميد ۽ آسرو پيدا ٿيو ته اعليٰ اختيار ڌڻي نوٽيس ورتو آهي هاڻي نانگ ماريا ويندا.

اعليٰ اختيار ڌڻي وڏي شان ۽ مان سان مقرر ڪيل تاريخ تي پروٽوڪول سان اچي ضلعي ۾ پهتو. شهر جي معزز ماڻهن ۽ مختلف تنظيمن کي پڻ سڏايو ويو هيو. ڪانفرنس روم ۾ ضلعي توڙي اعليٰ اختيار ڌڻي سان آيل بالا آفيسرن جي وڏي جماعت موجود هئي. واپارين جي وفد اعليٰ اختيار ڌڻيءَ کي ٻڌايو ته "هاڻي اسان بَرِ منهن ڪرڻ جهڙا ٿي ويا آهيون. نانگن اسان جون ننڊون حرام ڪري ڇڏيون آهن. ڌنڌا ٺپ ٿي ويا آهن پنهنجي ٻچن جو ڪير نانگن کي پياري پياري پاڻ فاقا ڪشين تائين وڃي پهتا آهيون."

نانگن جي قسم، رنگ ۽ نسل بابت جڏهن انهن کان اعليٰ ڌڻيءَ پڇيو ته هو جواب ڏيڻ کان لنوائي ويا ۽ چيائون، "توڙي جو اسان کي خبر آهي ته اهي ڪهڙي رنگ ۽ نسل جا نانگ آهن پر اسان انهن جي باري ۾ معلومات توهان کي ان ڪري نه ٿا ٻڌائي سگهون ته نانگ وير وجهندا آهن. جيڪڏهن نانگن خلاف ٿيندڙ آپريشن ۾ هو بچي ويا ته اسان سان وير وجهندا ۽ ماري ڇڏيندا. تنهنڪري توهان پنهنجن ماڻهن کان اها معلومات وٺو."

ميٽنگ ۾ ريپٽائيلس (Reptiles) جي حقن جون علمبردار ڪجهه تنظيمون به موجود هيون. جن جو خيال هيو ته آپريشن انهن نانگن خلاف ڪئي وڃي جيڪي ڪير جي پويان چٽا ٿي پيا آهن ۽ انهيءَ ڪارڻ ماڻهن کي ڏنگي وحشت ڦهلائي رهيا آهن. پرامن رهندڙ نانگن کي نه ڇيڙيو وڃي. چو ته اها پوءِ انهن جي نسل ڪشي ليکي ويندي. جيڪڏهن حڪومت اهڙو ظلم ۽ زيادتي سيني نانگن سان ڪندي ته انهيءَ خلاف هو احتجاج ڪندا، روڊ بلاڪ ڪندا ۽ ريپٽائيلس جي بچاءَ لاءِ عالمي حقن جي عدالت ۾ ويندا.

دادا ڪيول رام ميٽنگ ۾ موجود سيني ماڻهن ۾ منهن لٿل، پاپ مثل ماڻهو لڳي رهيو هو. ڳاڙهي ٽوپيءَ جي اندران جيئن مٿي تي ڪو وار نه هيس تيئن لڳڻ ۾ صفا ساهه نه هيس. دل ئي دل ۾ ڪجهه منتر پڙهي رهيو هو.

مختلف ڳلن ۽ اعليٰ فرنيچر سان سجايل وڏي هال اندر خوبصورت ڪرسين تي ويٺل سڀ ماڻهو نانگن سان منهن ڏيڻ لاءِ سوچ ويچار ڪري رهيا هئا. ڪافي سوچ ويچار کان پوءِ ريپٽائيلس جي حقن لاءِ جدوجهد ڪندڙ تنظيمن جي ڌمڪين کي آڏو رکندي ڪانفرنس ۾ اهو فيصلو ٿيو ته نانگن خلاف آپريشن ضلعي حڪومت ئي ڪري ۽ ان جو ڪپتان دادا ڪيول رام هجي. جيڪو ريپٽائيلس جي بچاءَ لاءِ ڪم ڪندڙ تنظيمن سان ملي انهن نانگن کي ناس ڪري جيڪي ڪير پويان چٽا ٿي پيا آهن.

اعليٰ اختيار ڌڻي پريس ڪانفرنس ڪندي عوام کي ٻڌايو ته "اسان دادا ڪيول رام کي اختيار ڏنو آهي ته هو نانگن خلاف بغير ڪنهن دٻاءَ جي آپريشن ڪري."

هڪ صحافي اعليٰ اختيار ڌڻيءَ کان پڇيو،

"سائين، دادا ڪيول رام ته اڳ به ٻوٿو ڪو نه هو ٻاريو اختيار ته هن وٽ ڀهريان به هئا."

ان جي جواب ۾ اعليٰ اختيار ڌڻيءَ فرمايو،

"هينئر اسان هن جي پٺڀرائيءَ ۾ آهيون ۽ وڌ ۾ وڌ ڪيس ان سلسلي ۾ سهولتون ڏينداسون. اسان کي اميد آهي ته هاڻي دادا ڪيول رام پنهنجا ڪارناما ڏيکاريندي نانگن کي ضرور ناس ڪندو."

اعليٰ اختيار ڌڻي واپس هليو ويو ته دادا ڪيول رام سک جو ساهه کنيو. ماڻهن جنهن اهو ٻڌو ته انهن چيو،

"دادا ڪيول رام کي اعليٰ اختيار ڌڻي ٽيڪ ڏئي ويو آهي. هاڻي هي به گهٽ نه ڪندو."

ضلعي حڪومت فوري طور تي انهن ننڍن نانگن خلاف آپريشن ڪرڻ شروع ڪيو جيڪي اڃان نئين ۽ مان ريڙهيون پائي رهيا هئا. جن کي وڏا نانگ بک لڳڻ تي پاڻ به کائيندا رهندا آهن. شهر جا ماڻهو خوش ٿي رهيا هئا ته دادا ڪيول رام ڪم شروع ڪري ڇڏيو آهي. جاڻ ٿو سڀ نانگ نيست و نابود ڪري شهر جون رونقون بحال ڪرائي.

دادا ڪيول رام! ميٽنگ ۽ آپريشن جي نگرانيءَ مان واندو ٿي رات جو دير سان مٽيا پائي، عطر ۽ سنڌور لڳائي، ڌوتي ٻڌي، تيل مکيل ترڪٽي ٽڪڻ تي اچي رنگ جي ليڪ پائي نانگ ديوتا جي مندر تي وڃي پهتو. شيشي جي تاڪن پويان هيڊن، ڳاڙهن ۽ اڇن ڳلن مٿان وڏي شيش نانگ جي مورتي پئي هئي جنهن جي اڳيان پيل سوني ڪٽوري ۾ پاڻ سان آندل ڪير وڌائين ۽ هڪ وڏو عقيدت جو سجدو ڪيائين. باادب ويهي ڪجهه منتر پڙهندو رهيو ۽ پوءِ "شيش نانگ ڪي جئه، شيش نانگ ڪي جئه" جا نعرا وڏي آواز ۾ هڻيائين، هٿ ٻڌي شيش نانگ جي مورتي اڳيان نوڙي چيائين،

"اي عظيم نانگ ديوتا، اسانجن وڏن جن تنهنجي آجيان ڪندي تو کي هتي وسايو. مان انهن جي اولاد آهيان. مان انهن جو خون آهيان جن سدائين آيلن جي آڻ پئي مڃي آهي. ڪجهه وقت اي عظيم ديوتا! مان ڏاڍو پريشان هيس ته انهيءَ خلاف ڪيئن وڃان جنهن جو مان ڀڳت آهيان پر اي منهنجا آقا، تنهنجي طاقت ۽ منهنجن مسلسل منترن ايندڙ آفت کي ٽاري ڇڏيو. سچو پوڄاري پنهنجي ڀڳوان جي مرضي ۽ منشا جي آڏو ڪيئن ايندو. تنهنجا نانگ ڀل جتان وٽين اڳ جيان ڪير پيئندا رهن. مان آپريشن ڪندڙ اهلڪارن کي اهڙا ڪارتوس ڏنا آهن جن ۾ صرف گندرف آهي ڇُرين کان خالي ڪارتوس صرف ٺڪاوَ ئي ڪندا رهنداَ پر ڪنهن کي نقصان نه ڏيندا." ۽ ڪلندي چيائين،

"مان جيڪو نانگن جي عظيم ديوتا جو هڪ سچو ڀڳتُ آهيان ۽ مختلف ڏکين دورن ۾ اهو ثابت به ڪيو آهي. تنهنڪي ذميواري ڏني وئي آهي نانگن کي مارڻ جي! ۽ ڪيو ويو آهي آپريشن جو ڪپتان." ■



# جَڙَ جنين جي جانِ ۾...



منظور ڪلهوڙو

”اڄ اصل ٿَڪَ ئي لهي پيا. مالڪ جو ڪرم ٿيو. واهه جو ٻار لٿي، رضيه.“

”شڪر آ الله سائين جو. تون ۽ دلدار محنت به ته ڪيو ٿا نه ٻنيءَ سان.“

”ها رضيه، ڀلا محنت ڪانسواءِ ڪجهه ٿيندو. اڙي چري اَبو مرهيات چوندو هو ته الله يار جي ڳوٺ ۾ اسان جا ابا ڏاڏا ڪڙمتون ڪندي مري کپي ويا. ٻنيءَ جا ٻه جريب ته ٿهيو پر ڪچو ڪوڻو به نصيب نه ٿين.“

”الله سائين جنت نصيب ڪري ابي ۽ انهن جي مائٽن کي جن هن زمين جي ڪٽت ڪٽي اسان کي پنهنجي ٻنيءَ وارو ڪيو. نه ته اسان به الله يار جي ڳوٺ ۾ ويٺا ڪڙمت ڪري پنهنجي حياتي پوري ٿيڻ جو انتظار ڪيون ها. پر شابس هجي ابي مرهيات وارن کي جن بقا شاهه جي ڌمڪين، داٻن، پٽڻُ پاراتن کي پٺي ڏئي زمين جي ڪٽت ڪٽي ڏيڪاري. اَمان مرهيات چوندي هئي ته پير بقا شاهه کي جڏهن پٺهي وارن جواب ڏنو تڏهن حڪم ڪيائين ته هن ئي وقت منهنجي ڳوٺ مان لڏيو. وري نه ڏسانءُ هن جوءِ ۾. توهان مريد نه آهيو. دشمن آهيو. نافرمان آهيو. ۽ اسان راتو واهه الله يار جو ڳوٺ ڇڏي هن جهنگ ۾ اچي لڏا لاٿا. ۽ پنهنجا مَنهَه اڏيا. پوءِ زمين مان جهنگ ڪياسين. واري ۽ مٽيءَ جا دڙا ڪڍياسين. ليون، لوا، لاهه، ڪٻڙ، ٻبر، ڪرڙ ۽ ٻوڙا پٽياسين.“

”...“

”امڙ چوندي هئي ستار، پاڻيءَ لپ لاءِ سڪي مئا هئاسين. پٺهي ڦوڙي ڪري کوهه کوٽايو. تڏهن وڃي جان ۾ جان پئي.“

”...“

”هوڏانهن بقا شاهه به سؤ ايڪڙ هٿن مان ويندي ڏسي اصل صفا دلگير ٿي پيو. روز ڌمڪيون ڏياري موڪليندو هو. پر ابي وارن مڙس ٿي منهن ڏنو. بقا شاهه ٻنيءَ جي سوداءَ ۾ مري ويو. تڏهن امان چوندي هئي اسان سک جو ساهه کنيو. ۽ پٺهي وارن ڳوٺ ٻڌي ان جو ’سُک پُور‘ نالو رکيو. اڳتي هلي ابي وارن جي ناخلف سؤٽن ابي وارن سان اجائي خان صاحب جي واٽر تي ڪٽت ڪٽي سک پور مان لڏي پنهنجي زمينن تي ’دين پوڙ‘ نالي سان ڳوٺ اڏي جدا ٿي ويهي رهيا.‘

”ٻڌئين ٿي نه رضيه؟“

رضيه اوٻاسي ڏيندي چيس، ”ها ٻڌان ٿي ستار، اڳ به تو ڪيترائي ڀيرا اها سڄي ڳالهه ڪري ٻڌائي آهي.“

”اڙي چري، ان ڳالهه ڪرڻ سان ته قرار ملندو اٿم. اها ’ڳالهه‘ منهنجي ملڪيت ۽ ميراث اٿئي.“

”چڱو ستار، مان هاڻي اُٿي لٽا پائي پيوءَ سان وڃي سمهانءِ ٿي. تون به سوپو ڪن ننڊ جو ڪر. صبح ساجهر جو تو کي شهر به وڃڻو آهي. مان به ڏاڍي ٿڪل آهيان.“

✻

ستار پاسو ورائي سوڙ کي سُوري مٿان وجهي رضيه کي ڀاڪر ۾ ڀري پوري طاقت سان زور ڏنا ته رضيه کان دانهن نڪري وئي.

”آهستي ايڏي دانهن ڪبي آ، ڪٿي دلدار وارانه جا ڳي پون.“ ستار پيار مان چيو.

”تون زور به ته ايڏا ٿو ڏئين نه، ڪائي ڪائي اصل وهڙو ٿي پيو آهين. ڪڏهن منهنجو ساهه نه ڪڍي وجهين، ڏنڊا.“ رضيه به ستار سان پيار ۾ ڪيچل ڪندي چيو.

”اڄ ٻاهر ڏاڍي ٿڌ اٿئي. ڀاري اڄ وارا وڃائي ڇڏيا آهن. ڄڻ چوي پيو اڄ نه پوان ته ڪڏهن پوان.“ ستار منهن تان سوڙ لاهي وڏو ساهه ڪڍندي چيو.

”پر ٻاهر ته چانڊوڪيءَ ڪري ڏينهن لڳو پيو آهي.“ رضيه چيو.

”ها چانڊوڪي اڄ پنهنجي جوڀن تي آهي. دعا ڪر رضيه ته اسان جي ڳوٺ کي به هن سال بجلي ملي پوي.“ اهو چوندي ستار وري رضيه سان ڀڪئين پئجي ويو.

ڪمري ۾ گهه اونداهه هئي، ٻاهر ٿيٿيهر پکيءَ جي روح مان ٿانءِ ٿانءِ جا آواز ۽ ڪمري ۾ ستار ۽ رضيه جي مٺين جي سنگيت جا جلترنگ وڄي رهيا هئا.

”ڇڏ مئا ساهه ڪڍندين ڇا؟“ رضيه ستار کان پاڻ ڇڏائيندي وڏا وڏا ٿڌا ساهه کڻڻ لڳي.

ستار به سڌو ٿي سندس اٽين اٽين وارن ۾ آڱريون ڦيرڻ لڳو.

”رضيه.“

”جي ڪيانءِ.“

”دعا ڪر هيءَ ڪچي جاءِ ڍهرائي، پڪ سري ماڙي اڏايون. دلدار منهنجو دل گهريو ڀاءُ آهي. ڪيڏو نه سلڇڻو ۽ نيڪ آهي. ابو ان جي ڏاڍي پارت ڪري ويو هو.“

”پوءِ تون به ته ان جو هميشه اولاد جيان خيال رکندو آهين. گذريل سال ڪيڏي نه ڌام ڌوم سان شادي ڪرائيس.“

”ها چري، تڏهن ته چوان ٿو ته ڀلي پڪ سري جاءِ ٺهرائي. دلدار کي ماڙيءَ تي ڪمرو ٺهرائي ڏيونس پوءِ... الله ڪندو هن سال شير بانو ٻهار ۾ پٽ ڄڻيندي.“ ستار پنهنجي حسرت ظاهر ڪندي چيو.

”الله ڪندو.“ رضيه وراڻيو.

”اڙي هيڏي ٻڌ ته.“

”ها چئو.“

”سامان ته ياد اٿئي نه؟“

”ها ها ياد آ.“

”ڀلا ٻڌاءِ ته سهي...“

”تنهنجا، ٻارن جا ڪپڙا، شيربانو ۽ دلدار جا ڪپڙا، پائوڊر، عطر، سرخي، نيل پالش ۽ سڀ.“

”۽ ٻيو.“ رضيه پڇيس.

”۽ ٻيو ڇا...؟“ ستار به ساڳئيءَ طرح ورجايو.

”وسري ويئير نه وري به؟“

”ڇا وسري ويو؟“ ستار وري پاسو ورائي پنهنجي ٽنگ رضيه جي جسم تي رکندي چيو.

”ياد آهي ڙي ياد آهي. ڀلا تنهنجو سينڊل مون کان ڪيئن وسرندو؟“

رضيه خوش ٿيندي ستار کي ڀاڪر ۾ ڀري وڏي زوردار مٿي وني تڪڙ تڪڙ ۾ کٽ تان اُٿي ڪپڙا پائي چئن سالن جي ننڍڙي پٽ پپوءَ سان کٽ تي سمهندي رڙ ڪئي،

”اي ابا اڄ ته ڏاڍو سيءُ آهي. هنڌ به صفا ٺري برف ٿي ويو آهي.“

✻

دلدار ولڻ سان گڏجي ٻه ڪوهه پنڌ ڪري ڳوٺ جي لاڙي تي گذريل ٽن ڪلاڪن کان ستار جو شدت سان انتظار پئي ڪيو. اندر ۾ آنڌ مانڌ هيس، بيقراري بت ۾ باهه لڳائي ڇڏي هيس. اُڀي پير بيٺو هو. آڙاهه جيان ٻرندڙ اکين جي نهار روڊ طرف هيس. ساڄي هٿ سان سنهڙن شهپرن کي وٽيندي هاڻي بڇان اچڻ لڳس، نه ويٺي قرار مليس نه بيٺي سڪون. ولڻ سان به هاڻي ڳالهائڻ نه پئي وڻيس. سج پوين پساهن ۾ هو. تڏهاڻي ئي ولڻ جي ڏندن مان ٽڙڪات ڪيائي ڇڏيا هئا. پر دلدار جي من ۾ ته ڪاوڙ ۽ ڪروڌ جا مچ ٻري رهيا هئا.

”ولڻ، اڄ ادو الائي ڪاڏي گم ٿي ويو؟ اُسُرَ سان شهر ويو هو. ۽ هاڻي سج ٿو لهي!!“ دلدار اڃان جملو پورو ئي نه ڪيو ته ولڻ رڙ ڪئي،

”دلدار سامهون ڏس ڊاڪسن (ڊالٽسن) پئي اچي. لڳي ٿو ادا ستاران ۾ هوندو.“

”الله ڪري ولڻ من ان ۾ هجي.“

”ڏسجاءِ دلداران ۾ ئي هوندو.“

ڊالٽسن تيزيءَ سان سک پور جي لاڙي کي ڪراس ڪندي ٿورو اڳتي وڃي بريڪ ڏني ته ستار چلي ۽ ٿيلهيون هٿن ۾ کڻي ڊالٽسن مان لهڻ لڳو ته دلدار ۽ ولڻ ڀڄي وڃي ستار وٽ پهتا.

دلدار ٿيلهي ورتس جنهن ۾ نوان ڪپڙا ۽ ٻيو سامان هو، چلي ولڻ ورتس جنهن ۾ سيڌو هو.

”خير ته آهي دلدار، ڪاڏي ويا هيؤ ولڻ؟ لاڙي تي ڇو بيٺا آهيو؟ ڪيڏي نه ٿڌ آ ۽ توهان جي لڳن تي نه اجرڪ آ نه لوئي؟ سيءُ نه پيئي سُجهيؤ ڇا؟“

ستار يڪساميءَ ۾ ڳوٺ طرف هلندي انهن کان ڪيترائي سوال ڪري ورتا. پر نه دلدار جواب ڏنس ۽ نه وري ولڻ.

”مان کي ته ٻُت تي ڪوٽ آهي، باقي لوئي جنهن کي کپي ته ان کي ڏيان.“

وري به ڪنهن جواب نه ڏنس.

”سؤٽ ولڻ ڇا ٿيو آهي. اڄ ته ڳالهائين ئي نه ٿو. وري چاچي رحموءَ سان ڪو ڦڏو ڪيو اٿئي ڇا؟“

ٻنهي مان ڪنهن به جواب نه ڏنس.

ستار بيهي رهيو. دلدار ۽ ولڻ به سامهون بيهي رهيس.

”ڇا ڳالهه آ دلدار؟ ڳالهيو چو نه ٿا؟ ڇا ٿيو آ؟ خير ته آهي نه؟“ ستار دڙڪندي چيو.

”ادا، اڄ منجهند مان ڀاڄائي کي رمضوءَ جي پٽ سائينداد سان پنهنجي گهر ڪارو منهن ڪرايندي پڪڙيو. ڪوٺيءَ کي ٻاهران ڪڙو ڏئي ڪهاڙي کڻي سؤٽ ولڻ، دوسو ۽ ديدار کي سڏ ڪرڻ ويم ته ڪارو سائينداد وٿيءَ مان هٿ ٽپائي در ڪولي ڀڄي ويو. تو واري ڪني... ڪاري کي پٺهس وڃي گهر لڪايو آهي.“

ستار جو حيرت وچان وات پٽجي ويو. اکيون ٻاهر نڪري آيس. چَپَ زبان ۽ ڳلو بنجر زمين جيان خشڪ ٿي ويس. دل ڌهل جيان وڄڻ لڳس. ڀرون اتر ڏکڻ طرف، نرڙ کي سونڊ ۽ پيرن هيٺان زمين نڪري ويس. هٿ ۾ جهليل رضيه جي سينڊل جي ٿيلهي ڪري پيس. دلدار ۽ ولڻ جيان ٿڌ جو احساس نه رهيس. آسمان مان نمودار ٿيل اونده اکين تي ڇانئجڻ لڳس، دماغ کي ڦيراٽي اچي ويس. بت بي سُتُ مخصوص ٿيڻ لڳس، اکين جي ڀنبڙين به لرزش ڪرڻ ڇڏي ڏنس. ٽڪ ٻڌي دلدار ۽ ولڻ کي تڪيندو رهجي ويو. زبان مان اکر نه پئي اڪليس، پوءِ به پنهنجي سموري طاقت يڪجا

ڪري نيٺ ڳالهايائين،

”ڇا ٿو بڪين دلدار؟ ڇريو ته نه ٿيو آهين؟“

دلدار ٿيلهي زمين تي رکي ڇڏي ته ولڻ به چلي ڪلهي تان لاهي هيٺ ڦٽي ڪئي.

”ادا، سڄي ڳوٺ ڏٺو ۽ ٻڌو. ڪارو پڇي ويو. رمضو ٻين پٽن کي به پڇائي ڇڏيو آهي. بس پاڻ اڪيلو ۽ رنون وڃي بچيون آهن.“ دلدار ڪاوڙ ۾ جواب ڏيندي چيو.

”سؤٽ ولڻ تون ٻڌاءِ دلدار ڇا ٿو چوي؟“ ستار ولڻ سان مخاطب ٿيندي چيو.

”ادا، معنيٰ تو کي منهنجي ڳالهه تي يقين نه آهي نه؟“ دلدار رڙ ڪندي شدت سان ڪاوڙجندي چيو.

”سؤٽ، دلدار سچ پيو چوي، اسان اوطاق تي ويٺا هئاسين. ڪاري کي ابي وارن به تنهنجي ڪوٺي مان نڪرندي پڇندي ڏٺو. ڪاري جي قميص، رومال، ٽوپ ۽ سينڊل به تنهنجي ڪوٺيءَ ۾ پيل آهن. سؤٽ دلدار جي مڙسي ڪري ها ته ٻنهي مان ڪنهن نه ڪنهن کي ليٽائي وجهي ها. پر هي ته اسان کي سڏڻ آيو ته جيئن ٻنهي کي گڏئي گهوٽيون. پر تو واري رن اٽڪل ڪري ڪڙو لاهي يار کي به ڀڄايو ۽ پاڻ به وڃي پيءُ جي گهر لڪي آهي.“

”...“

”ان وقت ته منهنجي دماغ ئي ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو. ڪڙو ڏئي ڪهاڙي ڳوليم ته لڀي ئي نه پئي، جڏهن ڪهاڙي لڌم ۽ توهان کي سڏيم ته ٽنيان ٻئي گولي ٿي ويا.“ دلدار جون ڳالهائيندي ناسون ڦونڊجي ويون، ڳچيءَ جون رڳون ٻاهر نڪري آيس، مٺيون ڀڪوڙيندي ڏند ڪرٽيندين چيائين، ”هل ادا تڪڙو هل ته ٻهريان رَنَ کي ليٽايون پوءِ ٽا ڪاري ۽ ڪاري جي پيءُ رمضوءَ جي خبر وٺون.“

ستار، دلدار ۽ ولڻ سامان کڻي ڳوٺ طرف تڪڙو تڪڙو هلڻ لڳا.

❊

”رستم، تون ئي ٻڌاءِ مان ڇا ڪيان ها؟ چاچو بخشڻ قرآن کڻي آيو. نياٽيون وٺي آيو. سڳو چاچو آ ته سهرو به. مامي رمضان به ساڳي ڪار ڪئي، قرآن مٿان قرآن. ميڙ مٿان ميڙ. اُهو به سڳو مامو اٿم هميشه اسان کي اولاد جيان پانيو اٿائين. ڪڏهن ٻاڙو نه ٻوليو اٿائين. ڀلا تون ئي ٻڌاءِ ان ائين چاهيو هوندو ته ان جو پٽ مون سان ايئن ڪري؟ سڀ پاڻ ۾ آهيون. هڪ رت آهيون. جي رن ايئن نه ڪري ها ته اڄ بي عزتو نه ٿيان ها.“

”بس رستم، منهنجي قسمت. مان ته تباهه برباد ٿي ويس، منهنجو گهر اجڙي ويو. ٻار ٻچا رُلي ويا. عزت نيلام ٿي وئي.“

”ياءُ به ناراض آ، سنئين منهن ڳالهائي نه ٿو. نه ڪائي ٿو نه پيئي ٿو. سمجهائي سمجهائي ٿڪو آهيانس ته ادا الله سائين جي عدالت سڀ کان وڏي آهي. اهوئي انصاف ڪندڙ آهي. ملان قادوءَ به چيس ته ڪني آگر وڏي پلي آ، هٽي ڦٽو ڪري طلاق ڏئي ڇڏينس. تڏهن به رستم، دلدار کي قرار نه آهي. ماڻهن کي چوندو ٿو وتي منهنجو ياءُ بي غيرت آهي. برادريءَ کي ڏسي بخش ڪري ڇڏيائين.“

رستم برادري به ڀلا ڇا ڪري؟ مامي رمضان کي ڳوٺ مان هميشه لاءِ لڏائي ڇڏيائون. زمين جا ٻه ٻارا جيڪي هيس اهي به چٽيءَ ۾ ورتائونس. رب ٿو ڏسي رستم اها زمين گذريل سال کان وٺي غير آباد پئي اٿئي. چٽيءَ جو داڻو به هميشه لاءِ حرام اٿئي. مامي رمضان چٽيءَ ۾ هڪ نه ٻر به سگار ڏيڻ لاءِ آزيون نيزاريون ڪيون ته سڳ وٽ پر انڪار ڪري ڇڏيو مانس.

”برادريءَ وارن جاءِ به ڍهرائي پٽ ڪري ڇڏيس، پر دلدار...“

”بس ڪر ستار، مون کي سڀ خبر آهي.“ رستم اڌ ۾ ڳالهه ڪٽيندي چيس.

”اٿ هل ته ڳوٺ هلون. گرمي ته ڏس ڪانءَ جي اک ٿي نڪري. هن ڪاڙهي ۾ تون اڃي ٻنيءَ تي ويهي ٿو رهين. ڏاهو ٿي. ستار پنهنجو خيال ڪر. ڊاڪٽرن جو چوڻ وٽ دل جو آرزو بڇڙي بيماري آ، ڪجهه پنهنجو خيال ڪر.“

”رستم، گهر ڪائڻ ٿو اچي. دل ئي نه ٿي لڳم. جڏهن نه ٻارڙن کي ڏسان ٿو ته ڪنل ڊور جيان ڦٿڪي پوان ٿو. جيئڻ تان ارواهه ئي ڪڇي ويو آهي. دل ته چوي ٿي ته جيڪڏهن زمين جاءِ ڏئي ته ان ۾ ئي گهڙي اندر هليو وڃان.“

”صبر ڪر ستار، بس لکيئي جا ليک آهن. تون ۽ مان ته بندا آهيون، ڀلا بندا ويچارا ڇا ٿا ڪري سگهن؟“

”صبر ڪيم اٿم رستم، طعنا، مهڻا، چٽرون... سهي به صبر ڪيو اٿم. پر يار منهنجا ٻچڙا رُلي ويا اٿئي. ننڍڙو پپو خارش ۾ وٺجي ويو آهي، ڪٽس ته ڇڏيس ئي ڪونه ٿي. مون کي نه جڏهن چنبڙي ٿو ۽ ٻاتن ٻولن ۾ مون سان ڳالهائي ٿو ته هيناءُ ڏندن ۾ اچي وڃي ٿو. به ٽئي دفعا مار به ڪڍي اٿمانس..،“

”اڙي ستار، معصوم کي مار؟“

”رستم، مان ڇا ڪيان. ان ماءُ کي ٿو سنڀالي جيڪا اسان سان ڪلور ڪري وئي آهي. پر هاڻي ته اصل وساري ڇڏيو اٿائينس. يوسف ۽ گڏي مون کي ڏسي هيسجي وڃن ٿا. گلن جهڙا منهنجا ٻار، ڪومائجي ويا آهن. ڪير انهن کي ڪارائي، پيئاري، ڪير انهن کي وهنجاري سنهنجاري. دلدار جي زال جيڪا پاڻ اڃان ويچاري ٻارڙي آهي. اها پنهنجي ننڍڙي پٽ جي ڪري يا منهنجي ٻارن جو، پوءِ به هوءَ ويچاري وسان ڪونه ٿي گهٽائي. پر يار ماءُ ته ماءُ آ نه؟“

”تڏهن ته ستار ورائي ورائي چوانءِ ٿو ته پنهنجو خيال ڪر، پنهنجن ٻچڙن جو خيال ڪر. مهلون مڙسن تي اينديون آهن. صدمن کي جوان ئي پي ويندا آهن. اُٿ ته هاڻي ڳوٺ هلي ڪو ٿڌي پاڻيءَ جو ڍُڪ پيئون. ڏاڍي اُڃ لڳي آهي ۽ ها ٻڌ اڳتي منجهند جو ٻنيءَ تي نه ايندو ڪر. نه گهڻو ڪم ڪر نه گهڻو سوچ. بس الله سائين تي ڇڏي ڏنو اٿئي نه، اڳتي به ان تي ڇڏي ڏي، ان کي ئي اڳتي جي پارت آ. اُٿ، اُٿ، اُٿ ته ڳوٺ هلون.“

❊

دوسو ملان قادوءَ کي بخشڻ جي گهر پئي وٺيون ويو.

”چاچا جمع، بخشوءَ ڪاريءَ کي ڏين پور پرتاٽي ڇڏيو. چپ چپات ۾ اهي ڳالهيون پئي هليون. اڄ ڪاري سڪ پور مان ڏين پورو وئي.“

”نه نه؟“

”قسم سان چاچا جمع.“

رات جو ڪچهريءَ ۾ اوطاق ۾ ويٺلن کي دوسو راز جي ڳالهه ٻڌائيندي چيو.

”ديدار مڇ کي مڇاءِ، باهه کي ڪا ڦوڪ ڏي، دونهي انڌو ڪري ڇڏيو آ. ٻاهران ته ڏس ڪيڏي نه ٿڌي هواءِ پئي اچي. اڄ ته ڪنهن چمنيءَ کي به نه ٻاريو آهي.“

پريان ڪچهريءَ ۾ ويٺل حبدار ڳالهائيندي چيو،

”چمني ٻاريون ٿا ته هوا ۾ وسامي وڃي ٿي، ٻري ٻري وٽ به سڙي وئي اٿس.“ ديدار چيو.

”هان دوسو، ڪاري ڪنهن کي پرڻائي ڏنائون؟“

”چاچا جمع، ڪاري شمسوءَ جي ڪنوار ٿي اٿئي.“

”شمسو منڊو؟“

”ها چاچا جمع، اهو شمسو منڊو شيطان.“

”ابوءِ!!“

اوطاق جي ڪنڊ ۾ پيل ڪڏ تان ڪو اٿيو. اونده ۾ ٿاٻڙجندو ٿاٻڙجندو اوطاق مان نڪري تڪڙا تڪڙا قدم کڻندو هليو ويو.

حبدار مڇ کي ڦوڪون ڏئي، ڪاٺيون سوري باهه ٻاري وڌي.

”بس ته ڪر چاچا جمع، ڪو خيال ته ڪر دوسو، ستار ويٺو هو. توهان جون ڳالهيون ٻڌي ويچارو اٿي هليو ويو.“

❊

شمسو منڊو، اهو ٻڇڙو، ڪراڙو، بدصورت، بدخواه.“

ان ويل ستار ڀانيو ته ڪنهن سندس هنياءُ مٿ ۾ ڪري ڇڏيو هجي. سيني ۾ سُورَ جي سٽ اپريس. هڪ گهڙيءَ لاءِ گهٽيءَ ۾ ٻيهجي ويو. نفرت، ڪاوڙ، ڪروڌ جسم جي شريانين ۾ ڊوڙڻ لڳس ته ساڳئي وقت ڏک، افسوس به ٿيس. اکين اڳيان رضيه جون من مهڻو چهرو ۽ شمسوءَ جو ڪريه پريو مهانڊو اُڀري آيس ته ڏين پور جا منهه ۽ لوڙها ۽ ڪڪائڻ گهرن جي خيال به ستايس. پر ڪاوڙ ڪروڌ ۽ نفرت، ڏک تي حاوي ٿي ويس. ٽُڪ ڦٽي ڪري تڪڙو تڪڙو گهر طرف هلڻ لڳو. اڪيچار خيال ذهن ۾ ڊوڙڻ لڳس. رضيه سان گذاريل پل، خوشيون، مرڪون، ٻارن جا ناز نخرا، انگل، رضيه جا پيار پريا رساما.

اکيون آليون ٿي ويس. اُيا اُيا ساهه ناسن مان نيسارا اٿي وهڻ لڳس. سيني جي سور ۾ شدت محسوس ڪيائين. گهر ۾ داخل ٿيو ته گُگهُه اونداهه لڳو پيو هو. ڪمري جو دروازو کولي، اندازي تي هلندي پنهنجي کٽ تي اچي ويٺو. جُتي لاهي، سوڙ پري ڪري سڌو ٿي سمهڻ لڳو ته جسم ننڍڙي پٽ پپوءَ سان وڃي ٽڪرايس. جيڪو سندس کٽ تي ئي سُتو پيو هو. هم نه ڪيائين تم هڪدم کڻي پپوءَ کي ڪاوڙ مان چار پنج چماٽون وهائي ڪڍيائين.

”تون وري منهنجي کٽ تي سُتو آهين؟“ ستار رڙ ڪندي چيو.

ڪوٺيءَ ۾ ڪيڪرات پئجي ويا. پپوءَ سميت يوسف ۽ گڏي هيسجي ويا. اهو ڪو پهريون دفعو نه هو جو ستار پنهنجي ڪاوڙ ٻارن مان نه ڪڍي هجي. پر هاڻي اهو روز جو معمول بڻجي ويو هو.

”اٿ وڃ وڃي پنهنجي کٽ تي سمهه.“ ستار نفرت ڀرئي لهجي ۾ ڳالهائيندي چيو. پپو سڏ ڪن ۾ پئجي ويو. ڊپ وچان پيشاب وهي ويس.

”ابا، ما نه اٿندش. ما کي بڙُ ٿئي ٿو. ما کي باڪل پاءِ. ماتوشان شمهندش.“

ڪوٺيءَ ۾ هاڻي پپوءَ جا سڏڪا نه هئا پر يوسف ۽ گُڏي جا به پار هئا.

”ابا تون مانجو ابو به آهين. امان به آهين. ما توشان نه شمهان ته ڪنهن شان شمهان. ما کي ابا نه مال. ما کي شول ٿئي ٿو. مانجي خالش ما رلت وهي ٿو. ابا ما کي نه مال...“

پپوءَ جي ڳالهائڻ ۽ روئڻ ستار کي پڇرائي وڌو. هڪدم کڻي ڀاڪر ۾ ڀريائينس. ستار جي اکين جا ٻند ڀڄي پيا. پاڻ به ڊِنڊ ڪرڻ ۾ پئجي ويو، ته يوسف ۽ گُڏي اچي چنبڙيس. سيني کي ڀاڪر ۾ ڀري مِٺيون ڏيڻ لڳو.

ڀائنيائي ته اڄ سيني جو هنياءُ ڦاٽي پوندو. هوش سنڀالي چيائين، ”توهان منهنجي جان آهيو، جگر آهيو. پپوءَ ۾ ته منهنجو ساهه آهي.“

وري سيني کي مٺيون ڏيڻ لڳو.

پپوءَ سڏ ڪندي سڏ ڪندي ڳچيءَ ۾ زوردار ڀاڪر پاتس ته هڪدم ڇرڪندي چيائين،

”اڙي پپو، تو کي ته ڏاڍو بُخار آهي.“

پپوءَ کي کٽ تي سمهاري هڪدم اُٺي بتي ٻاريائين. ۽ دوا کڻي پپوءَ کي پياريائين.

”ابا، ما کي نه مالجاءِ، ما توشان شمهندو شانءِ.“

”ها منهنجا جگر، جان تون هميشه مون سان گڏ سمهجاءِ. رڳو تون نه پر اڄ يوسف ۽ گُڏي به اسان سان گڏ سمهندا.“

اهو چوندي پپوءَ کي سيني سان لائي ڇڏيائين. ستار

جي اندر ۾ وڌ پئجي ويا. پاڻ کي پٽڻ لڳو، پپوءَ جو معصوم چهرو، جسم تي خارش جا نشان، جان ۾ بخار ته اجان وڏيڪ تڙپائي وڌس. اکين مان نير وهندا رهيس ته پشيمانيءَ مان اف، اف به ڪندو رهيو.

”هاڻي ٻارڙن کي ڪڏهن به نه ماريندس. پلا انهن جو ڪهڙو ڏوهه؟ پپو ته صفا هيسجي ويو آهي. ڪڏهن هنيانءُ نه ڦاٽي پويس. ڪيڏو نه لوڙيو اٿائين سال ڪان وٺي. اهو ظالم بخار ۽ خارش نه ٿي ڇڏيس. سياڻي شهر ڊاڪٽر ڏي وٺي ويندو مانس. يوسف ۽ گڏي به ڪيڏو نه ڳري ويا آهن. منهنجا رب مون کي معاف ڪر، مان هن معصومن کي رنجايو آهي.“

سوڙ سوري ٿاهي سيني جي مٿان وڏائين ۽ پپوءَ کي جهوليءَ ۾ سمهاري ڇڏيائين.

❊

”شمسو ڇڏ ابا، ڏاهو ٿي. چوڪري کي ماري نه وجهين. ڪو اولو سولو ڏڪ نه لڳي پويس؟“ سندس پڦيءَ چيو.

”پڦي، تون پري ٿي. اڄ هن کي پورو ڪندس.“ شمسو رضيه کي لٺيون هٽندي، گٿ وهائيندي، ڪراڙي انور کي پوئتي ڌڪي رهيو هو. رضيه اُپَ ڦاڙ رڙيون ڪندي رهي، ويڙهي جون زائفون سڄو لقاءُ ڏسي رهيون هيون.

شمسو رضيه کي ماري ماري ساٺو ٿي پيو. لٺيون، لتون، مڪون، چنمبا، ٺڪون ۽ هيڏانهن رضيه جون دانهن مٿان دانهون.

”ابا ڏاهو ٿي. ٻيلي مڙي وڃ. ڇڏ ڇوڪري کي.“

”پري ٿي تون پڦي، ته اڄ امان بخشوءَ ڪنجر جون به ٻاهيون ڪيان، ڪاري رن ذات، ٽيرنهن تالي، رڳو اٿس مِڪر. جڏهن به گهر اچ ته رڳو سوڳ اٿس. ماتم اٿس، ڄڻ منهنجي گهر ۾ ڪو مري ويو آ؟ سمجهائينس پڦي. ڇڏيانس ٿو، ٻئي دفعي نه ماني پچائڻ ۾ دير ڪيائين ۽ گهر ۾ منجو اونڌو ڪيائين ته اُتي ئي قبر ڪٽي پوري ڇڏيندو مانس. ٻڌائينس پڦي ته مان ڪنجر ستارو ناهيان. مان شمسو آهيان سمسو.“

شمسو لٺ ڦٽي ڪري، گٿ وهائيندي، رڙيون ڪندي ٻاهر هليو ويو. روئيندي روئيندي رضيه جون اکيون ڳاڙهيون ۽ سُڄي ويون. وار وڪريل، ڏندن ۾ ڇپن مان وهندڙ رت، لٺين لڳڻ ڪري سنڌ سنڌ سور ڪري رهيو هوس. لٺين جي نشانن جسم تي نيرا نير وجهي ڇڏيا هيس. هنڌ هنڌ تي ڊبڙ پئجي ويس. گهر جي منهه جي پٽ تي ڪري پئي هئي. نيڻن مان نير نيسارا ٿي وهي رهيا هيس. نه سڏڪو هيس نه ڪا سسڪي هيس. بس ڳوڙهن جي برسات هيس.

شمسوءَ سان پرڻي چار مهينا ٿيا هيس. ويهن دفعن ڪان وڏيڪ بنا ڪنهن ڏوهه ۽ سبب جي مارون ڪاڌيون هئائين. لٺيون، گاريون، ٺڪون، ٻُجا، ڪاري جا طعنا مهٽا. شمسوءَ جي واتان ڏينهن رات ٻڌندي رهندي هئي.

ڪراڙي انور رضيه کي پائيندي هئي. انور کي ڏيءُ نه هئي ان ڪري رضيه کي دل ئي دل ۾ ڌيءُ جو درجو ڏئي ڇڏيو هئائين. پران سان اظهار نه ڪيو هئائين. پر اول گهول ويندي هيس. اڄ منجهند ڪان وٺي شام تائين انور گڏ هيس. شمسوءَ جي مار ڪان پوءِ وهنجاري سهنجاري. ڪپڙا مٽرائي، زوري مانيءَ جا به گرهه ڪارايا هئائينس ۽ وارن کي ڪنگي به ڪئي هئائنس.

ايترن مهينن ۾ پهريون دفعو رضيه ڪراڙي انور سان دل کولي ڳالهائي پنهنجي ڪاري ٽيڻ وارو قصو به ٻڌايو هئائينس.

”پڦي مان اهڙي نه هيس، ستار مون کي ساهه ڪان به وڏيڪ پيارو هو. هو رڳو منهنجو مڙس نه پر محبوب هو. الله ٿو ڏسي پڦي پاڻ کي ڏکيو سکيو رکي مان کي سدائين سکيو رکيائين.“

”رب پاڙ پٽي ان سائينداد دادو جون، ان جون نظرون سالن ڪان وٺي مون تي ڪتل هيون. سدائين پيو تنگ ڪندو هو، گهڻائي دفعا بي عزتو ڪيو مانس، پر منهنجي پيڇو نه ڇڏيائين. الائي ڇو آهسي آهستي ان لاءِ ڪجهه ڪو نٽري ٿي پيس. نيٺ هڪ ڏينهن ستار کي شهر ويندي ڏسي ڪوٺيءَ اندر هليو آيو. منهنجو ته ساهه ئي نڪري ويو. ياڪر ۾ پري چميون ڏيڻ لڳو. مان هڪي ٻڪي ٿي ويس، سمجهه ۾ ئي ڪجهه نه پئي آيو. گهڻي ئي ڇڏ ڇڏا ڪيم. پر مڙيو ئي نه ايتري ۾ الائي ڪٿان دلدارا اچي نڪتو، پو ته پڦي...“

اکين مان وري ڳوڙها وهي هليس، ماضيءَ دل مان درد جون دانهون ڪيرائي ڇڏيس. سڏ ڪا به هيس ته سسڪيون به هيس.

”پڦي ستار جا ڪيتا ويٺي لوڙيان، منهنجو آباد ۽ جنت جهڙو گهر اجڙي ويو. منهنجا ٻچڙا. پڦي منهنجو پپو ته صفا نندروءَ آهي. يوسف ۽ گڏيءَ لاءِ به ساهه سڪيم ٿو.“

”پڦي نه پيءُ اچي نه پائر نه پينرون، ان ڪان پلو هو ته ماري ڇڏين ها. ان جيئڻ ڪان ته موت پلو آهي، پڦي.“

”امڙ اچن به ته ڪنهن جي آسري تي اچن. هي ڦهاري شمسو انهن کي پلا در تي ڇڏيندو. اهو ته امڙان ظلهيءَ تنهنجي مالڪن کي ٻولائي چيو هو ته نه تون سڪ پور ويندي ۽ نه هو دين پور ايندا. وري جو امڙ وڏن ڪان سؤٽاڻ جاپاڻ ۾ جهيڙا هئا هي مئو مندو اهي ڪسرون به تو مان پيو ڪدي.“

”...“

”مان تو کي ڇا ٻڌايان امڙ، توتي ته ڏکن جا پهاڙ ڪريا آهن. هڪ ڏکي ٻيو ڏکيءَ کي ڏک گهڻا- امڙ تنهنجو پپوا ڳين آچر تي مدي جي تپ ۽ چمڙيءَ جي بيماريءَ ۾ گذاري ويو.“

منهه ۾ اُپ ڏاريندڙ دانهن ٿي جيڪا آسمان کي به چيريون وئي. رضيه جا هٿ وري پنهنجن وارن ۾ هئا ۽ چنبا منهن ۾ هئا. اوچتو شمسو اندر آيو ۽ رضيه کي لٺين سان ڌاهي رکيائين.

”هل ڪراڙي نڪر، پير ڊاهه، نيڪر ڪر. پنهنجو رستو وٺ. هيءُ موچڙن سان ٻڌل آهي.“

انور کي شمسو منهه مان ڪدي رِضيه کي ائين ڪٽڻ لڳو جيئن اٽ پٽڻ تي ڪٽبو آهي. ڪُٽي ڪُٽي دهل ٻٽائي ڇڏيائينس. شمسوءَ جي گارين جي ڳئي ڳوٺ وارن پئي ٻڌي ۽ رضيه جون دانهون عرش واري پئي ٻڌيون.

❊

”ادا، تو کي ڪيترا پيرا جهليو اٿم ته ڪم نه ڪر. تون چو ٿو ٻنيءَ تي اچين. ڊاڪٽر به ڪم ڪان جهليو اٿئي. دل جو مرض آ، الله خير ڪري.“ دلدار ستار کي سمجهائيندي چيو.

”دلدار پاڻيءَ جو ڍُڪ پيئار. جلدي ڪر. ساهه مُٺ ۾ اچي ويو آهي.“

”حاضر ادا.“

”دلدار ستار کي پائي پيئاري، ٻير جي وڻ سان ٽيڪ ڏياري ويهاريو ۽ زور ڏيڻ لڳس.

”ادا فرحت ته اٿئي نه؟“

”ٺيڪ آهيان دلدار.“

”سياڻي هل ته وري شهر ڊاڪٽر ڏي هلون. تڪليفن جو ٻڌائي دوا وٺينس ته ڪو فرق پوئي. هاڻي ته تو کي ڏاڍو جلدي جلدي سور پوي ٿو.“

”ها سياڻي هلنداسين. دوائون به ختم ٿي ويون آهن. اها ڦڪي ٽڪي به ختم ٿي وئي آهي. اُها نه جڏهن ڪائيندو هوس ته ڏاڍي فرحت ٿيندي هئي. نه دل جي مونجهه ٿيندي هئي نه سستي ٿيندي هئي.“

”ٻڌ دلدار، سياڻي يوسف ۽ گُڏي کي پاڻ سان وٺي هلنداسين. شهر به گهمي ايندا، شيون شغليون به وٺندا. منهنجي دل ٿي چوي انهن سان گڏجي ڦوٽون به ڪڍرايان. يار پپو به هليو ويو دلدار ان جو به مون سان ڪو ڦوٽون ڪونهي. يوسف ۽ گُڏيءَ جو ته مون سان ڦوٽون هجي. الائي ڇا حياتيءَ تي پروسو.“

”ادا، الله سائين تو کي منهنجي به عمر ڏي. اهڙيون ڳالهيون نه ڪر. الله ڪان سواءِ ۽ تو ڪان سواءِ پلا اسان جو ٻيو ڪير آهي.“ دلدار جون اکيون ڳوڙهن سان پرجي آيون، آواز ڳرو ٿي پيس. پر پاڻ تي ضبط ڪري ڳوڙهن کي پي ويو.

”دلدار، او دلدار. ستار...“

سامهون ٻنيءَ ۾ پريل پڄندو پئي آيو. سهڪندي سهڪندي چيائين،

”وارو ڪريو، جلدي ڪريو، هلو، يوسف ۽ گُڏي راند ڪندين مسجد واري کوهه ۾ ڪري پيا آهن. کوهه تي ترڪڻ ۽ گيچڻ هئي پير ترڪي وين ڪيڏندي ڪيڏندي ڪري پيا. ڳوٺ وارا رسا ٻڌي کوهه ۾ لٿا آهن.“

ڳالهه ٻڌڻ سان ئي ڄڻ ستار تي وِڄ ڪري پئي اکيون ڏرا ڏئي ويس، چپ ڪاراڻجي ويس. ساهه سُڪي ويس. کٻو هٿ سيني جي کٻي پاسي تي رکي وڏي دانهن ڪيائين،

”منهنجا ابا يوسف...“

وڻ کي ٽيڪ ڏئي ويٺل ستار زمين تي ڪري پيو. دلدار ڪنڌ کڻي جهوليءَ ۾ رکيس. اکيون ٻوٽجي ويس. دلدار دانهون ڪندي چوڻ لڳس،

”ادا، اکيون ته کول، ڳالهاءِ ته سهي، يوسف ۽ گُڏي ٺيڪ آهن.“ پريل ستار جي پيرن ۾ ويهي پيرن جي ترين کي مهٽڻ لڳس. دلدار ڏارو قطار روئڻ لڳو.

”ادا اکيون ته کول.“

دلدار جي دانهن تي ستار اکيون پٽي ٻئي شهد آڱريون مٿي کڻي آسمان ڏانهن نهاريندي سُور جي دانهن ڪيائين. کٻو هٿ سيني ۾ کُپي ويس. چڙهيون هڻڻ لڳو. پريل پيرن مان هٿ ڪڍيس. وات مان گٿ وهي هليس. نڪ مان سيٽيءَ جهڙو هلڪو آواز نڪتس. اکيون وري ٻوٽجي ويس ۽ ڪنڌ دلدار جي جهولي ۾ لڙي پيس.

دلدار جي دانهن به هيءَ ته آهه به هئي جيڪا ڳوٺ وارن ۽ عرش واري گڏو گڏ ٻڌي.

❊

سڪ پور مان ٽئي جنازا ستار، يوسف ۽ گُڏيءَ جا راهي ٿيا. سڪ پور ۽ دين پور وارن جو مقام مٿاهين تي دين پور وارن جي ويجهو هو. سڄو ڳوٺ پوڙهن، ٻڪن ۽ ٻارن سميت جنازن سان گڏ هلندي هلندي اچي مقام پيڙا ٿيا. سيني جي سانير ۾ ۽ سڪ پور جي تاريخ ۾ اهو وڏي ۾ وڏو حادثو هو. هڪ ئي ڏينهن هڪ ئي گهر مان ٽئي جنازا.

دين پور وارا به مقام تي پهتا ۽ دين پور جي سيني گهرن اها خبر جهنگ جي باهه جيان پکڙجي وئي سواءِ شمسو جي گهرجي. نه ويو ته شمسو مقام تي نه ويو. شمسو ڪٽ تي ويهائي کي ٽيڪ ڏيون حقو پي رهيو هو. ڪراڙي انور سمجهيو ته شمسوءَ رضيه کي ٻڌايو هوندو. ان ڪري منهه ۾ داخل ٿيندي ئي ڪراڙي انور ڍنڍ ڪرون ڏيندي وڏو پار ڪڍيو. رضيه هڪي ٻڪي ٿي وڃي چنبڙيس.

”ڇا ٿيو پڦي؟“

”امڙ قهر ٿي ويو. ظلم ٿيو. تنهنجو يوسف ۽ گُڏي کوهه ۾ ڪري ٻڏي ويا. اهو صدمو ستار برداشت ڪري نسگهيو دل ڦاٽي پيس. اڄ ٽنهي جا جنازا کڻي مقام تي آيا آهن.“

”ڇا ٿي چئين پڦي؟“ رضيه دانهن ڪندي ڪري ۽ ڏندڙجي وئي. شمسو حقو ڦٽي ڪري لٺ کڻي اٿيو.

”ٽيرنهن تالي وري مڪر ڪري ڪِرين ٿي.“ چوندي رضيه جي چيلهه ۾ لٺ وهائي ڪڍيائين.

ڪراڙي انور لٺ ۾ هٿ وجهي آڏو ٿي بيٺس.

”بس شمسو شيطان مندا، هڪ لفظ به وڌيڪ نه ڪڇجاءِ، الله جي غضب کان ڊڄ.“

دين پور جون زائفون رضيه جي مٿان ٽولي ٿاهي بيهي رهيون. شمسو لٺ هٿ ۾ ڪنيون منڊڪائيندو منڊڪائيندو ٻاهر نڪري ويو. ■

# ساڳي ڪار...



عزيز ڪينجهرائي

نور الله ڪٽڪ رنگو، قداور ۽ سائڙيون اکيون، منهن تي ڪڪڙيون مُڇون نڪري آيس ته مولوي بسم الله توحيدي جو نور نظر ٿي پيو. هُن سندس ذهن ۽ قلب مان انساني ڪمزورين واري ساري بدعت ڀڃائي ڇڏي. مولوي توحيدي کان شيخ الحديث علامه رحمت الله طوفاني ۽ ٻين سيني عالم سڳورن جو هن من موهي وڌو هو. مدرسه دعوت الجهاد مان فارغ التحصيل ٿيڻ تائين گهر ڏانهن لوٽو به ڪونه هنيائين. هاڻ نڪري آيا هئس شاهين وارا ڪنپ ۽ اُڏرڻ لڳو هو آسمان تي. هي هاڻ طالب العلم مان ٿي ويو هو 'طالبان'.

ٻَڪر، دنبي ۽ ڍڳي جي ڳچيءَ تان ڪاتي ڦيرائڻ ڪانپوءِ لڳو هو بدعتين کي ٻَڪر وانگر ڪُهڻ. انهن کي ڪُهي پوءِ انگرا ڏار ڪري، ايندي هيس اندر کي آٿت. مولوي ٿيڻ ڪانپوءِ نورالله بابر وريو هو اباڻي اَجهي وادي بُنير ۾. وهندڙ ندي جنهن جي پاڻي ۾ چمڪندڙ سونا ذرڙا، نظر نهار جي آخري حد تائين پوست جا لُڏندڙ ساوا، ساوا سَلا، اکروٽ، چيل، دنهيال، چلغوزو، بيد مشڪ ۽ پاپلر جا وڏا، وڏا درخت. جنت نما بُنير جي، سڀني سونهن هن کي لڳو هو شيطاني وسوسو. جهاد جي پنج ڪلياڻ تي سوار توحيد پرست مولوي نورالله بابر جڏهن شادي ڪئي ته، شيطاني وسوسا ويا هئس ويڙهي. زال جون فرمائشون، سهرن جا ميهڻا، اٺهوند جي عذابن هيٺ سور سَهندي هن جي ذهن شاهدي ڏني، 'پيٽ' دنيا جي سڀ کان وڏي بدعت آهي. تحقيق ايمان وارن جو سڀ کان وڏو دشمن شيطان آهي.

اهو پليد هن جي اندر ۾ ڪانٽ هٽي نه رڳو داخل ٿيو. پر ديرو ڄمائي ويهي رهيو. ائين هي اباڻي ڪِرت پوست جي ڪيتيءَ کي لڳي ويو.

❊

ڏسي بي نمازي کي لِڪائي منهن ڪُتو پنهنجو
اوهانکي پڻ پنهنجو منهن لڪائڻ گهرجي
چوي ٿو سوئر، مولا ڪيئي مونکي سوئر
بچائي بي نمازي کان اهو ٿورو مڃڻ گهرجي.
ميان جي، موسي ساهه پٽڻ لاءِ پڙهي هُئي صلوات
پوءِ هيٺ ويهي لڳو هو خطبي جا پنا ورائڻ.
لٺ جي ٽيڪ تي اُٿي بيهي وري لڳو هو خطبو پڙهڻ
جيئي اسان جو شاهه شالا،
ڪيو مولا ن بخت جنهن جو بالا،
نئون نائب محمد ڄام جو
سچو خادم سچي اسلام جو.
نماز، الحمد، قبئي اعليٰ ربڪماته ڪذبان
سجدا، لوٽا، سلام، پوءِ هُئي حسبي ربي، جل الله،
مير محمد ﷺ، معافي قلبي غير الله لاالله اللا...
نماز پوري ٿي ته، 'ڪريم ڪه بخشا برحال ما.'

ڊگها، ڊگها فارسي شعر ٻن ٻڪن ڪانپوءِ 'الله‌هو آمين' ٿيون ٻڪ ڇا هو. ڳوٺ سڪيلڏو ٻجيو کان سنڌ، هنڌ ۽ سڄيءَ دنيا لاءِ هيون دعائون. وري جي حجري جو در کليو ته نقش سليماني، مجمع الفوائد، سچي ڪيسر، مشڪ ڪاري مَس ۽ حقِ شرعا جا تعويذ. سفيد ڪُڪڙ، ٻه ڏندو ڇيلو، حلواڻ جا ٻه وال، وري جي ڏوڪڙ سرس مليا ته حق شرعا وارو ليڪو ويندو هو ڊهي. تعويذ واري ڪرامت حُورن کان وجي نڪرندي هئي غلمانن تائين.

ميان جي موسيٰ واري شاهد آگر سندس اڇي ڪاري سونهاري ۾ ائين پيئي هلندي هُئي جهڙو شملا پُلاءُ ۾ ڪاني ڦيرائي رِهيو هجي. ٻيا هُئا ختما، يارهيون، اوليائين تي ڪُنيون، مرحومن جي ڇوڪاري لاءِ صندوقون. ميان جي موسو، صالح ٻانگو، مسجد جو خدمتگار چاچو قاسم بجير ۽ ٻيا جماعتي اوڳرايون ڏييو يا ٿا ڏيون ڪَندا هئا.

❊

هيل مَدَن پير جي ميلي ۾ به ڏاڍي رَش هئي. ڏاندن جي گوءِ، ملاکڙو، موت جي کوهه وارو سرڪس سومهڻي نماز ڪانپوءِ شروع ٿيو هو. سوڍو فقير ڀيل. ڍودل چڙهيو ٿي جنگ تي وڻن ڇڏيو ٿي واءُ. مولودي مگرار فقير ۽ جسڪاٽي اصل واهه واهه ٿي ويئي. ڳوٺ سڪيلڏو بجير ڪراچي لڳو پيو هو. مسجد، مندر، ٻانگون، ٿليون، شاديون، غميون، مڙهه، مقام، تڙ، وڙ، دين ۽ ڌرم سڀ هُئا ڪچ. هِتي دين ۽ دنيا ٻئي پاءُ پيڻ هُئا. دنيا وڏي هئي سو دين کي ٻانهن ۾ جهليو پيئي هلائيندي هئي. ڪو حج تان وريو يا هنگلاج کان سيني جي دعوت ڪندو هو. سيٺ جڳديش هَڏي پت تي سڄو ڳوٺ هوندو هو ڪَٺي.

ڦندبر کي سير وجهندو هو چاچو قاسم بجير. پوءِ پهچندا هئا پار ڪريا ڪري ڇڏيندا هئا، گوشت جا ڍير. ميان جي موشيا ۽ آسومل ٻاوي کي به ٿال پت جا سڀ کان پهرين روانا ٿيا. پوءِ هيءُ خلق خدا. پر هوندي مان ڇا ڪائبو؟ ساڳئي گهر ۾ محمد ڄام ته وري رام، رام وارا هئا وڇايل. رت جا رشتا. رات جو مَچ پيو دڪندو هو. مومل راڻي جو قصو، نڙ بيت، ڳجهارت، ڇَلڙو همرچو ڪا ڇني يا شادي ٿي ته گيت، ڳاچ، راسوڙا وري جهمر.

**پوڙها ٻوڙا پاسي، ٿيو مائي مليرو پٽي!!**

سال جا سيءَ شروع ٿيا ته ڪونجن جون قطارون زيارت لاءِ ورنديون هيون. سنڌ سڳوريءَ ڏانهن سڪيلڏو بجير جي مٿان ٻي ڦيري تي ٻارن کي ٿي ايندو هو رونشو، سَڏ، هو ڪريا ۽ ڪونجن جو ڪٽڪڻ لڳندو هو ته هڪٻئي سان ڪچهري ڪري رهيا آهن. سهائين راتين ۾ ڇَڪور پيا ڦڙ ڪندا هُئا. صالح ٻانگي واري ٻچي ڏاڙهي، اونترا ڇورا، چرچا ۽ ٻوڳ ڪل ۽ خوشي سان نندب جي حوالي ٿيندو هو ڳوٺ سِڪيلدو بجير.

❊

هوا جي جهوٽي تي ٻُڏندڙ ٻوٽن مان ڪونئر جيان وهي نڪرندڙ آفيم سج جي روشني تي هيري وانگر لڳي هئي جهرڪڻ. چنڊ جي روشني جهڙو نور مولوي نور الله بابر لاءِ ڪوڙ ساريون خوشيون ڪٺي آيو هو.

بنگلو، ڪار، دولت جا انبار.

وڏيون وڏيون دعوتون، ڪاروباري، ماڻهن، يارن دوستن جا ڪَٽڪَ، سردارن جي ڪرم واري نظر. ائين هي ٿيو ويو هو 'وڏو خان.'

وادي بُنير جي هيرون جي ڪاروبار تي هن جي 'هڪ هٽي' ٿي ته توحيد ۽ بدعت واري ويڙهه بدلجي ويئي هئي هڪ هٽي ۽ اُڀرندڙ ڪاروبارين ۾ لفظن وارو گوڙ جڏهن ڪليشن جي برسڻ واري گهمسان تائين پهتو ته وڏو خان مولوي نورالله بابر ڪاروبار ۾ رنڊڪون وجهندڙن کي ڪُهي لڳو هو هنن جا انگرا، انگرا ڏار ڪرڻ. سونهن ۽ سُرهاڻ واري وادي بُنير وڃي ويئي هئي، گولين جي گجگوڙ ۽ بارود جي بُوءِ ۾.

خلق خدا جو ساهه اچي ويو هو مُٺ ۾. ڪاروباري ٽولا ٿي پيا هُئا. لشڪر بابري، لشڪر بُنيري ۽ لشڪر اولسي. جي ٿري، راڪيٽ لانچر، هينڊ گرنيڊ ۽ مشين گن. بُنير ٿي پيو ڪراچي بس. فرق اهو هو ته هتي رتورت ٿيل لاش ٻورين ۾ بند نه پر رستن تي پڪڙيل هئا. جن تي ڳجهون ۽ سرٽيون لامارا ڏيئي رهيون هيون. لشڪر بابري ڪو ڇيڇرو هو جيڪو هٿيار بندن سان گڏ وات ويندڙ مخلوق کي به ڪمند جيان پيڙهي رهيو هو. توحيد جي پوترِ چشمن مان ڏوتل اَڇا اُجرا هٿ ماڻهن کي ڪُهي، ڪُهي ڪُٺ ٿي پيا ته چؤطرف بندوقون ويون هيس ويڙهي. پاڻي سِر تان وري ويو ته مولوي نورالله بابر پوست جي ساوڻ، ساون ڪيتن ۾ ائين گم ٿي ويو جهڙو ڪر زمين ڳيهي وئي هيس يا ڪٽي ورتو هئس آسمان.

اُتر پاسي واري، ڪنوڻ، بس مينهن آيو ڪپي، بابل هيءَ ڪنوڻ نٿي لڳي ڪو، ڪو ڪٽ آهي!! چاچو قاسم لڳو هو سيني کي سمجهائڻ، اوندهه انڌوڪار چؤطرف هُئي گجگوڙ.

سڄي ڳوٺ اک به ڪونه پوري. پوءِ جڏهن گولين جي مينهن ڪانپوءِ بارود جي بوءِ آئي ته وسڻ جا ويس ٿي ويا ماتمي. سڄيءَ سنڌ کي ڪا شامت ويئي هئي ويڙهي. حاڪم سڳوري آنگوٺي ۽ شاهد آگر سان ڪمزور اک کي زوري ڪولي خطاب ڪيو ته رنگ ئي هُئا اور.

**امير المومنين آهي..**

**امام مهدي آهي...**

**دجال آهي!!**

جيترا هُئا وات اوتريون هيون ڳالهيون.

بارود جي ڍونگر، گولين جي گوڙ ڪانپوءِ بندوقون ٻَهي، ٻهي ليٽي پيون ته، سونهارين سڳورين واري سرڪار ۽ ڪَلمن جي جَهڪور.

دين دلين جو معاملو نه پر ٿي پيو هو سرڪاري. تڏهن ميان جي موسي وارو خانگي دين لڳو هو گُهٽون هٽڻ، نون عالمن سڳورن جو ريلو سڄي سنڌ کي ويو

هو ويڙهي. ميانجي موسو، صالح ٻانگو، چاچو قاسم ٻجير، جمعون مولودين، نورو واڍو، احمد هوٽل وارو ۽ لڪانو پڪوڙائي لڳا هُئا لڪي ڪچهريون ڪرڻ.

ڪا وري هُئي لُڪ جنهن سڪيلدي ٻجير واري دين کي ساڙي رَک ڪري ڇڏيو هو.

قاري، حافظ، مُفتي، واعظ، فتوائون ۽ اعليٰ حضرت اميرالمومنين واري تقرير اُهي. نئين دين جا هُئا ڦيڙا. ولايتي مُلن جا ڌڻ، نيون ڳالهيون، نوان مناظرا.

بندوقن جي ڀهري واري شريعت، سونهارين سڳورين واري سرڪار. ۽ ٻگهڙ جي روڙ جهڙي اميرالمومنين جي تقرير.

پوءِ سڪيلڊو ٻجير ۾ ماڻهو سڄ ٻيني ئي سُمهي پوندا هئا. انهن ڏينهن ۾ هتي پهتو هو هڪ مولوي سڳورو. پناٽڪي لونگي، ٻُڪين تي سلوار، مُٺ جيتري ڏاڙهي، مُڇن واري بدعت کان پاڪ چهرو. قرآن، حديث ۽ وعظ لفظن کي لڳو هو مروڙي سروڙي پيش ڪرڻ.

نماز جي پنجني وقتن تي هو وعظ. خطبو فقط عربي. پيش امام، ٻانگو ۽ جماعتي بس ڪا پلٽڻ هُئي ڪمان، آرڊر، ڪاشن ۽ مُوو!!

❊

”مولبي سڳورا پُٽ جو نڪاح پڙهائڻو آهي.“ مولوي ڪنڌ مٿي ڪٽي لڳو هو سوچڻ.

”سائين هي ڪارو پيل پنهنجي ڳوٺ جو پَٽيل آهي.“ چاچو قاسم تعارف ڪانپوءِ مولويءَ کي لڳو هو راضي ڪرڻ.

”پر قاسم هي ته غير آهي.“

مولوي جي لفظ ’غير‘ تي چاچو قاسم ۽ پٽيل ڪارو پيل ٻئي پئجي ويا ٿُبيءَ ۾.

”مولوي سڳورا، پٽيل ڪارو غير نه پر پيڙهياتو سنڌي آهي. اسان جا مڙهه مقام گڏ آهن.“

”قاسم آئون دين جي حوالي سان ٿو چوان.“

مولوي اڪيون ڦاڙي لڳو هو قاسم ۾ چتائي ڏسڻ.

”مولوي سائين، ٻوڙو ڪونه آهيان سُٽا پيو ۽ سمجهان به ٿو. جڳن کان هتي جي پيلن، ڪولهين ۽ ميگهواڙن جو نڪاح هتي جا مولوي پڙهندا آيا آهن.“

صالح ٻانگي اڃي سلام ورايو ته چاچي قاسم ٿورو سِرڪي ڏني هيس ويهڻ لاءِ جاءِ.

صالح ٻانگي پٽيل ڪاري کي خاطري ڏني ته مولوي سونهاري سڳوري تان هٿ گهمائي لڳو هو اڪيون سايون ۽ پيئريون ڪرڻ.

مولوي نوراللہ بابر جنهن جو توحيد وارو جذبو ٻُنير جي لاديني ڌنڌي نبل ڪري ڇڏيو هو، اُهو هاڻ لڳو هو ڪَر موڙڻ ۽ جهادي هٿ لڳا هئس هيٺ مَٿي ٿيڻ.

❊

’يلي ولايت، مِنو مُرسل‘ خبر ناهي ته رب ڪي ڪير ٿو وٽي. رب جاٽي ۽ سندس حبيب. اچي ويا هئا بدعت جي دائري ۾. نئين دين جو دٻدٻو وڌيو ته اُيرڻ لڳي هئي لڪير. هاڻ سڪيلڊو ٻجير ۾ اوڙو پاڙو، راڄ، ننگ ۽ سڱ سياپو واري جاءِ والاري هُئي نون لفظن ۽ جملن ’توحيد پرست، مومن، جهادي، بدعتي، مشرق، ڪافر ۽ واجب القتل.‘ ورهاست واري لڪير وڏي ٻن ملڪن جي سرحد جي ورتي هُئي شڪل. هڪ طرف هُئا توحيد پرست، مومن ۽ جهادي ته ٻي پاسي هئا دنيا ۽ پيٽ جي معاملن ۾ ڦاٿل ڳهلا بدعتي. دين ۾ ملاوٽ ڪندڙ مُشرق ۽ قلعا بند. دين کان ٻاهر ڌڪهيون ڳالهيون ڪندڙ ’ڪافر‘. سوٽ، ماسات، چاچا ۽ ماما، ويا هئا ورهائجي. ڪا چاٽي پي ڦِري. ايئن سڄي ڳوٺ جو راڄ ۽ ڀاڳ اچي ويو حضرت سائين نوراللہ بابر جي هٿ ۾.

”هن ڪوڙي دنيا جي عارضي حياتي قربان ڪرڻ سان سچي دنيا جو بهشت، حورون ۽ غلمان حاصل ٿيندا حاصل ڪريو دائمي سُک.“

’جهاد دين آهي، جهاد لازم آهي، جهاد حق آهي، جهاد امر آهي، ۽ جهاد عظيم آهي.‘ مولوي نوراللہ بابر جي وعظ جا لفظ جماعتين جي ذهن تي ڪليشن جي برسٽ وانگر لڳا هئا ٺُڪاءُ ڪرڻ.

ٺا، ٺا، ٺا...

پوين صِفن وارا جماعتي لڳا هئا ڪَن ڦيرائڻ ۽ اڳين صُفن ۾ ويٺل جماعتي اهڙي سَحر ۾ وَنجي ويا جو اوٻاسي ڏيڻ به ويئي هُين وسري. هرڪو پنهنجو ذهن ۾ جهاد جي ميدان تي بيٺو هو.

ديني لڪير ماڻهو سڀ ڇڏيا هئا ورهائي. البت اها ديوار قبرستان تائين اڃا نه پهتي هئي. هڪڙا هئا بدعتي گڏهه جن هر هند هينگون پي ڪيون، ٻيا ڪافر ڪُتا!! لائوڊ مان جڏهن برسٽ جهڙو آواز اُڀرندو هو ته چؤطرف هونديون هيون ڀَهڪون ٻيا اوناڙ. ڪانگ به ديني حد بندي ڊاهي پنهنجي موت ڪي دعوت ڏيئي رهيا هئا.

نوجوان پُٽ جي موت تي پٽيل ڪارو پيل ويٺو هو هوش وڃائي.

مائٽ دوست پاڙو ۽ ڳوٺ. رات جي اوندهه جو فائدو وني ڪيترائي مومن به بدعتين وٽ ويا هئا پهچي. ڏک سيني جو جيءُ وڏو هو جهوري. توحيد پرست جهادين وٽ وعظ ۽ عبادت کان وقت هو ڪٿي جو ڪنهن جي ڏک ۾ شريڪ ٿين.

پورو پيل انڌي اڳيان لٺ ته هو پٽيل ڪاري وٽان موت اِها لٺ. ڦُري وَر تي هئي. سڄ ڪَني ڪڍي ته ڪفن، دفن مان واندا تي لڳا هئا دعا گهرڻ. اُن ويل ديني لڪير پهتي هئي قبرستان تائين. پورو پيل دفن ٿيل هو مومنن واري پاسي. هيءَ هُئي ’نئين ڏوتل پوتل دين‘ ۾ مداخلت.

**’ڪافرن جي اِها مجال؟‘**

حضرت سائين مولوي نوراللہ بابر جا اهي چار لفظ ڪو پيٽرول جو دٻو هئا. باهه جا شعلا وڪوڙي ويا هئا.

**سڄي سڪيلڊو ٻجير ڳوٺ کي!**
**لائوڊ مان ايندڙ لفظن جا برسٽ**
**توحيد پرست مومنن جا نعرا**
**هينگون، اُوناڙ ۽ ران ران...**

قبرستان ڏانهن وک وڌائي هُئي رُلي آيل ڌارين، انهن جي پويان پر مٿڙيا پنهنجا ۽ توحيد پرستن جو وڏو ڪَٽَڪ نهي پيو هو لشڪر بابري. وادي، ٻنير جهڙي، قبرستان تي هو حملو.

مومنن جي نعرن ڇڏيو هو اُڀ ڏڪائي.

بدعتي پوري پيل جي لاش کي قبر مان ڪڍي، اُن کان محشر کان اڳ ۾ حساب ورتو ويو.

حضرت سائين مولوي نوراللہ بابر جا جهادي هٿ اچي ويا هئا حرڪت ۾. اندر کي آٿت ڏيڻ لاءِ لڳو هو اڳوٽي ’ساڳي ڪار‘ ڪرڻ. ■

## غزل



**حنيف عاطر**

مهڪيل مهڪيل اُجرو اُجرو رستو آ
تنهنجي گهر ڏي ويندڙ جيڪو رستو آ
’ڪجلاسر‘ جي وينگس دِل جَهل، مون تائين
ڪونه ڏڪيو ڪارونجهر جهڙو رستو آ
مونکي تون ڇا سمجهائيندين او مُورک
ڄاڻان ٿو مان عشق جو کهڙو رستو آ
هڪ ٻئي کي اڄ ويهي عاطر پرچايون
ان کان بهتر ڪونه سوايو رستو آ

## نظم



**شير هاليپوٽو**

## مبارڪ محبتون

اُٿي آ مِهڪ مينديءَ جي
حُسن اظهار اوتيو آ
اکيون ڪي گهور پائن پيون
وِري راتيون رَبابن جيئن
ڪُنوارا سُر مِلائن پيون
وري محبت وراڪا ڏيئي
دلين ۾ جهات پاتي آ
اُٿي برسات سانوڻ جي
تڏهن هِن دل جي ڌرتي تي
نظم مهڪي پيا آهن
غزل جا چال ڇُڙواڳي
پرين ٿا سونهن ڪوتا جي
هوائون لاڙ جُون جهومي
خوشين جا ڳيچ ڳائن ٿيون
وساميل ڪنهن ڏيئو ٻاري
جيئڻ جي راهه ڏيکاري
حياتي ڪنهن ته وينگس جي
اڱڻ تي ٺهڪڙا ڏيئي
سَکي خوشبو وکيري ٿي
چانڊوڪي جا سپئي ڪرڻا
رنگا رنگ ٿي پيا جهومن
ستارا مُسڪرائن پيا
مبارڪ مُحبتون رهنديون
سلامت صحبتون رهنديون. ■

# انا جو چارَ...



بشير احمد سومرو

فرسٽ ييئر گرلس جو باٽني سبجيڪٽ جو پهريون ڪلاس هيو تنهنڪري هو ساڳئي وقت تي تمام گهڻو ايڪسائيٽيڊ ۽ وري خوفزده به هيون ڇو ته انهن کي پنهنجي پينرن، پائرن يا سينيئرس کان اها خبر پئي هئي ته باٽني هڪ ٽف سبجيڪٽ آهي جيڪو عام شاگردن يا شاگردياڻين کي ته ڇڏيو پر ٻين سبجيڪٽن جي پروفيسرن کي به گهٽ سمجهه ۾ ايندو آهي. انهيءَ جو هڪ سبب هي آهي ته باٽنيءَ جي ٽرمنالاجي ڏاڍي ڊفيڪلٽ آهي ۽ ٻيو هر ٽاپڪ ٻئي کان مختلف يعني هڪ ٽاپڪ جو ٻئي سان ربط ئي نه. باٽني جي ڀيٽ ۾ وري ٻيا سبجيڪٽ ايزي ٽو ڊفيڪلٽ آهن ان جي ڪري انهن کي سمجهڻ ۾ ايتري ڊفيڪلٽي نه ٿيندي آهي پر ڇوڪرين جو مس کي روسٽرم تي بيٺل ڏٺو ته دنگ رهجي ويون ۽ مس جي چهري تي نظر پوندي ئي سندن ساهه ئي سڪي ويا. هڪ ته مس جي ڊريسنگ صحيح نه هئي ٻيو وري وارن کي ڦٽي به ڏني هئي.

اجا ڇوڪريون انهيءَ خوف واري حالت ۾ ئي هيون ته مس روسٽرم تان ئي گرلس جي چهرن تي پهرين نظر وڌي ته ڪيس اهي ايڪسائيٽيڊ گهٽ پر خوفزده وڌيڪ نظر آيون. مس سمجهيو ته هي ڇوڪرين جو پهريون ڪلاس آهي تنهنڪري ليڪچر جي شروعات بهتر انداز ۾ ڪرڻ گهرجي ته جيئن گرلس کي سمجهائيندي ڪجهه پنهنجائپ وارو رويو به قائم ٿي وڃي ۽ انهن تي سندس پرسنلٽيءَ جو اثر به ويهجي وڃي.

مس ليڪچر کان اڳ ۾ پنهنجي مخصوص هيئر اسٽائيل جيڪا هن يونيورسٽيءَ ۾ شاگرديءَ واري دور ۾ اختيار ڪئي هئي ۽ ان اسٽائيل ۾ جڏهن سندس وار چهري تي وڪرجي ويندا هيا ته هوءَ انهن کي ڦوڪ سان يا ڪنڌ کي لوڏي هٽائيندي هئي، سندس اهڙي دلڪش اسٽائيل کي ڏسڻ لاءِ ڊپارٽمينٽ جا ڇوڪرا ڪو وقت ته ڪنهن ڪنڌ پاسي ۾ ويهي ڏسڻ جي ڪوشش ڪندا هيا پر هن جي ويجهو نه ويندا هيا ڇو ته ڪين خبر هئي ته هوءَ ڏاڍي نه ايروگينٽ آهي. اهڙو انداز به هن جي حسين چهري تي تمام پرڪشش لڳندو هيو پر اڄ ته اهي وار پوئتي ٿيا ئي نه پئي جيتوڻيڪ هن ڪافي دفعا ڦوڪ به ڏني ۽ ڪنڌ لوڏي وارن کي هٽائڻ جي ڪوشش به ڪئي پر هن جي وڪريل وارن ڄڻ ته ڪا بغاوت ڪئي هجي ۽ ڪيس وري اهو به احساس نه رهيو ته هن اڄ باٿ نه ورتو آهي ۽ نه ئي وري وارن کي ٺيڪ طرح سان ڪنگي ڪئي آهي. اڃا ان سوچ ۾ هئي پر ڪيس هڪدم احساس ٿيو ته هوءَ ته ڪلاس ۾ هئي ۽ حيرت مان پهرين پنهنجي ڊريسنگ کي ۽ پوءِ گرلس کي ڏسڻ لڳي پر وري ڪجهه وقت جي لاءِ پنهنجي اعصابن تي ظابطو آڻي هٿ سان ئي وارن کي سيٽ ڪري وار پوئتي ڪيا ۽ مارڪر کڻي ڪري ليڪچر ڏيڻ لاءِ اڳتي وڌي ۽ پوءِ بورڊ تي لکڻ شروع ڪيو.

ڇوڪريون به ڪافي وقت کان مس جي اهڙي ڪيفيت ڏسي ڪري حيرت ۾ اچي ويون پر ڪنهن کي به جرئت نه پئي ٿي ته ڪا ڪلي يا طنز ڪري جو مس جي چهري کي ڏسندي ئي ڪين ڊپ ٿيڻ لڳن ته ڪٿي مس ڏمرجي نه پوين جو هي سندن باٽني سبجيڪٽ جو پهريون ڪلاس هيو ۽ وري ڪين پريڪٽيڪل جي مارڪن جو به خوف ٿين پئي..

مس ليڪچر شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ وري به هڪ نظر ڇوڪرين تي وڌي ته ڪلاس روم ۾ خاموش ڇانئجي وئي، ڄڻ ته سندن مٿان ڪو فوجي آرڊر جاري ٿيو هجي يا وري ڪو دهشتگرد هٿيار تاڻيون بيٺو هجي پوءِ مس خاموشيءَ سان هر هڪ نظر کي نظر مان سيني ڪيندي مارڪر کڻي وائيٽ بورڊ تي لکيو،

“Kingdoms”

Kingdom Prokaryotae.

وري ان جي هيٺان لکيائين،

Pro means before

Karyons means Nucleus

۽ ڪين زباني به سمجهائيندي هلي پر اهو ليڪچر ڇوڪرين جي مٿان گذري ويو. سيني چهرن تي وائڙپ ڏسي پڇيائين، ”ڇا ڇيو مون؟“

سڀ ڇوڪريون خاموش رهيون.

مس وري سمجهائڻ شروع ڪيو،

“Prokaryotes mean Before Nucleus.”

ڇوڪرين تي مس جو جيڪو هيبت وارو رخ هيو ان جا پاڇا ڪجهه هٽڻ لڳا پر پوءِ به سندن چهرن تي خوف جو اثر اڃا به موجود هيو ۽ ان جي ڪري ئي مس جي ڳالهه به سمجهه ۾ نه آين.

مس بورڊ تي لکي ڪري هنن ڏانهن سنجيدگيءَ سان ڏسندي اچي روسٽرم تي ويهي پنهنجي مخصوص اسٽائيل ۾ ليڪچر ڏيڻ شروع ڪيو.

Previously there were two kingdoms

Plant and Animal Kingdom but Robert Whittaker in 1969 gave five Kingdom Theory.

پوءِ ڪنڌ ورائي ڪري مٿين لکيل ڪنگڊم ڏانهن اشارو ڪندي وري چيو،

”هاڻي ڏسو، ڪنگڊم آهي پروڪيريوٽي.“

هي لفظ ٻڌندي ئي گرلس جي دماغ مان ٽڪاءَ نڪرڻ لڳا ته باٽنيءَ جي پهرين ليڪچر ۾ ايڏي ڏکي ٽرمنالاجي باقي پوئتي ته الائجي ڇا هوندو! پر وري مس ڏانهن ڌيان ڏيڻ ۾ مصروف ٿي ويون ته جيئن ڪجهه سمجهي سگهن.

مس وري گرلس جو ڌيان ڇڪائيندي چيو، “سمجهي ويا نه؟”

اڃا هن جو چهرو بورڊ ڏانهن ئي هيو جو هن جو تصور يونيورسٽيءَ واري دور ڏانهن هليو ويو ۽ ڪيس پنهنجا ڪلاس اٽينڊ ڪرڻ وارا ڏينهن ياد آيا پر هڪ دم تصور مان وري ڪلاس ۾ موٽي آئي ۽ گرلس کي سمجهائڻ لڳي ڇو ته ڪيس احساس ٿيڻ لڳو ته اڄ هنن جو پهريون ڪلاس هيو ۽ ڪٿي گرلس تي امپريشن غلط نه پوي ۽ پرنسپال جي اچڻ جو به احساس ٿيس جيڪا ڪلهه به هن جي انٽر واري ليڪچر ۾ اچي ويٺي هئي ۽ هن جي رويي تي دٻ به ڪڍي هئائينس. ڪاليج جي پرنسپل کي اڪثر ڪانئس گهڻيون شڪايتون هيون خاص ڪري صفائي سٿرائيءَ جي حوالي سان پر اها ڳالهه طئي هئي ته هوءَ هئي ايڪسٽرا آرڊنري ٽيلينٽيڊ.

هن وري گرلس کان مسڪرائيندي پڇيو، ”بابا، جي اوهان کي سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته ٻڌايو ته وري سمجهايان؟“

نيٺ هڪ ڇوڪري دل ٻڌي هٿ مٿي ڪري چيو، ”مس سمجهه ۾ نه آيو.“

”ها، ڳالهايو نه من. مان وري ٿي سمجهايان.“ هن گرلس ڏانهن ڏسي ڪري وري سمجهائڻ شروع ڪيو ته هڪ دفعو وري هن جو تصور يونيورسٽيءَ جي باٽني ڊپارٽمينٽ ڏانهن هليون ويو. ۽ ڪيس ياد آيو، جڏهن هن پاڻ پنهنجي شادي جي حوالي سان سندس هڪ ڪلاس فيلو ڪامريڊ جيڪو هن کي ادي سڏيندو هيو ۽ هن جو افيئر وري هن جي ساهيڙي سان هيو صلاح ڪئي هئي.

هن ڪيس صلاح ڏيندي چيو، ”ڀيڻ، شادي پنهنجي والدين جي مرضيءَ سان ڪجانءِ.“

”ڇو؟“ هن ٽرڙائپ ڪندي وراڻيو.

”اهو هن جي ڪري جو والدين وچ ۾ هوندا ته ڪنهن وقت به هن کي ڪجهه چئي سگهندا.“ هن ڪيس سمجهائيندي چيو.

اها ڳالهه ياد پوندي ئي هن جون اکيون پرجي آيون ۽ چهري جا تاثرات ڦري ويس ڇاڪاڻ ته اڄ هن کي اهي سڀ لفظ جيڪي هن جي ڪلاس فيلو چيا ها، حقيقت لڳا پر هن کي وري ڪلاس جو احساس انهن تصورن مان موٽائي آيو.

هن جڏهن ڇوڪرين ڏانهن منهن ڪيو ته اهي سندس چهرو ڏسي پنڊ پهڻ ٿي ويون ڇاڪاڻ ته مس جون اکيون ڳاڙهيون هيون جيڪي ڪجهه گهڙيون بلڪل صاف هيون. مس کي اهڙي حالت ۾ ڏسندي انهن کان اهو به وسري ويو ته انهن کي مس اڳ ۾ ڇا ٻڌايو هيو. گرلس جيڪي اڳي ئي باٽنيءَ جي سبجيڪٽ کان پريشان هيون تن جو مس جو پريشان چهرو ڏٺو ته دهشت سندن دماغ تي سوار ٿي وئي تنهنڪري ڪجي ئي ڪو نه سگهيون.

”ڏسو،“ مس هڪدم گرلس جا تاثرات سمجهي ڪري ليڪچر ڏيڻ شروع ڪيو، ”ڪرڪيٽ جو ليڌر وارو بال ڏٺو اٿوَ؟“

”ها.“ هڪ اڌ ڇوڪرين ڊڄندي ڊڄندي جواب ڏنو.

”ڏسو، جيڪڏهن ليڌر جي بال جو ليڌر لاهجي ته ڇا بچندو؟“ مس وري سوال ڪيو.

ڇوڪرين کي سمجهه ۾ ئي نه آيو جو ڪين خبر ئي نه هئي ته ليڌر جي بال جي اندر ڇا آهي تنهنڪري انهن جي چهرن تي وائڙپ ظاهر هئي.

”ڏسو، ليڌر جي بال جي اندر ڪارڪ يا ڪٺي ڇئون ته پٽر آهي. جيڪڏهن ليڌر لاهبو ته ڇا بچندو؟“ مس هڪ ڇوڪري ڏانهن آڱر جو اشارو ڪندي چيو،

ڇوڪري ڏڪي وئي جو هن جي دماغ تان اڃا مس جي چهري واري خوف جا آثار ئي نه لٿا هيا جو سوال اچي ٽڪاءُ ڪيو پر ان جو بچاءُ ان ڪري ٿيو جو پر واري ڇوڪري پاڻ ڏانهن سمجهيو جنهن هٻڪندي ڪيس ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪئي پر مس ڪيس هٿ سان اشارو ڪري ويهڻ جي لاءِ چيو.

مس ڪين بال جي ليڌر ۽ ڪارڪ کي تفصيل سان سمجهاين ته پوءِ ڇوڪرين کي ڪجهه همٿ ٿي ۽ جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪيائون ته مس وري به سوال ڪين، ”ڇا پٽر کي بال چئبو؟“

سيني ڇوڪرين گڏجي چيو، ”جي نه مس.“

”پر ان کي اسان بال جو سامان ضرور چونداسين نه کي مڪمل بال.“ مس ڪين آسان انداز ۾ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي.

شايد ڇوڪرين کي سمجهه ۾ نه آيو جو سندن چهرا مطمئن نه هيا ان جي ڪري ئي مس وري چيو، ”چڱو ڀلا، هڪ ٻيو مثال سمجهو.“

ڇوڪرين اها ٽاپڪ سمجهڻ جي لاءِ ذهني طور تي تيار ٿي ويون ۽ مس ڪين چيو، ”ڪار جو ٽائر ڏٺو اٿوَ.“

”جي ها مس.“ سيني هم آواز ٿي جواب ڏنو.

”ته پوءِ ٽائر جي اندر ٽيوب به ڏٺو هوندوَ.“ مس وري

کي هيءَ خزان جي هوا ڪٽان لڳي پر هن ڪيس وري ايترو تہ زور سان پاڪر پاتو جو هن کان ڇپي بہ نہ پئي سگهي.

ٻنهي کي روئندي ڪافي دير ٿي وئي تہ هن پري کان ايندڙ پرنسپل کي ڏسي ڪري انٽر جي ڪلاس ڏانهن تڪي وک وڌي تہ جيئن پرنسپل جا دڙڪا نہ کائي جيڪي هن جي روز جو معمول ٿي ويا هيا.

هوءَ ليڪچر ڏيڻ وئي تہ جيئن پرنسپل اتان ٽري وڃي تہ هوءَ سهيلي سان ملي وٺي جو هوءَ بہ سندس انتظار ۾ ويٺي هئي.

سندس سهيلي هن جي گهر تائين هلي. گهر ۾ داخل ٿيندي ئي ٻئي ايترو تہ رنيون جو بس نہ ٿي ڪيائون نيٺ هن پنهنجي سهيليءَ کي ٻڌايو تہ ڪيئن نہ هن يونيورسٽيءَ جي هڪ امير ليڪچرر سان شادي ڪئي ۽ ڪافي عرصو تہ ٻنهي جي انڊر اسٽينڊنگ سٺي رهي پر تڪڙن ٽن ٻارڙن پيدا ٿيڻ کان پوءِ هوءَ ٻارن ۾ مصروف ٿي وئي ۽ هن جو هسبينڊ وري لگزريس لائيف گذارڻ لڳو.

هن پنهنجي سهيليءَ کي اصل دل جي ڳالهہ ٻڌائي جو هوءَ ٻارن ۾ ٻڌي هئي سندس هسبينڊ آزاد جنهن کي هن لگزريءَ واري لائيف پئي سڏيو. توهان جي نڪرڻ کان پوءِ يونيورسٽيءَ ۾ سنڌ جي شهرن مان اهڙين گرلس بہ داخلا ورتي هئي جن جو اهو موقف هيو تہ اسان هسبينڊ جون غلام ٿي نہ گذاريندينسين چو تہ اهو اسان جي آزاديءَ تي ڌاڙو آهي.

ان وقت فيمنزم هن جي ذهن تي حاوي هيو ۽ انهن جي پرچار ڪندڙ گرلس سان بہ هن جون ڪافي گهريون ڪچهريون بہ ٿيون هيون پر سماج جي پوَ ڪان سيئي ان نتيجي تي پهتيون تہ جي گرلس شادي بہ ڪن تہ ٻہ ٻار ڄڻي مڙس کان طلاق وٺڻ کان بغير ڌار رهن چو تہ ٻاهرين دنيا ۾ بہ هو عزت واري زندگي گذاري سگهن جو ڪين ٻہ ٻار بہ گڏ هوندن تہ ڪو بہ انهن ڏانهن آڱر بہ نہ کڻندو ۽ساڳئي وقت تي هسبينڊ کي اسلامي قانون تحت ٻارن جو خرچ بہ ڏيڻو پوندو جيڪڏهن هن ڏنو تہ ٺيڪ نہ تہ ڪورٽ جي ذريعي وٺبو ۽ پوءِ هسبينڊ جو ڏنل ٻارن جي نالي تي خرچ ۽ پنهنجي هيڏي ساري پگهار. بس وقت عياشيءَ سان گذاري سگهبو ۽ هسبينڊ جي روز روز جي ٽر ٽر کان بہ بچي پونداسين.

”پوءِ تنهنجا حال هينئن ڇو ٿيا آهن؟“ سندس سهيليءَ حيرت مان پڇا ڪئي.

”ٻيون گرلس تہ ڪامياب ويون پر مونسان وري ان جي ابتڙ ٿيو جو مان اجا هسبينڊ کي.“ هوءَ سڏڪو ڀريندي خاموش ٿي وئي پر وري ٻڌائڻ شروع ڪيو، ”مان هسبينڊ کي اجا ڀرين ڌمڪي مس ڏني تہ جيئن سائڪالاجيڪلي هن کي ان ڳالهہ تي قائل ڪيان تہ مان هن کان ڌار رهڻ ٿي چاهيان تہ جيئن هو مون کي ايلاز ڪري ۽ پوءِ مان هن کان پنهنجيون سيئي ڳالهيون مڃائي سگهان ۽ مونکي سو سيڪڙو پڪ هئي تہ منهنجي تمنا پوري ٿيڻ واري هئي ۽ هاڻي مان هن کان پنهنجو ۽ ٻارن جو خرچ وٺي ڌار ٿيندس.“

”پوءِ تنهنجو مقصد پورو ٿيو يا نہ؟“ سندس سهيليءَ اجا وڌيڪ تجسس مان پڇيس.

”هن مون کي ڪجهہ بہ نہ چيو ۽ هو ڪمري ۾ هليو ويو ۽ وائيٽ پيپر تي ڪجهہ لکي کڻي آيو ۽ منهنجي اڳيان جهلي بيهي رهيو جنهن تي طلاق لکيل هئي پر ان تي صحيح ٿيل نہ هئي.“ هن اکين ۾ ڳوڙها آڻيندي چيو

”پوءِ توهان تہ ها ڪئي هوندس؟“ سندس سهيليءَ ڪلهي کي دٻائيندي چيس.

هن سڏڪو ڀريندي چيو، ”نہ.“

”ڇو؟ اهو تہ تنهنجي لاءِ سٺو موقعو هيو.“ سندس سهيليءَ ڪيس چيو.

”ها، پر اهو سڀ ڪجهہ منهنجي توقع جي ابتڙ ۽ ايترو تہ جلدي ٿي ويو جو مون کي سمجهہ ۾ نہ ٿي آيو تہ مان ڪهڙو قدم کڻان.“ هن چهرو مٿي ڪندي ٻڌايس.

”پر تنهنجي ئي خواهش هئي تہ پنهنجي هسبينڊ کان ڌار رهان.“ سندس سهيليءَ هٿ پڪڙيندي چيس.

”ها پر مون طلاق تہ نہ ٿي چاهي نہ جو ان سان هڪ تہ منهنجي بدنامي ٿئي ها ۽ ٻيو وري منهنجي خواهش پوري نہ ٿئي ها.“ هن جذباتي ٿيندي چيو.

”پوءِ اوهان ڇا ڪيو؟“ سندس سهيليءَ هن کان سواليہ انداز ۾ پڇيو.

”مان پنهنجا سيئي سپنا چور ٿيندي ڏسي ڪري ڌار ٿيڻ جو فيصلو ڪيو پر.“ هن پنهنجا ڳوڙها ٽشوءَ سان اگهندي چوندي خاموش ٿي وئي.

”ٺيڪ ڪيوَ. اوهان کي پنهنجي جاب جو هئي ۽ ٻيو تہ پنهنجا ٻار بہ هيا پوءِ باقي ڇا گهربو هيوَ.“ سهيليءَ ٽشوءَ سان هن جي ڳل تان ڳوڙها اگهندي چيس.

”پئسا.“ هن ڇپن ۾ پٽڪيو جيڪو سندس سهيليءَ کي سمجهہ ۾ نہ آيو.

”تنهنجي هسبينڊ جو ڇا رويو هيو.“ سندس سهيليءَ پڇا ڪيس.

”جڏهن مان پنهنجي هسبينڊ کي اجا ڌمڪي ڏني تہ مان ٻار وٺي گهر ڇڏي ٿي وڃان، ان وقت مون سمجهيو تہ هو مون کي ايلاز ڪري روڪيندو پر هن مونکي هڪدم چيو تہ ڀلي وٺي وڃ.“ ائين چئي هن منهنجي ڇهري کي ڏسي ڪري ٻئي ڪمري جي در ڪولڻ وقت چيو، ”هونئن بہ تو مان منهنجي جنسي بک اڳ ۾ ئي پوري نہ ٿيندي هئي پر مان تہ صرف ٻارن جي ڪري ڪمپرومائيز ڪيون ويٺو هيس.“ ائين چئي هن ڪاوڙ مان زور سان در بند ڪيو.

”پوءِ تون ڇو ڪمپرومائيز نہ ڪيو؟“ سهيليءَ مٿي تي هٿ ڦيريندي چيس.

”هن جي اهڙن لفظن منهنجي جسم کي باہ ڏئي ڇڏي ۽ مان ڪاوڙ مان پنهنجي ٻارن کي وٺي گهر ڇڏي هلي ويس ۽ ٻي ڪالونيءَ ۾ رينٽ تي جڳهہ وٺي رهڻ لڳس پر ٻارن جي خرچ، تعليم ۽ بيماري ٻڙيءَ منهنجا لاهہ ڪڍي ڇڏيا ۽ منهنجي انا ڪمزور ٿيڻ لڳي.“ هن پنهنجي سهيليءَ کي پنهنجي انا جو داستان ٻڌايو.

”پوءِ هو تو کي وٺڻ آيو هيو.“ سندس سهيليءَ پڇا ڪيس.

”ها، ڀريان هن موبائيل تي ڪانٽيڪٽ ڪيو پر جڏهن مان مسلسل هن جي رنگ ڪٽيندي رهيس ۽ وري پنهنجي سم بہ چينج ڪيم تہ پوءِ هومنهنجي فيمليءَ ڏانهن ويو پر مان هن ڏي وڃڻ کان انڪار ڪيو. ان جي ڪري جو مان منهنجي ڪمزور ٿيندڙ انا تي بہ قائم رهيس.“ هن ڪنڌ کي مٿي ڪندي ٻڌايس.

”جيڪڏهن هو بہ ڪمپرومائيز ڪري پيو تہ تون ڇو نہ؟“ سندس سهيليءَ وري پڇيو.

”ان جي ڪري جو هن مون کي جنسي بک پوري نہ ٿيڻ جو تعنو ڏئي منهنجي جسم کي ڄڻ چير ڏنا هيا.“ هن بہ وري ڪاوڙ واري لهجي ۾ چيو.

”ڀلا، توکي پنهنجي فيمليءَ وارن سمجهايو يا نہ؟“

”منهنجي ماءُ ۽ ڀيڻ مون کي گهڻو ئي سمجهايو تہ عورت جو ٻيو نالو ڪمپرومائيز ئي تہ آهي پر منهنجي انا مون کي ڪمپرومائيز نہ ڪرڻ ڏنو جيتوڻيڪ منهنجي انا ڪمزور ٿيندي پئي وئي پر هن جا اهي چيل لفظ اجا تائين منهنجي ڪنن ۾ وڄن ٿا.“

اهي لفظ چوندي هن جو منهن ڪاوڙ کان ڳاڙهو ٿي ويو، ”جڏهن هن کي منهنجي فيمليءَ مان ڪو خاص ريسپانس نہ مليو تہ پوءِ هو ڪاليج ۾ منهنجي سهيلين کي چوڻ آيو ۽ ان کان پوءِ يونيورسٽيءَ ۾ اسان سان گڏ پڙهندڙ اسان جي سي آر کي پڻ چيائين جيڪو پڻ مون کي سمجهائڻ آيو هيو پر مان هن ڏي وڃڻ کان انڪار ڪيو.“

”پوءِ هاڻي هن جي گهر ۾ ڪيئن؟“

”منهنجي وڏي پٽ مون وٽ رهڻ کان انڪار ڪيو ۽ هو پنهنجي پيءُ ڏانهن هليو ويو. منهنجي پٽ جي اهڙي عمل منهنجي انا کي گهڻو ڪمزور ڪري وڌو ۽ ان جي اهڙي رويي جي ڪري مون ۾ ڪجهہ لچڪ پيدا ٿي ۽ ساڳئي وقت تي منهنجي زندگي لگزريءَ مان ٽف ۾ بہ تبديل ٿي وئي هئي.“ هن سڏڪندي چيو، ”جيڪا منهنجي وڏي عظيم غلطي هئي.“

”اهو پيچ اپ تہ تون پنهنجي پٽ جي لاءِ ڪيو نہ. جي هو تو سان ملڻ بہ نہ اچي ها تہ پوءِ هميشہ جي جدائي توکان برداشت ٿئي ها.“

”تون بلڪل صحيح ٿي چوين پر، منهنجي هسبينڊ منهنجي اچڻ کي دل سان قبول نہ ڪيو ۽ ان وقت کان وٺي مان ڄڻ تہ هڪ سزا ڀوڳي رهي آهيان.“ هن ڪنڌ مٿي ڪيو تہ اکين مان ڳوڙها ڳڙي رهيا هيس.

سهيليءَ هن جي اکين ۾ ڏٺو تہ اهي ڳاڙهيون هيون. ۽ ڪنهن گهري درد جون گهايل ٿي لڳيون جنهن هن کي بہ تڙپائي وڌو هو. هن جي چهري تي خوشيءَ جي ڪا بہ ريکا نہ هئي ڄڻ تہ خوشيون هن کان موڪلائي هليون ويون هيون جيتوڻيڪ هن ڪافي دفعا هن کي کلائڻ جي ڪوشش ڪئي پر هن جون سڀ ڪوششون ناڪام ويون ۽ ڪجهہ گهڙين جي لاءِ خاموش ٿي ويئي. نيٺ هن خاموشي ٽوڙي چيس، ”ڇو؟ هن کي تہ پاڻ خوش ٿيڻ کپندو هيو تڏهن ئي تہ هن سڀني کي تنهنجي اچڻ جي لاءِ منٿون ٿي ڪيون،“ سندس سهيليءَ ڪاڏيءَ جي ڇهنب کي پڪڙيندي چيس، ”نہ من، تون مون کي ٻڌاءِ تہ متان مان ڪا مدد ڪري سگهان.“

”وقت گذري ويو.“ هن بہ ڳوڙها اگهندي چيو، ”جيڪر مان لچڪ نہ ڏيکاريان ها تہ منهنجو هي حال نہ ٿئي ها.“

”آخر ٿيو ڇا؟“ سندس سهيليءَ وري پڇا ڪئي.

”مان گهر موٽڻ کان پوءِ هڪ ڏينهن هن کي بغير ٻڌائڻ جي سندس ڊپارٽمينٽ ۾ پهتس تہ هو گرلس اسٽوڊنٽس جي جهرمٽ ۾ ويٺو هيو ۽ سندن اڳيان سمبوسا ۽ ٿڌو پيو هين پر مون کي ڏسندي هن جي منهن جو پنو لهي ويو جو ڪيس اهو يقين ئي نہ هيو تہ ڪو مان اچي نڪرنديس. هو مونکي ڏسي تڙ تڪڙ ۾ اٿيو تہ سندس اڳيان پيل ٿڌو ۽ سمبوسن جي ڇٽڻي سندس قميص تي هارجي پيا.“ هن ٻڌايس، ”۽ پوءِ....... ان وقت کان وٺي هن جو مون کي جنسي طور هراسان ڪرڻ ۽ زهريلا لفظ استعمال ڪري تنگ ڪرڻ روز معمول بڻجي ويو ۽ مٿان وري منهنجا ٻار بہ اچي وڏا ٿيڻ لڳا آهن ۽ اهي بہ منهنجي رويي کي غلط سمجهن پيا جنهن ڳالهہ مون کي جهوري وڌو آهي.“ هن اها ڳالهہ ٻڌائيندي سڏڪا ڀريا.

”تون پنهنجي ٻارن کي تہ هٿيڪو ڪرين ها نہ تہ جيئن تنهنجو هسبينڊ تہ تو سان اهڙو رويو نہ رکي ها.“ سندس سهيليءَ چيس.

”بس، وڏي پٽ جي طرز تي ٻئي پٽ بہ ساڳيو رويو رکيو ۽ هاڻي تہ ٻارن جي ذهن ۾ اهو ئي ويهجي ويو آهي تہ مان سائڪو پيشنٽ آهيان ۽ هو مون کي ان طرح ئي ٽريٽ ڪن ٿا.“ ڏک ۾ لفظ چوندي هوءَ اٿي ۽ رڌڻي ۾ چانهن ناهڻ جي لاءِ وئي جو هن سندس سهيليءَ کان اهو بہ نہ پڇيو هيائين تہ هوءَ ڇا پيئندي.

چانهہ جو ڪپ سهيليءَ کي ڏيندي چيو، ”ٻارن جي اهڙي رويي منهنجي سوچ تي پردا وجهي ڇڏيا آهن ۽ مان اهڙن گهريلو روين جي ڪري ڪلاس ۾ صحيح ليڪچر بہ ڏئي نہ ٿي سگهان جنهن جي ڪري پرنسپل جا دڙڪا کائڻ روز جو معمول ٿي پيو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ مون سان اهڙي بہ حالت ٿيندي هئي جو مان صبح جو نہ باٿ وٺان ۽ نہ ئي نئين ڪا ڊريس پائي وڃان جنهن کان پوءِ ئي سڀني پروفيسرز مون سان ڳالهائڻ ئي گهٽائي ڇڏيو ۽ آهستي آهستي اهي سيئي مون کان دور رهڻ لڳيون.“ هن سهيليءَ

کي چانهن جو ڪپ ڏيندي چيو.

سندس سهيليءَ هن جي ڳالهه ٻڌي ڪري چانهن جو ڍڪ جو پريو ته کيس حيرت لڳي ته چانهن ۾ ڪنڊ جي بدران لوڻ پيل هو. پر هن خاموشي اختيار ڪئي ۽ هن پنهنجي سهيليءَ کي ڏنو ته اها چانهه پي ڪري ڪيئن ٿي محسوس ڪري. سندس سهيليءَ جيئن ئي چانهن جو ڍڪ پريو ته سندس زبان لوڻياڻي تيک ڪري سڙڻ لڳي ۽ پوءِ هن اوڪارا ڏيڻ شروع ڪيا ۽ هڪدم رڌڻي ۾ وڃي ڪري گرڙيون ڪيون. جڏهن لوڻ جو تيک گهٽ ٿيس ته موٽي آئي ۽ سهيليءَ کي چوڻ لڳي، ”ترس ته بي چانهن ٺاهي اچان.“

”نه، نه ان جي ضرورت نه آهي بس مان به گهر ٿي وڃان جو ڪامريڊ انتظار ڪندو هوندو جيتوڻيڪ مان هن کي رنگ ڪئي هئي پر پوءِ به مون کي دير نه ڪرڻ گهرجي.“ سندس سهيلي موڪلائڻ لڳي ته هن چيس، ”ڏنئي نه منهنجو حال هي اٿئي.“

هوءَ پنهنجي تصور مان اڃا نڪتي ئي نه هئي ته هن کي پرنسپال تاڙي وڄائي چاڪاڻ ته گرلس ڊيفينيشنس لکي ويون هيون ۽ هوءَ پنهنجي خيال گم ۾ هئي. پرنسپال هڪ خوفناڪ رڙ ڪندي هن کي سڏ ڪيس، ”هيڏانهن اچ ڙي.“

هوءَ ڏڪندي وئي چاڪاڻ ته کيس اها پڪ هئي ته اڄ سندس انسلٽ ٿيڻي هئي تنهڪري هن جا قدم اڳتي نه پئي وڌيا پر پرنسپل جو حڪم هيو تنهنڪري هن کي مجبورن وڃڻو پيو.

هوءَ جيئن ئي پرنسپل جي اڳيان آئي ته هن جو ڪنڌ جهڪيل هيو ۽ پرنسپل اڃا هن کي ڪجهه چوڻ واري ئي هئي ته سندس سهيلي ڊڪندي آئي ته هوءِ سندس جي پويان لکي بيهي رهي.

”هن اڄ فرسٽ ييئر گرلس کي ائين ليڪچر ڏنو جيئن اڳ ۾ ڏيندي هئي ۽ اهو هاڻي برداشت کان ٻاهر آهي.“ پرنسپل سندس سهيليءَ کي تيز آواز ۾ چيو.

”بي ڪُول پليز.“ سندس سهيليءُ پرنسپل کي نماڻائي سان چيو.

”اوهين وچ ۾ نه پئو؟“ پرنسپل سندس سهيليءَ کي تيز آواز ۾ چيو.

”ها، اڄ کان پوءِ هن کي هڪ لفظ به نه چئجو. ۽ ها اڄ کان پوءِ هن جو ڪلاس مان وٺندس.“ سهيليءَ پرنسپل کي عرض ڪيو.

پرنسپل سندس سهيليءَ کي چتائي ڏسندي هلي وئي پر وڌيڪ ڪجهه به نه چئي سگهي ڇو ته کيس اها خبر هيس ته هن جيئن ئي جوائن ڪيو ته کيس سپلا جو ڪيس ريپريزينٽو ڪيو ويو هيو ان جي ڪري هن سان تکي ڳالهائڻ جو کيس به اندازو هيو ته پوري ڪاليج جو ماحول ڦري به سگهيو پئي تنهنڪري موقعو مناسب نه سمجهندي پرنسپال هلي وئي.

هوءَ سندس سهيليءَ جي پويان خوف مان ڪنبي رهي هئي ۽ سندس سهيليءَ جي زبان مان لفظ نڪتا، ”انا جي چار ۾...“ ■

## عذر خواهي

سنڌ جي بيباڪ نوجوان شاعر، هوش محمد درد جي سنياليندڙ (گاڊ فادر) نانا سائين جي طويل بيماري کانپوءِ گذاري وڃڻ تي ساڻس ڏک جو اظهار ڪندي اسين درد ۽ ان جي مِٽن مائٽن سان عذر خواهي ڪيون ٿا. ۽ دعاگوَ آهيون ته هن بيروزگار نوجوان کي روزگار حاصل ٿئي جيئن هوءَ عزت سان زندگي گذاري سگهي.

-ادارو

# پراسرار قبر جي ڪٿا...



راڄن مگريو

قبر کوٽڻ مون لاءِ هڪ ڏکيو عمل ضرور هو. سماجي اخلاقيات ۽ ورثي ۾ مليل ڊپ ۽ خوف سبب آئون ڪيترن ئي سالن کان ائين نه پئي ڪري سگهيس، جڏهن ته مون کي سورنهن آنا پڪ هئي ته مون سان ڳالهايو انهيءَ قبر مان وڃي ٿو. مون کي اها خبر ئي نه هئي ته، اها پراڻي قبر کوٽڻ کان پوءِ ڇا ٿيڻو آهي. پر مون پڪو ارادو ڪيو هو ته قبر کي ضرور کوٽيندس.

قبرستان ڏانهن ويندي ويندي مونکي اهي سڀ ڳالهيون ياد اچڻ لڳيون جيڪي مون سان هميشه ٿينديون رهيون هيون. مون کي قبر مان ڳالهائيندڙ ڇوڪريءَ جي ڳالهين مان هميشه پنهنجائپ جو احساس ٿيندو هو ايئن لڳندو هو پڪ قبر مان ڳالهائيندڙ اها سندر ناري مون کي انتهائي ويجهڙائي کان سڃاڻي ٿي. هوءَ مون کي سڏيندي چوندي آهي ته،

”سليم تون مون کي ڀلي نه سڃاڻ پر آئون توکي صدين کان سڃاڻان ٿي.“ آئون چوندو هئس. ”ها پوءِ ٻڌاءَ نه مون کي ته تون ڪير آهين، قبر ۾ دفن هوندي به تنهنجي ڳالهائڻ جي پويان ڪهڙو راز لڪل آهي؟“ تڏهن چيو هئائين، ”سليم آئون تنهنجي ڪنهن به سوال جو جواب ڏئي نه ٿي سگهان، منهنجي هر سوال جو جواب توکي تڏهن ملندو جڏهن تون منهنجي قبر کوٽي مون کي اتان ٻاهر ڪڍندين.“

”ڀلا پنهنجو نالو ئي ڪڏي ٻڌاءَ؟“ پر هن انڪار ۾ چيو هو، ”سليم آئون توکي پنهنجو نالو نه ٿي ٻڌائي سگهان ۽ مون کي هتي قبر ۾ ڪا گهڻي تڪليف به نه آهي، بس توکي ڏسڻ کان پوءِ ئي هن قبر مان ٻاهر نڪرڻ لاءِ دل چاهيو آهي.“

”پر تون ته زنده نه آهين، تنهنجو ڇا وڃي چاهڻ ۽ نه چاهڻ سان؟“

”بس توکي ڏسڻ کان پوءِ ئي ڳالهائڻ جي همت ساري سگهي آهيان.“

اهو سڀ ٿيڻ کان پوءِ آئون ڏاڍو پريشان رهڻ لڳس، منهنجي راتين جي ننڊ ۽ ڏينهن جو آرام ڦٽو، سوچيندو هئس ته آخر ٿي ڇا رهيو آهي. پهرين ڪجهه مهينا ته ڪنهن سان ڳالهه به نه ڪيم ته مون سان هي وهي واپري رهيو آهي. مهينو مهينو قبرستان ڏانهن نه ويندو هئس. پر جڏهن به ويندو هئس ته هوءَ ڳالهائڻ لڳندي هئي.

جڏهن دير لڳائي ويندو هئس ته هوءَ سڏڪي پوندي هئي. چوندي هئي،

”سليم منهنجي لاءِ تون اڄ به اهو ئي ساڳيو آهين، ڪٺور دل بي پرواهه ۽ انتهائي ظالم جنهن وٽ محبت نالي ڪاشيءَ ئي نه آهي.“

نيٺ مون ان باري ۾ هڪ ٻن دوستن سان به ڳالهه ڪئي. دوست منهنجي سڄي وارتا ٻڌڻ کان پوءِ مون تي کلڻ لڳا ۽ مون کي چريو سمجهڻ لڳا. مون دل ۾ پڪو ارادو ڪري ڇڏيو ته هاڻ ڪنهن دوست، يار يا مٽ مائٽ سان ان حوالي سان ڪابه ڳالهه نه ڪندس. پر پوءِ به ڪن روحاني رمز کي سمجهڻ وارن فقير فقرا سان وڃي مليس انهن موکي وڏي همت ڏياري ۽ آئون نفسياتي طور ڏاڍو پڪو ٿي ويس. هنن جو اهو به چوڻ هو ته آئون ڪو به ڊپ نه ڪريان ڇو ته ڪنهن نقصان جو ڪو به انديشو هجڻ جي گنجائش نه هئي. هنن جو اهو به چوڻ هو ته جيڪڏهن توکي گهڻي پريشاني آهي ته پوءِ تون ان قبرستان ڏانهن وڃڻ ئي ڇڏي ڏي.

پنهنجي پاڻ کي گهڻو ئي روڪڻ جي ڪوشش ڪرڻ جي باوجود آئون ان پاسي ڪنهن نه ڪنهن ڏينهن ضرور هليو ويندو هئس. ۽ هاڻ ڪجهه وڌيڪ مطعمن ۽ بي ڊپو به ٿي ويو هئس.

هوءَ ان ڏينهن ڏاڍو رني. چوڻ لڳي، ”تون منهنجي قبر کان ڊڄين ٿو. آئون توکي ڪو به نقصان ڪونه ٿي پهچائي سگهان، ڇو ته آئون هڪ لاش آهيان منهنجو ماس ڳري ويو آهي، منهنجي هڏن ۾ ڪيڙين ۽ ماڪوڙين گهر ناهي ڇڏيا آهن، آئون مٽيءَ سان مٽي ٿي وئي آهيان، آئون توکي اڄ به سڃاڻان ٿي، پر مون کي افسوس آهي ته تون مون کان ڪالهه به بيگانو هئين ۽ اڄ به بيگانو آهين.“

آئون حيران ۽ پريشان هئس، منهنجا حواس خطا ٿي ويا هئا، مون کي سمجهه ۾ نه پئي آيو ته مون سان ڇا ٿي رهيو آهي، منهنجي چاليهن سالن جي زندگيءَ جا سڀ تجربا ۽ حاصل ڪيل علم جواب ڏئي ويا هئا. آئون انتهائي حد تائين ڊپريشن جو شڪار ٿي ويو هئس ۽ هڪ ڏوراهين هنڌ وڃي اڪيلو ويهي پنهنجي گذاريل زندگيءَ جي لمحي لمحي کي ياد ڪري ان تي سوچڻ لڳس، زندگيءَ ۾ آيل هر هڪ ڇوڪري جي حوالي سان غور ويچار ڪرڻ لڳس، پر مون کي ڪابه اهڙي ڇوڪري ياد نه آئي جنهن لاءِ آئون ڪو ايترو ڪٺور دل ۽ انتهائي ظالم رهيو هجان، مون ته زندگيءَ ۾ آيل هر ڇوڪريءَ سان محبت ڪئي هئي، مون ته سيڪس جي عمل کي به پيار ۽ محبت جو روح تصور ڪيو هو، مون ڪنهن به ڇوڪريءَ کي ڪڏهن به دوکو نه ڏنو هو، مون هر ڇوڪريءَ کي پنهنجي اندر جي حقيقتن پٽاندر پنهنجو سمورو اندر کولي آڏو رکيو هو. ان کان پوءَ هن مون لاءِ جيتري به سخا ڪئي هوندي مون ان تي شڪر بجاءَ آندو هوندو. مون ڪڏهن به هول ۽ هيچ نه ڪئي هوندي، ڪڏهن به ڪنهن جي روح کي بي لباس نه ڪيو هوندو.

قبر جي حوالي سان منهنجون سڀ ڪوششون ناڪام ويون هيون، بس هڪ ئي ڳالهه سمجهه ۾ آئي هيم ته قبر مان ڳالهائڻ واري ان خوبصورت ڇوڪريءَ کان سواءِ مون کي هن دنيا ۾ ٻي ڪابه هستي ڪو مناسب رستو ڏيکاري نه ٿي سگهي.

آئون پنهنجو سڀ سامان سهيڙي بنا دير واپس ڳوٺ روانو ٿيس، ڳوٺ پهچڻ کان پوءِ امان، بابا جا پير ڇهي سڌو قبرستان ڏي روانو ٿيس، منهنجي هٿ ۾ گڏ ڪڍڻ واري رنبي هئي، آئون تڪڙو تڪڙو قبرستان پهتس.

پهچڻ کان پوءِ اهو ڏسي حيران ٿي ويس ته ان قبر جو منهن اڳ ۾ ئي کليل هو، قبر جي اندر نهاريم ته مٽيءَ تي هڪ اهڙو اسڪيچ نما نشان موجود هو جنهن مان اهو پئي لڳو ته ڄڻ ڪو وجود مٽيءَ مان پاڻ آجو ڪري اٿيو هجي، قبر جي هڪ پاسي چار پيرن جا نشان اهڙي طرح لڳل هئا، ڄڻ ڪو جسم هڪ ٻئي سان ڀاڪر پائي مليا هجن. انهن ئي پيرن جي آس پاس قبر ۾ اندر موجود مٽيءَ جهڙي مٽي واريءَ جيان ڇٽيل نظر پئي آئي. اهي ئي چار پير گڏ گڏ هلندا پئي ويا ۽ آئون انهن جو پيڇو ڪندو انهن جي پويان پويان هلندو رهيس. اهي ويندڙ پير ته مونکان رات جي اونداهيءَ ۾ وڃائجي ويا. پر اڄ به آئون ڄڻ انهن ئي پيرن جو پيڇو ڪندي ڪندي زندگيءَ جا آخري ڏينهن گذاري رهيو آهيان، امان ۽ بابا جي قبر تي قل پڙهڻ جي بهاني آئون اڪثر ان قبر تي ويندو رهندو آهيان ته متان هوءَ ڪنهن به وقت وري مون سان ڳالهائي پر اڃان تائين ائين ٿي نه سگهيو آهي. پر مون پنهنجي اولاد کي اها وصيعت ضرور ڪئي آهي منهنجي مرڻ کان پوءِ مونکي ان قبر ۾ دفن ڪيو وڃي. ■

# مين تان ڪوئي خيال هان...



حسيب ڪانهيو

هڪڙو هو فڪر. ۽ ٻيو هو فهم. هن ڌرتي تي جڏهن اهي ٻئي پهرين پهرين ڏينهن آيا تيا تڏهن اپو ٿيندي ئي کين اها پريشاني ورائي وئي ته آخر اسان ڪيئن آيا تي پيا آهيون. آخر اسان کي ڪنهن اُپو ڪيو آهي؟ آخر هي اسان ڇا آهيون؟ اسين ڇو آهيون؟ بس پوءِ انهي راز کي پروڙڻ جي لاءِ ٻنهي صلاح ڪئي ته آخر ڪهڙو ڏگ ونجي؟

'فڪر' چيو، "اوپر طرف هلجي."

"منهنجي خيال ۾ اولهه پاسي هلجي." فهم ان جي ابتڙ ڳالهه ڪئي هئي.

"نه اولهه پاسي سج لهي ويندو آهي. ان پاسي اونده آهي." فڪر وراڻيو، "اوپر پاسي روشني آهي، ان پاسي کان سج اڀرندو آهي. هل ته اونده ۾ ڏڪا ڪائڻ جي بدران، روشني جو ڏگ وٺون."

"هي راز، جنهن جي پُنيان پاڻ رُلڻ وارا آهيون، سو ائين ته آساني سان نه سلبو- ان اوکي ڪم لاءِ جوکو ئي ڪٽڻو پوندو. تون جيڪو آساني وارو رستو ڳولهي رهيو آهين. مون کي پڪ آهي ته ان پاسي پنڌ اجايو آهي. آئون جنهن پاسي جي ڳالهه ڪريان پيو ان پاسي وڏا ڪشالا ڪٽڻا پوندا ۽ انڪري ئي مان سمجهان ٿو ته منهنجو ئي ڏگ درست ٿيندو."

"تون نٿو سمجهين. ان پاسي اونده آهي ۽ اونده ۾ وهم ۽ وسوسا ۽ خوف خدشا وکوڙي ويندا. هن پاسي روشني آهي. سڀڪجهه نظر صاف چٽو نظر ايندو. منهنجي مڃ ته اونده ۾ ڏڪا ڪائڻ کان روشني ۾ ڏسي وائسي هلڻ وڌيڪ بهتر آهي." فڪر پنهنجي ڳالهه مڃائڻ جي ڪوشش ڪندي چيو.

"مان ڏاڍو آهيان. مون کي ڏکن جي پرواهه ناهي. تون هيڻو آهين سو ڊڄين ٿو." فهم پنهنجي ڳالهه تي اٽل رهندي وراڻيو.

قدرُت توڙي جان جسم ۾ فڪر واقعي به فهم کان هيڻو ئي ڏسڻ ۾ آيو. پر تنهن هوندي به فڪر، فهم کي بار بار اهو ئي چيو، "اوپر ڏي ٿا هلون." پر فهم ان جي ڳالهه نه مڃي. ۽ نيٺ اهو وراڻيائين، "تون اوپر واري پاسي هليو وڃ ۽ آئون اولهه واري پاسي ٿو وڃان. وري جڏهن ملنداسين ته پاڻهي ئي خبر پئجي ويندي ته ڪير صحيح هو ۽ ڪير غلط."

فڪر اها ڳالهه ٻُڌي ڪجهه وقت خاموش ٿيو ۽ پوءِ نيٺ جڏهن پڪ ڄاتائين ته فهم مون سان گڏ نه هلي سگهندو ۽ آئون ان ساڻ نه وڃي سگهندس ته وراڻيائين، "ٺيڪ آهي. ڀلا، تون اولهه وڃ ۽ مان اوپر ٿو وڃان."

بس پوءِ انهن وڏي بحث مباحثي کان پوءِ پاڻ ۾ اهو طئه ڪيو ته هر ڪو پنهنجي پنهنجي دل وارو ڏگ وٺندو ۽ پوءِ نيٺ هڪ ڏينهن پاڻهي ئي خبر پئجي ويندي ته ڪير صحيح هو ۽ ڪير غلط.

"پر پاڻ وري ملنداسين ڪيئن؟" موڪلائي مهل فهم پڇيو.

فڪر ڪجهه سوچي وراڻيو، "بس تون پنهنجي رستي تي سڌو سڌو هلندو رهجان ۽ آئون پنهنجي رستي تي سڌو سڌو هلندو رهندس. جيڪڏهن پاڻ ائين ڪنداسين ته مون کي لڳي ٿو ته پاڻ هن ساڳي ئي جاءِ تي اچي ملنداسين."

بس پوءِ ان پهرئين ڏينهن کان فڪر روشني ڏي رُخ ڪيو ۽ فهم اونده ۾ گم ٿي ويو.

❋

صديون گذري ويون. ۽ هُو ٻئي جٽا پنهنجي پنهنجي رستي تي سدا سدا هلندا رهيا ۽ هڪ ڊگهي عرصي کان پوءِ اڄ هن ساڳي ئي جاءِ تي اچي مليا، جتان پهرئين پهرئين ڏينهن جدا ٿيا هئا.

اڄ کان گهڻو اڳ، شروع واري ڏينهن، جنهن ڏينهن هُو هڪٻئي کان وڇڙي رهيا هئا، پنهنجا پنهنجا رستا الڳ ڪري رهيا هئا، ان ڏينهن ته انهن ٻنهي جي حالت ساڳي هڪجهڙي ئي هئي؛ پر اڄ هُو هڪٻئي کان ٻنهه مختلف هئا.

اڄ انهن جي حالت منجهان ائين ٿي لڳو، جڻ فڪر پنهنجي هٿ سان ته ڪڏهن ڪڪ پڃي ٻيٽو به نه ڪيو هو ۽ ان جي برعڪس فهم جي حالت اهڙي هئي، جڻ هن ان صدين جي ڊگهي سفر ۾ ڪڏهن ڪا گهڙي ويهي سُک جو ساهه نه کنيو هو.

اڄ فهم جي ڏاڙهي وڌيل هئي، هن جي پيرن ۾ سادي چمپل هُئي. هن جي هٿ ۾ ڊگهي تسبيح هئي. هن جو لباس لنڊو هو. هُو زندگي جي لذتن کان محروم ٿي لڳو. هن جي چهري منجهان هن ڪائنات لاءِ بيزار گي ٿي بکي. فهم جي اهڙي حالت جي برعڪس اڄ فڪر بلڪل تيار لڳو پيو هو. هُو پينٽ شرٽ ۾ ڪلين شيوَ هو. هن جي اکين تي برائون چشمو لڳل هو. هن جا وار سنواريل هئا. هن جي پيرن ۾ قيمتي جتي پاتل هئي. هن جي ٻانهن ۾ خوبصورت واچ ٻڌل هئي، هن جي ڪُچي ۾ سونو لاڪٽ هو. هُو ملڪل تيار پئي لڳو، هن جي انگ انگ منجهان زندگي پئي بکي.

فهم اڄ تڪجي تڪجي سهڪي ان جاءِ تي پهتو هو پر هن فڪر کي اتي اڳ ۾ ئي تيار ويٺل ڏٺو ته اچرج ۾ پئجي ويو.

"ائين ٿو لڳي ته تو ته ڪک پڃي ٻيٽو به ناهي ڪيو؟" فهم چيو.

"فڪر ڪک پڃي ٻيٽو نه ڪندو آهي. فڪر ته بس فڪر ئي ڪندو آهي." فڪر مُرڪندي وراڻيو.

"ڀلا ٻُڌا، تو صديون اڳ وارو اهو راز پروڙيو؟" فهم پڇيو.

"پهرين تون ٻُڌا؟" فڪر پڇيو.

"ها." فهم پنهنجي پيشاني تان پگهر جا ڦڙا اگهندي وراڻيو، "هزارين سالن جي ڊگهي رولاڪي کان پوءِ وڃي پروڙيم."

"ڇا پروڙيئي؟"

"اهو پروڙي ورتو اٿم ته پاڻ کي هڪڙي خدا اُپو ڪيو آهي. اهو ئي هر شيءِ جو مالڪ ۽ خالق آهي، ڪائنات جو ذرو ذرو ان جي تابع آهي. هن جي حڪم کان سواءِ پن به ڪو نه ٿو ڇڙي." فهم جي ڳالهه ٻُڌندي فڪر جي منهن تي مُرڪ ڦهلجي وئي. فهم پنهنجي ڳالهه جاري رکندي وراڻيو، "پر انهي هڪڙي خدا تائين پهچندي پهچندي مون وڏا ڪشالا ڪٽيا."

"ڪهڙا ڪشالا؟" فڪر پڇيس.

"مون پاڻي جي پوڄا ڪئي، مون سج چنڊ ۽ تارن جي پوڄا ڪئي. مون جانورن ۽ وڻن جي پوڄا ڪئي. مون انيڪ خدائن جي پوڄا ڪئي. ائين سمجهه ته ڪائنات جي ذري ذري جي پرستش ڪري ڪري صدين جي ڪٺن سفر کان پوءِ آئون اچي هڪڙي واحد خدا وٽ پهتو آهيان." فهم ڪجهه اطمينان سان پنهنجي ڊگهي وڌي ڏاڙهي ۾ هٿ ڦيريندي وراڻيو، "هاڻي بس آئون هر وقت پنهنجي خالق کي ياد ڪندو آهيان. روزا رکندو آهيان، نماز پڙهندو آهيان ۽ ڏاڍي اطمينان سان رهندو آهيان."

فڪر، فهم جي ڳالهه ٻُڌندو رهيو. ڳالهه پوري ٿي ته اطمينان سان چيائين، "ڏاڍو سٺو. بهترين."

"ها، هاڻي ڀلا تون ٻُڌاءِ؟" فهم پڇيو.

"مون ٻه اهو ساڳيو ئي راز پروڙيو آهي." فڪر وراڻيو.

فڪر جو اهو جواب ٻُڌي فهم کي ڏاڍي حيرت ٿي. هن جي من ۾ مونجهه ٿي پئي، هن پڇيو، "جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ تنهنجي حالت مون جهڙي ڇو نه آهي؟" فهم پنهنجي هٿ ۾ تسبيح جا داڻا ڦيريندي پڇيس، "ڀلا تون هر وقت پنهنجي خالق کي ياد ڪندو آهين مون وانگر؟"

"مان ياد نه ڪندو آهيان تو وانگر." فڪر مرڪيو ۽ وراڻيائين، "پر مان وساريندو ناهيان پنهنجي خالق کي ڪنهن به وقت."

"ان جو وري ڪهڙو مطلب ٿيو؟" فهم پڇيو.

فڪر، فهم کي سمجهائيندي چيو، "اهو سڀڪجهه هيئنءَ آهي جو ڪي به دوست خادم ۽ عالم جدا ٿيڻ مهل هڪٻئي کي چون ته، مون کي وساري نه ڇڏجان، مون کي هر وقت ياد رکجان!" فڪر وراڻيو. "۽ پوءِ انهن ٻنهي دوستن منجهان هڪڙو وڃين، هر وقت 'عالم. عالم. عالم. عالم. ڪري ياد ڪندو رهي ۽ ٻيو وڃين پنهنجو ڪم ڪندو رهي، باقي دوست کي بس شعور ۾ رکي، وساري نه!" فڪر، فهم جي تسبيح ڦيريندڙ هٿن ڏانهن نهاريندي چيو، "تون هر وقت، 'الله الله الله.' ڪري الله کي ياد ڪندو ٿو رهين." فڪر پنهنجا هٿ هوا ۾ لهرائيندي چيو، "۽ آئون وري پنهنجو ڪم ڪندو ٿو رهان. پر پنهنجي ڪم ۾ الله کي وساريان ڪونه ٿو. پنهنجي شعور ۾ رکان ٿو."

"ته ڇا تون روزا نه رکندو آهين؟ ۽ نمازون به نه پڙهندو آهين؟" فهم پڇيس.

"نه، مان روزا نه رکي سگهيس، مون نمازون نه پڙهيون، پر مون انهي وقت ۾ سوچيو ۽ ٻجلي ناهي، مون بلب ناهيو، مون انجڻيون ناهيون، مون دوائون ناهيون، مون فطرت جي حسن جو پرچار ڪيو. مون

## غزل



### ولي ٽگڙ

تون نہ آهين نہ آس ڪمري ۾
زندگي آ اداس ڪمري ۾
تو پڇاڻا بہ تنهنجي خوشبو آ
اڄ بہ آ تنهنجو واس ڪمري ۾
درد غم ساڻ پاڻ وندرايان
ڪا خوشي ناهي خاص ڪمري ۾
تنهنجي يادن جو عڪس باقي آ
آس آهي نراس ڪمري ۾
تون جي ايندين 'ولي' ڪبيون عيدون
آتي تولاءِ آس ڪمري ۾. ■

گيت لکيا، مون نغما ڳايا. مون آرام ۽ سڪون لاءِ انيڪ ايجادون ڪيون!“ فڪر وراڻيو.

”پر تو کي خبر ناهي ڇا تہ دلين کي سڪون ۽ آرام تہ الله جي ذڪر سان ئي ملندو آهي.“ فهم سوال ڪيو.

”پر تو ڇا اهو نہ ٻُڌو آهي تہ، گهڙي جو فڪر، عمر جي عبادت کان افضل آهي.“ فڪر وراڻيس.

فهم ڪجھ ڳالهائي نہ سگهيو. فهم کي ماٺ ڏسي فڪر وراڻيو، ”ذڪر درحقيقت روز جو ساڳيو ئي سبق آهي، ۽ آئون روز جو ساڳيو سبق نہ پڙهندو آهيان، آئون روز نئون سبق وٺندو آهيان ۽ اڳتي وڌندو رهندو آهيان. اها ئي منهنجي فطرت آهي.“ فڪر پنهنجي ڳالھ جاري رکندي وراڻيو، ”ذڪر ورجاءَ آهي، ذڪر هڪ قسم جو بند آهي، جنهن وٽ فڪر نہ هوندو آهي، ان وٽ ذڪر هجڻ ضروري هوندو آهي ڇاڪاڻ تہ بي فڪر هميشہ غلط ئي سوچيندو آهي سو انکري ان لاءِ بهتر ئي آهي تہ اهو غلط سوچڻ جي سامهون ذڪر جو بند ٻڌندو رهي ۽ مضبوط کان مضبوط تر ڪندو رهي.“ فڪر وراڻيو، ”باقي اهو، جنهن وٽ فڪر هجي، جيڪو ڪجھ بهتر سوچي سگهي سو ذڪر نٿو ڪري سگهي، ڇاڪاڻ تہ فڪر جي اڳيان ذڪر جو بند ٻڌي نٿو سگهجي. اها بيوقوفي آهي.“

فڪر جي ڳالھ ٻُڌي فهم جا ٻئي هٿ مٿي تي اچي ويا ۽ هُو ائين محسوس ڪرڻ لڳو، ڄڻ هن سڄي عمر ائين ئي اجائي وڃائي ڇڏي. هن کي ائين لڳو ڄڻ هُو غلط ۽ فڪر صحيح هو. هن جي انهي احساس جون ريکائون جڏهن سندس پيشاني تي واضح ٿيون تہ فڪر ڏانهنس نهاريندي چيو، ”تون بہ غلط نہ هئين. اصل ڳالھ هي آهي تہ تنهنجو رستو الڳ ۽ منهنجو رستو الڳ هو. پاڻ شروع کان ئي ڏس ڳڏ هڪ ئي راھ تي هلڻ جي لاءِ مطمئن ٿي نہ سگهياسين!“ هن فهم جي پُٺي ٺپيندي وراڻيو، ”ڏس ڪنهن بہ ڪم، ڪمائي جا ٻہ ذريعا ٿيندا آهن، هڪ جسماني ۽ ٻيو ذهني. ڪي ماڻهو ڏس تہ واپار ڪندا آهن، نوڪريون ڪندا آهن، سي يعني تہ پنهنجي ذهن سان ڪم ڪندا آهن. ۽ ٻيا وري اهي آهن جيڪي محنت ۽ مزدوري ڪري ڪمائيندا آهن، يعني اهي جسم سان ڪم ڪندا آهن.“ فهم کي سمجهائيندي فڪرچيو، ”ساڳئي ئي نموني سان عبادت بہ ڪم آهي، ڪمائي آهي، جنهن جي ڪرڻ جا بہ ٻہ ئي طريقا آهن، هڪ جسماني ۽ ٻيو ذهني. روزا، نمازون توڙي ورد وظيفا اهي سڀ غلط نہ چئبا پر جسماني ذريعا آهن ۽ ٻيو ذريعو آهي سوچ ۽ ويچار يا ڌيان ۽ گيان، جيڪو ذهني آهي. ڳالھ فقط ايتري جو آئون فڪر آهيان سو مون وٽ ذهن آهي ۽ تون فهم آهين سو تو وٽ جسم آهي.“

فڪر جي ڳالھ ٻُڌي فهم ڪجھ دير ماٺ رهي پڇيس، ”مون کي سمجھ ۾ نٿو اچي تہ پوءِ تو آخر ڪهڙو خدا ڳولهي لڌو آهي؟“

فڪر مُرڪندي چيس، ”اهو ئي خدا جيڪو تو ڳوليو آهي، اهو ئي خدا، جنهن تو کي ۽ مون کي اپو ڪيو، اهو ئي خدا جيڪو هر شيءِ جو مالڪ ۽ خالق آهي، ڪائنات جو ذرو ذرو جنهن جو تابع آهي. اهو ئي خدا، جنهن جي حڪم کانسواءِ پن بہ نٿو ڇُري، پر...“

فهم اڪيون کٽي 'پر' جو مطلب پڇڻ چاهيو تہ فڪر وراڻيو، ”پر بس فرق رڳو ايترو جو تون ان کي خدا ٿو چوين ۽ آئون وري ان کي فطرت.“

”پر منهنجي خدا تہ نماز ۽ روزي جي تاڪيد ڪئي آهي.“ فهم پريشاني منجهان چيو.

”مون پهرين بہ چيو تہ اهو عبادت جو جسماني ذريعو آهي، جيڪو انهن عام ماڻهن جي لاءِ آهي جيڪي فڪر وارا نہ آهن. انهن جي لاءِ اهو سڀ کان بهترين طريقو بہ آهي.“ فڪر وراڻيو، ”باقي فڪر وارا انهي واٽ تي هلي نٿا سگهن. تون پاڻ ئي سوچ تہ ڪيئي اولياءَ ۽ ولي بہ شروع ۾ تہ ان واٽ تي هليا پر جڏهن پاڻ سُڃاتائون ۽ سمجهي ورتائون تہ انهن وٽ فهم نہ پر فڪر آهي تہ پوءِ انهن اهي سڀ جسماني مشقون ڇڏي ڏنيون.“

فهم ڪجھ دير ترسي پيو ۽ پوءِ پڇيو، ”مون کي هڪڙي ڳالھ سمجھ ۾ نٿي اچي.“

”ڪهڙي؟“ فڪر چيو.

”ڏس، اوليا ولي تہ اجا بہ پُنتي رهيا.“ فهم پڇيو، ”تون ٻُڌاءِ تہ جيڪڏهن تون صحيح آهين تہ پوءِ تو واري ڳالھ پيغمبرن ڇو نہ پهچائي؟ انهن ڇو نہ نمازون ڇڏيون ۽ روزا ڇڏيا؟ انهن وٽ تہ هو ئي فڪر.“

فهم جي اها ڳالھ فهم کي گهڙيون ڇتائي سندس چهري ڏانهن خاموشي سان نهاريندو رهيو ۽ پوءِ مُرڪي وراڻيائين، ”تو اها تمام پياري ڳالھ پڇي آهي.“

فهم متوجہ ٿيو تہ فڪر پنهنجي ڳالھ شروع ڪئي، ”ان جو سبب هيءَ آهي تہ هن دنيا ۾ فڪر وارا تمام گهٽ آهن ۽ فهم وارا تمام گهڻا. تون جن پيغمبرن جي ڳالھ پيو ڪرين، سي فڪر جا علمبردار هئا. اهي فڪر جي عروج تي هئا، ۽ فڪر جي انهي علمبرداري ۽ عروج جي تقاضا اها ئي هئي تہ اهي عام ماڻهن کي ڪنهن نہ ڪنهن نموني سان اهڙي ڪرت ڏئي وڃن جو اهي آرام ۽ سڪون سان پنهنجي زندگي گذاري سگهن ۽ ٻين لاءِ ڪو مسئلو نہ ڪن. اهو ئي سبب آهي جو انهن مان ڪيئي تہ پنهنجي جان بہ ڏئي ويا پر اهو راز آشڪار نہ ڪيائون جيڪو آئون اڄ تو کي ٻُڌائي رهيو آهيان.“

فڪر جي اها ڳالھ ٻُڌي فهم جي اچرج جي انتها نہ رهي. هُن وٽ هاڻي بحث ڪرڻ لاءِ ڪا بہ ڳالھ باقي نہ رهي هئي سو هُو ڪافي دير ائين ئي حيراني جي عالم ۾ ئي ويٺو رهيو ۽ پوءِ آخر ۾ فڪر کان پڇيائين، ”يار مون کي پلا اهو ٻُڌاءِ تہ آئون تو تائين ڪڏهن پهچندس؟“ ■



### امداد حسيني

بس مٽرئي هُن ساڻ نسبت ٿي وئي
شهر ۾ پنهنجي بہ شهرت ٿي وئي
فيض ساقيءَ جو هُئو ڪلھ رات عام
شيخ صاحب جي بہ پُورت ٿي وئي
ها، ڪڏهن قربت لڳي دُوريءَ جيان
۽ ڪڏهن دُوري بہ قربت ٿي وئي
ڄامڙو بيٺو چڙهي منبر مٿان
هُن جي اوچي قد قامت ٿي وئي
سَو وڃايوسين، وڃايوسين نہ ساءُ
پنهنجي ڪجھ اهڙي طبيعت ٿي وئي
محب، من موهن، مٺا، منٺار، ميت
ٿي وئي توسان محبت ٿي وئي

(ق)

ڇو الائي پاڻ پنهنجو پاڻ کان
پاڻ کي 'امداد' نفرت ٿي وئي
ڇو الائي پاڻ پنهنجو پاڻ سان
پاڻ کي 'امداد' الفت ٿي وئي.

### ۽ تڏهن...

هڪڙي سنسان رستي مٿان
مان پيو هوس بي جان پٿر جيان
اوچتو اوچتو
ڪنهن بہ سوچيل ۽ سمجهيل رٿا ڪانسواءِ
تنهنجي پيرن جي ٺوڪر لڳي
رَتُ منهنجين رڳ منجھ ڊوڙڻ لڳو
آڱرين منجھ چُرپُر هئي
۽ تڏهن
پنهنجي ڇهري ڇُهڻ جي عجب آس جاڳي
اڪين مان اڪين سان پيڻ جي اَجهل پياس جاڳي.

### بازارَ ۾...

ٻيٽ ۽ ڪيٽ، سمونڊ ۽ درياھ
جسم ۽ اسم، ضمير ۽ ويساھ
سَتُ ۽ سيل ۽ لوئي لولي
عيد، چيٽي ۽ ڏياري، هولي
مس، قلم، لفظ، ڪتاب ۽ ٻولي
شهر ۽ ڳوٺ، وسيون ۽ واهڻ
رند ۽ پنڌ، گهٽيون، گهيڙ ۽ گس
ٽٽَ ٽانگر ۽ ادارا عهدا
اڄُ بازار ۾ ڇاڇا ناهي
شرم ناهي ٻيو سڀ ڪجھ آهي. ■



# نوجوانن ۾ مطالعي جي کوٽ...

**رپورٽ ۽ تصويرون: وحيد رزاق مستوئي**

سنڌ ۾ ويجهي ماضيءَ کان ڪتابن پڙهڻ جو رجحان جيئن پوءَ تيئن گهٽجي انهي دنگ تي پهتو آهي تہ ڪن ٿورن ماڻهن کانسواءِ باقي نوجوان نسل جي اڪثريت ڪتابن جي مطالعي ڏانهن لاڙو ئي ناهي. حقيقت ۾ ڪتاب بهترين هٿيار آهي جيڪو ماڻهو ۾ ماڻهپو پيدا ڪري ٿو پر اڄوڪي دور ۾ ڪتاب کان وڌيڪ نوجوان ڪپڙن جي خريداري کي اهميت ڏين ٿا. ٽيڻ تہ ائين گهرجي تہ پراڻن ڪپڙن ۾ وقت گذارجي ۽ نئون ڪتاب خريد ڪجي، نہ رڳو ڪتاب خريد ڪجي پر ان جو مطالعو اوترو ئي اهم آهي. اهڙي ڪتاب پڙهڻ واري رجحان گهٽجڻ يا ڪجهہ ماڻهن جي اجا تائين مطالعي واري شوق جي ڇنڊ ڇاڻ جي لاءِ ”نوجوان نسل ۾ مطالعي جي کوٽ“ جي عنوان هيٺ سنڌي ادبي سنگت مورو پاران شمع ڪمپيوٽر سينٽر تي سيمينار ڪرايو ويو جنهن ۾ شاعرن، اديبن، دانشورن، صحافين سميت عورتن ۽ نوجوانن ڀرپور شرڪت ڪئي ان موقعي تي ساهتي پرڳڻي جي ساڃاهہ وندن جو چوڻ هو تہ مطالعي جو رجحان گهٽجڻ سبب سماجي شعور جي ترقي ۾ رڪاوٽون آهن سماج جي وڏي آبادي عورتون گهرن ۾ بند آهن جنهن ڪري صحيح رُخ ۾ سماج جي اوسر نہ ٿي ٿئي ڪتابن کان خالي گهر روحاني تسڪين بنا ماڻهو وانگر آهي ڪتاب پڙهڻ وارا سماج جا سڌريل فرد هوندا آهن. هن سيمينار ۾ صدارتي خطاب ڪندي نئين ٺهي جي ڏاهي يونس راهو چيو تہ سنڌ ۾ ترقي پسند تحريڪ جو ڪمزور ٿيڻ ۽ غير معياري ادب جيڪو زندگي کان اوپرو آهي ان ڪري مطالعي جو رجحان گهٽجي ويو ۽ سماجي شعور ۾ وڏي رڪاوٽ آئي آهي. هن وڌيڪ چيو تہ سماج جي وڏي آبادي عورتون گهرن ۾ بند آهن ان ڪري بہ سماج جي اوسر صحيح رُخ ۾ نہ ٿي ٿئي حالتن کي سمجهڻ جي لاءِ علم ۽ علم لاءِ ڪتاب ضروري آهي جيئن علم روشني آهي تہ ادب رنگن جي اندلٺ آهي، هن وڌيڪ چيو تہ سماج جي سائنس مان خبر پوندي تہ اڄ جو ٻار خوراڪ کان بہ واجهيل آهي. سماجي اڳواڻ محمد اسلم ڪوريجو چيو تہ حق سچ صحيح غلط جي خبر لهڻي آهي تہ مطالعو ضروري آهي ڪتاب نہ پڙهڻ جو سبب وقت جي کوٽ آهي نوجوانن

کي ڪتاب پڙهڻ لاءِ لائيبريرين جو رُخ ڪرڻو پوندو، هن وڌيڪ چيو تہ نوجوان لاپرواهي نہ ڪن ڪتاب تہ ضروري پڙهن ۽ اخبارن جا ڪالم توڙي رسالن جا مضمون بہ سندن ذهني شعور کي ٽيڪ ڏيندا هن چيو تہ اسان جي سماج جي حالت اها آهي هوٽلون ڀريل آهن ۽ ڳوٺن جون اوطاقون خالي آهن. نوجوان نقاد خليق ٻگهيو چيو تہ ڪتاب شعور جي سجاڳي آهن مطالعي سان ڄاڻ وڌي ٿي ۽ اخلاق پيدا ٿين ٿا مطالعو ماڻهو کي ذهني اخلاقي توڙي روحاني آسودگي بخشيدو آهي ڪمپيوٽر، ٽيليويزن ۽ موبائلون هوندي بہ ماڻهو ويڳاڻپ ۽ اڪيلائي جو شڪار آهي ان ڪري ڪتابن ۽ ڪمپيوٽر جي لائيبريري مان بہ مطالعو ضروري آهي. هن وڌيڪ چيو تہ عقل ڪانپوءِ علم وارن ترقي ڪري مريخ تي زندگي ڳولين پيا جديد دور ۾ ڪمپيوٽر ضروري آهي چو تہ ڪمپيوٽر ۾ جيڪا لائيبريري آهي نوجوان ان طرف توجهہ ڏين ادارن جون لائيبريريون ختم آهن ڪو پڇا وارو ناهي ۽ نہ وري نوجوانن ۾ مطالعو جو ذوق شوق آهي جيڪڏهن اسان جستجو نہ ٿا ڪريون تہ وڏي بہ نہ سگهنداسين. ايڊوڪيٽ محمد سليم مستوئي چيو تہ ماضيءَ ۾ ڪتاب خريد ڪرڻ جي سگهہ نہ هوندي بہ ماڻهو ڪتابن جو مطالعو ڪندا هئا پر هاڻي ڪتاب هوندي بہ ماڻهو ڪتاب نہ ٿا پڙهن مطالعي سان سمجهہ وڌندي آهي ۽ شعور وارو ماڻهو سيني کان وڌيڪ طاقتور هوندو آهي هن وڌيڪ چيو تہ اڄ جو نوجوان مهانگا وڳا خريد ڪري فخر محسوس ڪن ٿا پر ڪتاب جي خريداري جو شوق ناهي جنهن ڪري ذهني غربت ڏينهون ڏينهن وڌندي پئي وڃي. نوجوان ڪهاڻيڪار اظهار مخدوم چيو تہ مطالعي سان ماڻهو جو ڪردار ٺهندو آهي جيڪي مدبر مفڪر بڪ بدحالي ۾ بہ ڪتابن کي پڙهي شاندار زندگي گذاري ويا. اڄ انهن مدبر ماڻهن جو نسل ڪتاب نہ پڙهڻ جي ڪري مايوسي ۾ مبتلا آهي اڳي پڙهڻ پڙهائڻ سان رونقون هيون پر اڄ اهڙو رجحان ختم ٿي ويو آهي تربيت ناهي ان ڪري سٺن ڪردارن جي کوٽ محسوس ٿئي ٿي هن وڌيڪ چيو تہ اڳ ۾ اسٽڊي سرڪل هئا ۽ سياست ۾ بہ سچائي جي ڪري عروج هيو ون يونٽ کان وٺي مارشلائن جي ظلم تشدد

وارن دورن ۾ بہ بهترين ڪتابن جا مطالعا ڪيا ويا اڄ ڪمپيوٽر ماڻهو کي اڪيلو ڪري ڇڏيو آهي اڳي ڪتاب گفٽ ڪري عزت ڏيڻ وڌڻ جو رجحان هيو بحث مباحثا ٿيندا هيا گهر اسڪول ۽ ادارن جو اهو رول نہ رهيو آهي ڪاروباري ذهن وقت جي قلت ڄاڻائي هنن موضوعن کي فضول ٿا سمجهن جنهن جي تربيت ناهي تہ ان وٽ ڪتاب جو قدر ڪونهي اهوئي ماڻهو ماحول کان ڪٽيل آهي. نوجوان شاعر خالد ساحل ڪيريو چيو تہ مطالعي وارا ماڻهو بہ تاريخ ٺيندا آهن جنهن ڪري اهي ڪڏهن بہ مٽجي نہ ٿا سگهن ڪتابن کان خالي گهر ائين آهي جيئن روح کان خالي ماڻهو ڪتاب مان علم جي تاس پوري ٿئي ٿي مطالعو نہ ڪندڙ سٺو مقرر، سٺو شاعر، ليکڪ ۽ معاشري جو مڪمل فرد ٿي نہ ٿو سگهي هن وڌيڪ چيو تہ اسان کي ضمير سجاڳ ڪرڻا پوندا ڇاڪاڻ تہ مطالعي سان همت ۽ حوصلو وڌندو آهي ڪتاب کان وڌيڪ ڪو بہ دوست ٿي نہ ٿو سگهي جيڪو فرد سماج جي ڪم نہ ٿو اچي اهو بہ نامڪمل آهي. نوجوان ڪهاڻيڪاره ناياب سولنگي چيو تہ جيئن عورت جي سونهن زيور آهي تيئن ڪتاب گهر جي سونهن آهن هاڻي اسان جي معاشري ۾ لائيبريريون اٽلپ آهن پر اسان کي ذاتي لائيبريريون قائم ڪرڻ کپن تعليم جو رجحان ڪمرشل ٿي وڃڻ ڪانپوءِ شعوري ۽ اخلاقي رجحان بہ ختم ٿي ويا آهن هن وڌيڪ چيو تہ پڙهيل لڪيل نياڻيون مهانگا ميڪ اپ خريد ڪري فطري سونهن بگاڙين ٿيون پر ڪتاب خريد ڪري پنهنجي ڄاڻ وڌائڻ ۾ عيب سمجهن ٿيون. شمع پرائيوٽ پبلڪ هاءِ اسڪول جي شاگردياڻي اقراء بتول مستوئي چيو تہ اسان وٽ درين ۾ ڪتاب پيا آهن پر اسان جي لاپرواهي جي ڪري اهي تباهہ ٿي رهيا آهن اسان غير ذميواري جو مظاهرو پيا ڪيون سيني شاگردن کي ڪتاب پڙهڻ کپن ۽ ڪتابن جي حفاظت جي ذميواري محسوس ڪن. سنڌي ادبي سنگت موري جي سيڪريٽري رزاق مستوئي چيو تہ ڪتاب نہ پڙهڻ جي ڪري نوجوان نسل جو سماجي براين ڏانهن وڌيڪ لاڙو آهي جيڪي ڪتاب پڙهن ٿا اهي ئي هن معاشري جا مانائتا فرد آهن ڪتابن، رسالن، اخبارن جو مطالعو ڪرڻ سان گڏ ڪچهرين مان بہ گهڻو ڪجهہ حاصل ڪري سگهجي ٿو ان ڪري اسان کي ادبي ڪچهريون ۽ ڪتابن پڙهڻ ڏانهن وڌيڪ ڌيان ڏيڻ گهرجي اهڙا عمل سماج ۾ تبديلي جو اهڃاڻ هوندا ۽ اسان نئين سنڌ جوڙڻ وارو خواب ساڀيان ڪري سگهون ٿا. ان کان علاوه اسلم عباسي، بابر مقدر ميمڻ، نويد رضا مستوئي، وحيد رزاق مستوئي، الطاف سومرو ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو. ■

# ڪهاڻي جي اهميت...

سنڌي ادبي سنگت سنڌ سميت ايشيا جي اديبن جي وڏي ۾ وڏي ۾ تنظيم آهي جنهن جي وسيلي سنڌي ادب ٻولي توڙي ثقافت کي اجاگر ڪيو وڃي ٿو جتي مرڪز ۽ ٻيون شاخون پنهنجي وت وس آهر ڪم ڪن پيون اتي سنڌي ادبي سنگت شاخ مورو سنڌ ۾ انتهائي سرگرم ۽ متحرڪ شاخ آهي هن شاخ ۾ تمام باشعور محنتي ۽ ادبي ساڃاهہ رکندڙ اديبن جو وڏو حلقو موجود آهي هي شاخ محنت مستقل مزاجي سان پنهنجو الڳ مقام حاصل ڪندي پئي اچي هن شاخ ۾ ادبي گڏجاڻيون ۽ شعور ڏيندڙ ڪلاس هلن پيا سيڪريٽري جي

پرعزم ۽ مسلسل محنت سبب ويتر هن شاخ جو مان مٿيرو ڪيو آهي ليڪچر پروگرام، رهاڻيون، ڪتابي مهرتون، ڪتابي اڀياس، ورڪشاپ، ادبي تعليمي ڪانفرنسون، ثقافتي پروگرامن ۽ مذاڪرن جو سلسلو شروع ڪيو ويو آهي ان سلسلي جي ڪڙي طور منفرد موضوعن تي بحث مباحثا ڪيا وڃن ٿا يونائيٽيڊ پبلڪ اسڪول ۾ ڪرايل مذاڪري ۾ ساهتي پرڳڻي جي اديبن سنڌي ادبي سنگت شاخ موري پاران ”سنڌي ادب ۾ ڪهاڻي جي اهميت“ جي عنوان هيٺ ٿيل مذاڪري ۾ چيو آهي تہ سنڌي ادب ۾ ڪهاڻي جي اهميت مُنڍيءَ جي ٽِڪ وانگر آهي جديد

ڪهاڻي جو تاجيپيٽو ڪمزور آهي ماضيءَ جي ڀيٽ ۾ ڪهاڻي جو عروج جهڪو ٿيو آهي پر ڪهاڻي اڃا مُئي ناهي ڪهاڻي کي وڌيڪ سگهارو بڻائڻ لاءِ تربيت جي ضرورت آهي. ان موقعي تي صدارتي تقرير ڪندي نئين ٺهي جي دانشور اظفر سعيد ميمڻ چيو تہ ادارا فردن جي حوالي هوندا آهن پر ٿيندا قومي ملڪيت آهن ڏاريو ادب نہ پڙهڻ ڪري اسان ڪهاڻي جو تقابلي جائزو وٺي نہ ٿا سگهون. اڄ اهي نقاد ناهن جنهن ڪري ڪهاڻي جي ڇنڊ ڇاڻ نہ ٿئي سينئرن جي ڀيٽ ۾ نوجوانن جي ڪهاڻين ۾ جهول آهن هن وڌيڪ چيو تہ ڪهاڻيڪار گهٽا آهن پر قاري ڪونهن جنهن ڪري کوٽ نظر پئي اچي. هن چيو تہ افسانو مختصر ۽ ڪهاڻي ڊيگهاري ٿيندي آهي افساني ۾ هڪ ئي واقعي کي ڪٿبو آهي ۽ ڪهاڻي ۾ زمان مڪان جي ڳالهہ هوندي آهي ڪهاڻي جي ڪردار نگاري ۾ توازن نہ ڪبو تہ جهول ظاهر ٿيندا آغاز ۽ انجام بہ هجي. شروع ۾

ترجما ڪيا ويا بعد ۾ ڪهاڻي ڪمال جي حد تائين ترقي ڪئي هاڻي ڪهاڻي جو ٽريند بدليو آهي. ناميار محقق پروفيسر ڊاڪٽر محمد لائق زرداري چيو ته ڪهاڻيڪارن ادب جي خدمت ڪري ان ۾ جان وڌي پر مطالعي جو شوق گهٽ هجڻ جي ڪري ان جي اهميت ظاهر نه ٿي آهي علم ۽ ادب مان شعور ملي ٿو ۽ ذهني سڪون حاصل ٿئي ٿو ڪهاڻي جو اثر نسل ۽ سماج تي پوي ٿو ان ڪري اهڙي ڪهاڻي جي ضرورت آهي جيڪا سماج کي فائدو ڏئي. هن چيو ته نوجوان شاعري ۽ ڪهاڻي جو مطالعو ڪن پر ان سان گڏ تاريخ جو علم به پڙهن چاڪاڻ ته هر علم جي پنهنجي جاءِ تي اهميت آهي ۽ هر صنف ڪم جي آهي. ناميار شاعر منظور شاهه منظور چيو ته ادب ۽ سماج جو اڻ ٽٽ رشتو آهي ۽ قومون ٻولين سان سڃاڃن ٿيون هن وقت ادب ۾ صحتمند سائنسي رُخ وارين ڪهاڻين جي گهرج آهي. هن چيو ته راڳي جو واسطو به ادب سان آهي ۽ ڪچهريون به ادب جو بنياد آهن اڄ جي لڪٽي سائنسي هجي رڳو وندر جي لاءِ نه هجي ڳالهائڻ توڙي ڳائڻ بيسود نه هجي حالات موجب هجي ته اتساهه ملندو ۽ معاشري کي سڻي رستي تي وٺي ويندو. ناميار نقاد خليق ٻگهيو چيو ته سنڌي ڪهاڻي زنده آهي جيڪا سوچ جو زاويو وڌائي ٿي پر عالمي سطح جو نثر نٿو لکيو وڃي اڄ ڪلهه ادب کي شوبز جي دنيا ڪيو ويو آهي ادب ماڻهو کي پوڙهو ٿيڻ نه ٿو ڏئي ان جي خوراڪ مطالعو ۽ لکڻ آهي. هن چيو ته ڪهاڻيڪارن ۾ اڄ جي دور ۾ به وڏا نالا موجود آهن اسٽڊي سرڪل به نه رهيا آهن ۽ اهو حلقو به ناهي ۽ ذوق ڏيارڻ وارا به نه رهيا آهن هن چيو ته اسان ادب وارو ادب نه ٿا لکون صرف پٽڪا ٻڌڻ ۽ لاهڻ لاءِ ڪم پيا ڪريون رسول بخش پليجي ڪانپوءِ نقاد پيدا نه ٿيو آهي جنهن جي ڪري اڄ جي ڪهاڻي ۾ اها لذيت ناهي رهي اسان وٽ طارق اشرف جهڙو ايڊيٽر ۽ شيخ اياز جهڙو شاعر پيدا نه ٿي سگهيو آهي. اديب ليڪڪ رضا ايوب لانگاهه چيو ته شاعري ۾ به ڪهاڻي آهي ۽ شاعر به ڪهاڻيڪار آهي اصل ۾ ڪهاڻي ۾ مقصد هجي ته جدت ايندي نوجوان مطالعو گهٽ ٿا ڪن ان ڪري ڪهاڻي سان انصاف نه ٿا ڪري سگهون. هن چيو ته 1980ع ڪانپوءِ ڪهاڻي لکڻ جو عمل جهڪو ٿيو آهي پر ڪهاڻي مري وڃڻ وارو الزام غلط آهي سهڻي ۽ روح رهاڻ زبردست ڪردار ادا ڪيو هاڻي نوجوانن جو مطالعي ڏانهن لاڙو نه هجڻ ڪري ڪهاڻي ۾ اهو دم ناهي سوجهرو، سڳنڌ ۽ پوپٽ پلو ڪم پيا ڪن نوجوان ان ۾ لکن به ۽ پڙهن به ته ڪافي بهتري ايندي. بابر مقدر ميمڻ چيو ته ڪهاڻي نثر جو حصو آهي اڪثر رسالا نثر سان پريل آهن ان جي ڀيٽ ۾ نظم گهٽ آهي ڪهاڻي جو رس چس پنهنجو آهي. هن چيو ته امرجليل جي اها ڳالهه وزنائتي آهي ته لکڻ جا 36 ٿيم آهن جن تي هزارين ڪهاڻيون لکجن پيون امرجليل علي بابا اڄ به لکن پيا. امداد سولنگي چيو ته تخليق ڪار جا ٽارگيٽ مختلف آهن ڪهاڻي کي نوان تجربا ڪرڻ جي ضرورت آهي ڪهاڻي ۾ تنز، يو گنا ۽ مزاح جو پيغام هوندو آهي جديد سنڌي ڪهاڻي جو تاجيپيٽو ڪمزور آهي. هن چيو ته موهن ڪلبنا سنڌي ڪهاڻي کي جيڪا گولي لڳڻ واري ڳالهه ڪئي هئي ان ۾ هن جي اندروني ڪيفيت جو اظهار هو جنهن ۾ هڪ ڏک ۽ ٻي تقاضا شامل هئي سنڌي ڪهاڻي جو سفر جاري آهي طارق عالم، جمال ابڙي، نورالهديٰ شاهه، ثميره زرين ڪهاڻي کي تحريڪ جي صورت ۾ اڳتي آندو طارق قريشي سائنٽيفڪ انداز ۾ لکي پيو هن چيو ته آئون نوبل پرائز کي شڪ جي نگاهه سان ڏسندو آهيان جيئن ته ڪافر ڪهاڻي ڪانپوءِ انقلاب نه اچڻ جون جيڪي ڳالهيون ڪيون ويون تيئن رحمت الله ماجوٺي جي ڪهاڻي "ڪني مڇي" شاهڪار لکيل آهي ڪهاڻي جي صنف ۽ سماجي طور به وڏي اهميت آهي. اسلم عباسي چيو ته ڪهاڻيڪار سماج جي ڪردارن کي ڪمال جي حد تائين ڪڻي اچي ٿو ان ڪري ڪهاڻي بابت ڄاڻ ۽ تربيت جي ضرورت آهي. هن چيو ته نجم عباسي ساهتي جو وڏو ڪهاڻيڪار هو جنهن غربت، مفلسي، بک بدحالي ۽ سماج جي هر طرح جي ڪهاڻين ۾ عڪاسي ڪئي آهي اسان کي اهڙو ماحول جوڙڻو پوندو جيو ڪتاب هٿو هٿ وڪامي وڃن پر ان کان اڳ ۾ ڪهاڻي لکڻ جو ڏانءُ سيکارڻ لاءِ تربيت ڪرڻي پوندي. سماجي اڳواڻ عبدالحفيظ شيخ چيو ته ڪهاڻي جي لکڻ لاءِ اتساهه پيدا ڪرڻ کپي پر پڙهڻ ۽ عمل ڪرڻ وارن جو حلقو پيدا ڪرڻ کپي. ليڪچر ٿئي جنهن ڪانپوءِ ڪهاڻي ۾ اهڙن ڪردارن جي چونڊ ڪئي وڃي جيڪي سماج ۾ تبديلي آڻڻ جا اهڃاڻ هجن. وزير فرهاد سولنگي چيو ته سنڌي ادب ۾ دور دور جي گهرج مطابق ڪهاڻي لکي وئي عروج جهڪو ٿيو آهي پر زوال نه آيو آهي. هن چيو ته ورهاڱي ڪانپوءِ 1980ع تائين ڪهاڻي جو عروج هيو جيڪو بعد ۾ گهٽيو آهي ان زماني ۾ انٽرنيٽ نه هئي ان ڪري تفريح ۽ ضرورت هئي ڪهاڻي جو رخ زوال طرف ناهي ويو پر متاثر ضرور ٿيو آهي ماضيءَ ۾ ٿي وي تي هجوم هوندا هئا ۽ سينما گهر به وڏو مرڪز هئا هاڻي زندگي جا ونهوار وڌي وڃڻ ڪري تخليق جو عمل پوئتي ويو آهي چاڪاڻ ته جنجهٽ ختم ئي نه ٿا ٿين اها حيرت جي ڳالهه آهي جو پنجن سالن ۾ ڪهاڻي جو ڪتاب نه آيو آهي. سڪندر ڪورائي چيو ته جن يو ڳيو آهي انهن ئي لکيو آهي ڪهاڻي کي ٻڌڻ واري سگهه ڪٽي وئي آهي. ڪهاڻي اڄ جي ڪردران تي لکڻ کپي سنڌي ادب ۾ ڪهاڻي جي اهائي اهميت آهي اڄ هن موضوع کي اسان پاڻي ۾ پٽر هڻڻ سمجهون ٿا. اعجاز دونگهه چيو ته ڄمڻ کان وٺي ڪهاڻي جو سفر شروع ٿئي ٿو ڪهاڻي جي ايتري اهميت آهي جيتري ٻڪايل کي ماني جي ۽ اڃايل کي پاڻي جي ضرورت آهي. هن چيو ته نوجوانن کي ڪهاڻي کان پري نه ٿيڻ کپي ڪهاڻي لکبي ته ختم نه ٿيندي اڄ هن مذاڪري ۾ مونکي به اتساهه مليو آهي ته ڪهاڻي لکان. سڪندر جروار چيو ته ڪهاڻي اڄ به زنده آهي ادب جا سڀ پاسا بهتر آهن پر جائزي وٺڻ وارو عمل نه رهيو آهي. سنڌي ادبي سنگت شاخ موري جي سيڪريٽري رزاق مستوئي چيو ته سنڌي ادب ۾ ڪهاڻي جي اهميت مُنڍيءَ جي ٽِڪ وانگر آهي اسان وٽ مطالعي جي گهٽتائي جي ڪري فِڪري سوچ ڪمزور ٿي وئي آهي ان ڪري اڄ جي گهرج مطابق هي مذاڪراتي بحث نوان گس ۽ ڪهاڻي لکڻ جا پلاٽ مهيا ڪندا. ان کان علاوه احمد ظفر خاصخيلي، وحيد رزاق مستوئي، الطاف سومرو، ڪاشف شاهه ۽ ٻين پڻ پنهنجا رايا پيش ڪيا جڏهن ته ناميار فنڪار ماسٽر محمد حنيف چانڊيو کان لطيف جي وائي چورائي هن مذاڪري جي شروعات ڪئي وئي ۽ بعد ۾ پڻ هن پنهنجي مڌر آواز سان ڳائي خوب داد حاصل ڪيو. ■

# ڪاڇي ڪنڌي تي خليل عارف جي سالگره ...

**رپورٽ ۽ تصويرون: شڪيل سومرو**

سنڌ جي سُريلي شاعر ۽ اديب خليل عارف سان سندس جنم ڏڻ جي حوالي سان هڪ رنگا رنگ پروگرام ٿيو. هن سُرهي سانجهه جي صدارت سنڌي نظم جي خوبصورت شاعر احمد سولنگي ڪئي. جوهي شهر جي نماڻي مک تي مرڪ جا پوپٽ تڏهن مڙي پيا، جڏهن جوهي جي شهرين پاران خليل عارف کي گلن ۽ نوٽن جا هار پارائي اسٽيج تي آندو ويو. ان وقت وڄندڙ تاڙين جي رڌم ٿڌي مٺي موسم کي بسنت جو روپ ڏيئي ڇڏيو. سوجهرو رسالي جي، 'خليل عارف ڪارنر' جي مهورت سان گڏ سالگره جو ڪيڪ ڪٽيو ويو. انهيءَ تقريب جوهي جي تاريخ ۾ پيار جي لمحن کي يادگار بڻائي ڇڏيو. صدارتي خطبي ۾ احمد سولنگي چيو ته خليل عارف جديد فڪر رکندڙ ۽ هر صنف تي طبع آزمائي ڪندڙ شاعر آهي. هو شاعر ابن شاعر سان گڏ هڪ سچو ۽ کرو انسان آهي. جوهيءَ جي مٽي سنڌ ۾ هڪ الڳ سڃاڻپ رکي ٿي. هتي جي قلمڪارن وڏي شهرت ماڻي آهي. ۽ هن شهر جو نالو سنڌ ۾ اوچو ڪيو آهي. مان ته هتان جي ماڻهن جي خليل عارف سان محبت ڏسي مٽس عاشق ٿي پيو آهيان. ۽ هن جو ڳي، هن فقير سان اها محبت قائم ۽ دائم رهندي. پروگرام جي مهمان خاص ليکڪ ۽ ڊرامہ نگار ڊاڪٽر غلام قادر سومرو چيو، 'خليل عارف سنڌي ٻولي جي جهولي ۾ خوبصورت ڪتاب ارپيا آهن. هو باڪمال ڪردار جو مالڪ آهي. ماڻهن جي وڏي انگ ۾ پروگرام ۾ شرڪت سندس محبت جو ڪرشمو آهي. هي محبتي ماڻهو سپني کي گڏ ڪٽي هلڻ جو هنر ڄاڻي ٿو.' ان موقعي تي خليل عارف چيو، 'مٽي پنهنجي مهڪ سڃاتي آهي، هونئن مان ته ڪجهه به ڪونه آهيان. مون کان پنهنجي پرين جي پيار ۽ سنڌ جي سونهن لکرايو آهي. لکان پيو. ۽ لکندو رهندس. چو ته لکڻ منهنجي عادت سان گڏ منهنجي عبادت به آهي.' اعزازي مهمانن ۾ عزيز قاسماڻي، مير حاجن مير، زاهد ڄامڙي، رجب آزاد، مختيار چني، مياںداد سيلاني، ذوالفقار گاڏهي ۽ رضا لانگاهه، عبدالحميد آس ٻبر، احسان زنگيجو، قاسم لغاري، مياںداد فقير، عبدالرحمان لاهوتي، عزيز سومرو، ذوالفقار جمالي، پرويز باهوٽو، عبد مگسي، نقاد ٿهيم، معشوق برهماڻي ۽ ٻين پڻ خليل جي فن ۽ ذات تي گفتگو ڪئي. ان موقعي تي ٿيندڙ مشاعري ۾ مٿي ڄاڻايل شاعرن سميت، يامين غمگين ٻبر، نماڻو صديق مهيسر، گهايل لغاري، نذير نياز جويو، تابش بخاري، سڪندر جروار، مارو جمالي، ٻاجهي لغاري، ڏتل رودناڻي، سِڪايل ملاح، ابراهيم ملاح، عزيز سولنگي ۽ ٻين پنهنجو ڪلام پيش ڪيو. هن پروگرام ۾ ماهنامہ سوجهرو جي ڪردار جي واکاڻ ڪئي ويئي چاڪاڻ ته رسالي سوجهرو پنٽي پيل علائقي جي هڪ شاعر جو ڪارنر ڪڍي پنهجي روشن خيالي ۽ سنڌ دوستي جو ثبوت ڏنو آهي. پروگرام جي آخر ۾ راڳ رهاڻ جي محفل ٿي، جنهن ۾ صوفي فنڪارن، رضوان چانڊيئي ۽ ڪامران سيلاني، خليل عارف ۽ ٻين شاعرن جا ڪلام ڳائي محفل کي سُرخرو بڻايو. ■

## ڊسمبر هيڪلو آيو

نہ پهتو ڪو سَنيهو آ
نہ ڪا هُڪار ئي تنهنجي.
ڊسمبر هِيڪلو آيو
رُڳي آ سارَ ئي تنهنجي.

حياتي سمنڊ جون وِيرون
سفر جو اَنت ئي نَاهي
ڪُنَن مان ڪيئن تنها دل
بَتيلو بِرهَ جو ڪاهي!

چُمي تو چَنڊُ اَمبر ڪي
ڪڙيا مُوتي سِتارن جا
اسان تنهنجي خمارن جا
سمورا ڪيپ ساريا ها
چپن جون پنکڙيون چُمندي
سمورا جام هاريا ها.

پُڇوسين روز راهن کان
هوائون بي خبر آهن!
گُهلين ٿي گهاٽ ڪهڙي تي؟
نِگاهون منتظر آهن
وري آ مُند مَهڪڻ جي
ٻَڪي ٻانهن ۾ ٻهڪڻ جي
اِڇائون بي صبر آهن!
وفائون منتظر آهن.

وِصالن ڪي ورهيہ گذريا
ٻَرياسين پاڻ ڏيئڻ جان
نہ بَرسي مينهن وانگر آن
نِسوري نينهن وانگر آن

ٽِڙياسين روز ٽانگر تي
ڇٽياسين روز پن ڇڻ جان!
پريل پاڪر نہ تنهنجو آ
ٺَرياسين برف باري ۾،
ڳرياسين رات ڪاريءَ ۾!



فياض لطيف

ڪِٿي آهين، ڪِٿي آهين؟
اَڙي او موهَ جي موسم!
نسوري پُوهَ جي موسم!
ٿوابن - ڏوهَ جي موسم!

سُندرتا سُرڳ تنهنجي مان
اسان مي پيتي اڪڙين مان
سدائين اڻ - مَيُو اوتيو
ڪِٿي آ ڪو ڳِٽيو ڳوتيو!

ڪَڪَرَ جهڙو بدن تنهنجو
پِناسين جنهن جي بارش ۾
تري تو ۾، وري تو ۾
اسان هو پاڻ ئي پاتو
ڪٿي هو ڪو اهو ڇاتو
هيو جنهن لئہ هينئون آتو
اُجايل هرڻ جان تو لئہ
اُجارو ائين سدا رهندو!

اسانجو مور- تن ماندو
سدائين تانگهہ تنهنجي ۾
پٽن جا بَر پيو پَوڳي
اسان جي روح ڪي روڳي
وڃين تون ڪِٿ وسين آهين
ڊسمبر هيڪلو آيو
نہ آئي تون وري آهين. ■



## ساٿي محبوب زنگيجو

رات سڳيءَ ۾،
چنڊ مڳيءَ ۾،
چانڊوڪيءَ جي چيلهہ چري ٿي،
ويڙو ويڙو تارا اپ ۾ بيٺا آهن.
چرڪي سوچن.
چيلهہ ڇُهڻ جي قيمت ڪهڙي ڏيڻي پوندي.
تنهنجا ميڪپ،
جوشيلا چپ،
منهنجي سوچن جا سپ ويجها سرتا آهن،
پاڪر ۾ ريجهائي سارا ورتا آهن،
پرتا آهن.
جيڪي تنهنجي وارن ۾ آريٺا آهن،
مون چاهن.
ڪنگي ڪي وارن جي ٻانهي ٿيئڻي پوندي.
چير وڄي ٿي،
ويد ڪڄي ٿي،
هڪ هڪ منظر ٿو ڏيک ڏئي پنڊ پاهڻ جو،
۽ قسم ڪٽي ٿو دل ۾ توکي چاهڻ جو،
ڏک لاهڻ جو.
آ دنيا جهڙي سوچ بہ اهڙي آٽيندي،
جک چاٽيندي.
دل ڪي زهروٽيء جي گهاٽي پيٽي پوندي.
هڪڙي پُل جا،
ڏي ٿي الُڪا.
الڪن ۾ آ تنهنجو چهرو منهنجي سامهون،
محبت نامون.
پيش ڪيان ٿو گلڙن جي ٽبڻ سان گڏجي،
ويندس پلجي.
جي نہ مجي تون پو بہ حياتي جيٽي پوندي.

❊

دل ٽڙي ٿي پوي چاڳ مان چاڳلي!
تنهنجي نڪ جي ڦلي.
ياد ڏاڍو اچي.
تنهنجي گهر جي ڪُٻي ٻير جنهن تي چڙهي،
پينگهہ تنهنجو ٻڌڻ،
سپ ڪنهن سان وڙهڻ.
پينگهہ ۾ ڪيترو ساهہ تنهنجي جلي!
تنهنجي نڪ جي ڦلي.
ياد ڏاڍو اچي.
تنهنجي گهر ۾ جا ٻڪري سا ويڙهي هئي،
پو بہ آيس ڏهي.
ماءُ بہ تنهنجي پڳي.
منهنجي گهر گهٽ وڏ چوڻ لاءِ هئي تلي،
تنهنجي نڪ جي ڦلي،
ياد ڏاڍو اچي.
ڳوٺ جي ڇيڳري ۽ سريلي گهٽي،
ڏوڙ، دز، ۽ مٽي،
توسان گڏجي رُلي،
ان جي پنهجائپ دل ڪانہ آهي پلي،
تنهنجي نڪ جي ڦلي،
ياد ڏاڍو اچي. ■

## غزل

### امين پٽو

ڪا قداور گهٽي مان گذري ٿي
ڄڻ ڪا ڇولي ندي مان گذري ٿي
دل جي موسم وٽي رهي آهي
ڇوڪري زندگي مان گذري ٿي
ٻه سهيليون حسين ايڏيون جو
روشني روشني مان گذري ٿي
وار کولي ستي پئي آهي
چانڊني پک دري مان گذري ٿي
ٻي حياتي الائي ڪيئن گذري
عمر هي عاشقي مان گذري ٿي.

### منور ملاح

ڏيئو تڙپيو- رات سڄي
مون ٿئي لڇيو- رات سڄي
من ۾ ڇپيا شيشا ظاهر
جوين ٽڙڪيو- رات سڄي
ڪير ڏيئي جي رک سنيالي
ڦٽ ٿي ڀڙڪيو- رات سڄي
تارا ڇترن جهڙا آهن
جاڳ ٿي جهٽڪيو- رات سڄي
ڪونه اوهان ٻه ملڻ آيا، پر
در ٿي چرڪيو- رات سڄي
واڇوڙن سان پنهنجي ياري
پن پن وڪريو- رات سڄي
روشن پنهنجو گهر آ پر ڇو؟
اندر ڀٽڪيو- رات سڄي
درد کي ڪو رنگ ڏئي ويو
چنڊ ٿي مرڪيو- رات سڄي
ٻک کي کهڙي معنيٰ ارپيون
ٻار ٿي هُڙڪيو- رات سڄي.

### اعجاز شا اعجاز

اڃان سولو ڪٿي آهي حياتي جو سفر جانان
اڃان رولاڪ جذبن کي مليو ناهي نگر جانان
ڪري ڏرتي کي ديوارون ٿين انسان پيا ڦارون
اڃا ڪاٿي محبت جو سماجن تي اثر جانان
فدا ٿيندا وڃن منظر هوائون هوش ڪان ٻاهر
ڏسي توکي ڇُليا آهن خوشي مان هي چمر جانان
بدلجي ويو سڄو موسم وسيو مينهن اوچتو آهي
جُدائي کي ڇئي قسمت ڪيو آهي گُذر جانان
هندورو هيڪلائي جو ڏکن جو ڏٽ پنهنجو آ
مسلسل پيا اسان ماڻيو محبت جا ثمر جانان
سکيو سين سانت کي ٽوڙڻ سکي جي مشغلن مان ئي
جڏهن پاڻي ۾ گُم ٿيندي ستيو سوچي پٿر جانان
رڙيون مورن جون ريجهائن پٽُن تي ماڪ پئي موهي
ٻئي ٿر ۾ ڪَنا آهيون وري محسوس ڪر جانان.

## نثري نظم

### گلزار

### سياستدان

هو پنهنجي وعدن جي
پاڪيز گي بيان ڪرڻ لاءِ
اسٽيج سينگاريندا آهن
اسين پنهنجي اميدن جون عزتون
تاڙين جي
اجري غلاف ۾ ويڙهي
کين پيش ڪندا آهيون
اسٽيج جا بازيگر
اسٽيج تان لهي
پنهنجي خواب گاهن ۾ وڃي
اسانجي اميدن سان
همبستري ڪري ڇڏيندا آهن.

## نثري نظم

### مختيار سهتو

### حيف جنين هو...؟

ضروري خواهشن تان دستبردار ٿيندي
دشت جها ٻيندي
حالتن جون ويڏنون بارودي سُرنگهن جئين
هر گس گس ۾ ڦاٽي پيون آهن
روح جي مدام چاشنيءَ
رنگن جي بقا لڀجي چڪي
ٻوري ۾ بند لاش جئين
ڏپ ڪري وئي
ٻانهن مان چوڙيون ڇٽي ڪري پيون
ڪن ۾ ٻڇيون درد جي ڳِهٽن- هاٽيون
چچريل چچريل، بند آواز
هانءُ ڏاريندڙ حادثا
ڄڻ ماڻهو ماڻهو روبوٽ ۾
بي ضميرن جي ووٽن جي مينڊيٽ جي ڇانوَ ۾
جلي خاڪ ٿيندڙ بدن
مفاهمت جي ڇُري سان وڍيل وجود
آئيندي جي اتحادين کي ساهس ڏيئي
سنڌ کي ڳِڻون جئين ورهائي
ٽڻ غيرن کي ڏنا ويا آهن
اسين وات ٻاڙهن چورن جي ٽنول ۾
ڪوڙي پارڪو جئين ٿي ويا آهيون
جنهن کي پٽائي سمجھ ۾ نٿو اچي.

## وائي

### حيدر مهراڻي

هاءِ اتر جا جهولڙا،
مون کي چرڪائين ٿا.
تو وڏا جي تار تي،
آلڙا سپ چولڙا،
مون کي چرڪائين ٿا.
ڪير ٿو مون تي وجهي،
آئيني جا اولڙا،
مون کي چرڪائين ٿا.
اڄ ٻه شاعر کي ڇين،
راتين جا رولڙا،
مون کي چرڪائين ٿا.

## نثري نظم



### وفا صالح راڄپر

### خاموشي

ڪجھ ڳالهائيندو آهيان.
چوندي آهين،
’تنهنجو فلسفو،
مون کي سمجھ ۾ نه ٿو اچي.‘
پر جڏهن چپ ٿي ويندو آهيان.
چوندي آهين،
’مون کي اها خاموشي ماريندي.‘

### ڪاري

ڪلهه رات،
پنهنجي پيڻ کي.
ڪاري ڪري ماري ڇڏيائين.
۽ اڄ،
رات جي ڪاري چادر ۾
پنهنجي محبوبه جي
ڳلن ۽ ڳِٽن کي چمندي چوي ٿو
تون ڪير جهڙي اڇي
۽ قرآن جيان پوتر آهين.

## نظم



### هدايت ڏيپر

پاڻي پاڻي ساري سنڌڙي
ساڻي ساڻي ساري سنڌڙي

دردن مرضن آهي وڪوڙي
مولا ڪاٿي ماڻهن ٻوڙي
ڄاڻي واڻي ساري سنڌڙي

ڳوٺن سان گڏ شهر مٽي ويا
ماروئڙن جا خواب لٽي ويا
سود ڪهاڻي ساري سنڌڙي

بيواهن جان پئي ٿي ٻاڏائي
جهول جهليو جا بيٺي آ
راڄن راڻي ساري سنڌڙي

ڪامورن جا وارا ٿي پيا
ڪائو ماڻهو سارا ٿي پيا
ڳوڙهن هاڻي ساري سنڌڙي

ختم سڄي خوشحالي ٿي وئي
ڪيئي صديون پوئتي ٿي وئي
ڄڻ ته پراڻي ساري سنڌڙي. ■




## ڪامريڊ ڪريم بلوچ، لاڙڪاڻو.

محترم زيب نظاماڻيءَ جو تازو ڪتاب، ’هلو هلون اسڪول‘ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو طرفان ڇپجي مارڪيٽ ۾ پهتو ڪيو آهي. زيب نظاماڻيءَ نالي واري شاعر ڊاڪٽر ذوالفقار سيال جي ڪتاب ’اکر اکر سرهاڻ‘ تان چوري ڪئي آهي،

ڊاڪٽر ذوالفقار سيال جو نظم ’نئون قائدو‘ ڪتاب ’اکر اکر سرهاڻ‘ جي صفحي نمبر 11 تي موجود آهي،

الف =اک، بي =بدڪ
ياد ڪريو گڏجي جي سبق

زيب نظاماڻي ڪمال سان ان ڪي نظم ’الفابيٽ‘ ۾ پيش ڪيو آهي،

ا =ڪ، ب =بدڪ
سهڻا سهڻا پڙهو سبق

ڊاڪٽر ذوالفقار سيال جو شعر آهي.

ت =تارو، ٽ =ٽيلهو
ٻارن جو آمڙيو ميلو

زيب نظاماڻيءَ لکيو.

ت =تارو، ٽ =ٽيلهو
پٽ ڏٽيءَ جو لڳو آ ميلو.

ڊاڪٽر ذوالفقار سيال جي گيت جو بند آهي.

اچو علم جي لاٽ جلايون
جنهن سان سارو جڳ جرڪايون

زيب نظاماڻيءَ جو گيت آهي.

اچو علم جي جوت ساٿي جلايون
علم سان جهالت جي اوندهه مٽايون.

ڊاڪٽر ذوالفقار سيال جو نظم ’سال جا مهينا‘ آهي،

جنوري، فيبروري، مارچ
ٻاريو اونداهيءَ ۾ ٽارچ

زيب نظاماڻيءَ جا ٻول، بعنوان آهن، ’عيسوي سال جا 12 مهينا‘

جنوري، فيبروري، مارچ، اپريل
مور نچي ٿو ڳائي ڊيل.

ڊاڪٽر ذوالفقار سيال جو هڪ ٻيو مشهور گيت آهي. ڪتاب ’دعائون‘ صفحو 18

اچو اوهانکي سنڌ گهمايان
ڌرتيءَ جي مان سونهن ڏيکاريان

سندس ٻيو نظم آهي.

اچو اوهان کي سير ڪرايان
سهڻي ساري سنڌ گهمايان

زيب نظاماڻي لکيو آهي.

نگر نگر جو سير ڪرايان
دوست اوهانکي شهر گهمايان

ڊاڪٽر ذوالفقار سيال جو نظم ’تارا‘ ڪتاب ’دعائون‘ صفحو 27 تي آهي،

ننڍڙا ننڍڙا تارا ٽمڪن
ماٺهو ڌرتيءَ وارا ٽمڪن
ٽڏڙي روشني آهي وکري
چانڊوڪيءَ جا چارا چمڪن

زيب نظاماڻي جو نظم آهي ’تارا‘،

آڪاش تي تارا چمڪن ٿا
ڏيئا ڄڻ ڪي ٽِمڪن ٿا
روشن روشن سونهن پسائي
چنڊ سان ڪن ٿا چلولايون

هنن نظمن ۾ زيب نظاماڻي ته پنهنجي بهترين فن جو مظاهرو ڪيو آهي. ساڳيا موضوع ڪٽي ٽوري ڦيرقار ڪري ساڳي ڳالهه بيان ڪئي آهي.

ڊاڪٽر ذوالفقار سيال جو نظم ’ماڪوڙي ۽ ماڪوڙو‘ ڪتاب ’اکر اکر سرهاڻ‘ صفحو 43 تي آهي،

هڪڙي هئي ماڪوڙي
۽ ٻيو هو ماڪوڙو
هڪڙي ڏينهن ڏٺائون
داڻو ڪو چڪيائون
ڍوئيندا پوءِ ان کي
گهليائون گهر پنهنجي

زيب نظاماڻيءَ جو نظم ’ماڪوڙيون‘،

ننڍڙا ننڍڙا جيت ڏسو
عجب انهن جي ريت ڏسو
پاڻ ۾ ائين ملنديون آهن
گڏجي سڏجي رهنديون آهن
ڪاڏو پنهنجي گڏ ڪري.

ڊاڪٽر ذوالفقار سيال جو نظم ’پوپٽ‘ آهي. ڪتاب ’گلڙن جهڙا گيت‘ سال 1986ع جيڪو هن طرح سان آهي،

ننڍڙو ننڍڙو پيارو پيارو
سهڻو جڳ کان آهي نيارو
منهنجي مٺ ۾ پوپٽ پيارو
رنگ برنگي پر انهن جا
پنهنجي چپٽيءَ ۾ پڪڙيان ٿو
۽ پوءِ آڱرين تي ان جو
سارو رنگ چٽي پوي ٿو
گل گل تي ٿو ڦيرا پائي
۽ هوا ۾ رنگ ڦهلائي
رنگن جو ڄڻ آ وڻجارو
منهنجي مٺ ۾ پوپٽ پيارو.

زيب نظاماڻي جو نظم آهي ’پوپٽ‘،

رنگ برنگي پوپٽ پيارا
باغ ۾ جنهن جا خواب نظارا
گلڙن جي ٿو سونهن وڌائي
سهڻا سهڻا روپ پسائي
پر جنهن جا پيارا پيارا
جن تي سهڻا چٽ نيارا
هٿ لاهيون ته رنگ لهن ٿا
چٽ پرن جا ڊهي پون ٿا
هٿ ۾ ٻارو ڪڏهن نه جهلجو.

ڊاڪٽر ذوالفقار سيال جو نظم آهي ’ٽانڊاڻو‘،

ٽم ٽم ٽم ڪري ٽانڊاڻو

زيب نظاماڻي جو نظم، ’ٽانڊاڻو‘

ٽم ٽم ٽانڊاڻو آهي.

ڊاڪٽر ذوالفقار سيال، شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو لاءِ خاص ٻارن لاءِ نظم لکيو جيڪو سندس ڪتاب ’دعائون‘ صفحو 40 تي ڇپيل آهي، ’بينظير‘،

آهي بهادر ڌرتيءَ نياڻي
منهنجي سنڌ جي سورهيه راڻي
هر ڪنهن هر هنڌ هوءَ پُڳي آ
ڪنهن کان به هوءَ ڪين ڊڄي آ
سنڌ جي سڄاڻپ آهي تقدير
جيئي جيئي بينظير.

زيب نظاماڻيءَ جو نظم آهي ’پنڪي‘

پياري منڙي پنڪي
سهڻي سڀاجهي سنڙي پنڪي
سنڌ ڌرتيءَ جي سياڻي نياڻي
راڄ ڪيائين ٻڌجي راڻي
دنيا ۾ ان جي ناهي نظير
پنڪي سا آ بينظير.

اهڙي طرح زيب نظاماڻيءَ جو سڄو ڪتاب ’هلو هلون اسڪول‘ ۾ ڪٿي نه ڪٿي ڪنهن نه ڪنهن طرح سان ڊاڪٽر ذوالفقار سيال جي شاعريءَ مان اتساهه ورتو آهي. يا چوري ڪئي آهي؟

0334-2765314




